
امداد حسيني
هوا جي سامهون
روشني

# هوا جي سامهون

## امداد حسيني

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# هوا جي سامهون هلندا رهنداسين
# پيڙ تي پڙڪندا جلندا رهنداسين

## امداد حسيني

## ارپنا

سائين ميران محمد شاهہ جي نالي
”هِجي ڪريان هيج سان، مطالع محبت“

## ڪمپوزر پاران

انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي. وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿي ڪا بہ غلطي هجي تہ ڪمپوزر پاران سمجهجو ۽ نشاندهي ڪجو.

شاهنواز ٽالپر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
sntalpur@gmail.com

# سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”هوا جي سامهون“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ناميارِي شاعر **امداد حسينيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. سحر امداد لکي ٿي:

”مان امداد کي امداد سان ئي پيٽيندس، امداد جي شاعري جا گوناگون ۽ ڪذهن چرڪائيندڙ ۽ انوکا موضوع، هن جي شاعري جو سهٽو سٽاءُ، هن جو الڳ ۽ نرالو اسٽائيل، هن جو بيحد منفرد ۽ جاندار ڊڪشن (Diction) هن جي شاعريءَ جي نغمگي ۽ اهنگ، هن جي شاعري جو لوچ ۽ رس، هن جي شاعريءَ ۾ موجود رومانويت جو رنگ، هن جي شاعريءَ ۾ موجود آفاقيت جو رنگ، صرف امداد جو ئي، صرف امداد وٽ ئي آهي. امداد حسينيءَ جي شاعري جو يڪتا رنگ نه هن کان اڳ ۾ ڪنهن جو هو، نه هن وقت ڪنهن جو آهي، نه ئي شايد هن کان پوءِ ڪنهن وٽ هوندو. بحيثيت شاعر امداد ايڏو ته ڳوڙهو ۽ گهڻ رُخو آهي: جو اسين هن کي پنهنجي آساني خاطر ڪنهن ”فارمولي“ ۾ قيد نٿا ڪري سگهون.“

هي ڪتاب **روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو** پاران 2000ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون بدين سان تعلق رکندڙ سنڌ سلامت جي ڪمپوزر پياري شاهنواز ٽالپر جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪيو. مهربانيون سائين امداد حسينيءَ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ

| | |
|---|---|
| مهاڳ | سحر امداد |
| حمد | نظم |
| سنڌڙي سُر سنگيت- سُگند | غزل |
| نِما شام | نظم |
| پُورالو من | گيت |
| سفاڪ | آزاد نظم |
| هليا تہ پيار ڪريون | ترائيل |
| ڪورو پَنو | نظم |
| تون تہ اَهائي مارئي | وائي |
| لفظ نہ آهن ڪيڏوڻا | نظم |
| اماس ڪان پوءِ | نظم |
| مِٽي ٿَج – مِٽي رَت | غزل |
| تو تہ چيو هو | نظم |
| ڇڏي ڏي انهن کي | آزاد نظم |
| لڙڪ جو لفظ ۾ آهي | آزاد نظم |
| اهوئي شهر آهي | غزل |
| جيئن چڙي جي لارَ | غزل |
| آءُ دونهين جو بادل ڙي | نظم |
| اڻ ٽيٽي – ٽيٽي | نظم |
| انتظار | نظم |
| سپنا سپنا | گيت |
| ”روح رهاڻ“ جي ٽائيٽل تان | نظم |
| موسم ٿي ڳالهائي | گيت |
| رات | آزاد نظم |
| اُجرا اُجرا پار | غزل |
| منهنجي محبوبا | نظم |
| اي ڪوي! | ترائيل |
| ڪير هو شاهہ يٽائي؟ | آزاد نظم |
| تنهنجو وات گلاب | آزاد نظم |
| ماحول | نظم |
| اجهي پئي آ لاٽ | غزل |

| | |
|---|---|
| جيون آهي چنڊ | غزل |
| آءُ اجهامڻ چاڻان ڪونہ | نظم |
| تنهنجو هُجڻ | غزل |
| ڪنهن جا ڏينهن | غزل |
| مُرڪ – اسٽڪر | نظم |
| سورج جاڳيو | غزل |
| ڏاڏيءَ جي ياد ۾ | نظم |
| هيءَ جا چڙي لارَ | بيت |
| مَنَ موتي | گيت |
| هي مان - هُو صليب | ٽيڙو |
| سين الف ب | نظم |
| تہ ڪوي . . . | ترائيل |
| در دريون ڪول | نظم |
| ستارا | نظم |
| ڪجھ ڏک | نظم |
| وِھ وهاڻيل مُرڪ | بيت |
| جاڳيو انگ اَمنگ | غزل |
| دل جي رهجي ويئي دل ۾ | نظم |
| اها باھ | نثري نظم |
| يارو! | غزل |
| مرڻي ناهي سنڌ | ٽيڙو |
| مون توکي ڪتي ڏٺو آهي | آزاد نظم |
| مون ۾ لاٽ | نظم |
| چوٽ ڪاڏل آهيان | غزل |
| پِنڻي | نظم |
| سنگسار | نثري نظم |
| هانءُ ڀڳو چڻ | غزل |
| سدوريون اکڙيون | نظم |
| تون ملڻ چاهين تہ | غزل |
| پٿر تي شيشو اڇلايو | غزل |
| پل پل پَن چَڻ | نظم |
| مُکڙو هُن جو | نظم |

| | |
|---|---|
| بغداد – تهران | نظم |
| ترياق | آزاد نظم |
| آئون ڪهڙي پار وڃان | وائي |
| چنڊ آهي جيل ۾ | نظم |
| هي فقيرن جا هجوم | آزاد نظم |
| مايا ڇايا ڇل | ٽيڙو |
| "هريڪانت" جي نانءُ | ترائيل |
| هاءِ لڪان ڪئن سٽ! | دوها |
| سُر سُر جيوم | غزل |
| اولانيو | نظم |
| ايترو ئي ڪوڙ آهي - 1 | نظم |
| هليا ٽي هِڪ مڪ! | ڪافي |
| تون جي آهين | نظم |
| هوءَ | نظم |
| دين دنيا نہ ملي | غزل |
| تنهنجي آڏو | نظم |
| اپ ٽي بادل | گيت |
| ايترو ئي ڪوڙ آهي – 2 | نظم |
| دل ڇيو | نظم |
| ليڪ لڪيم جو | ترائيل |
| اي وطن! | نظم |
| ڀنڊڻ | آزاد نظم |
| دوستي ۽ پرديسي | نظم |
| نديءَ پار | نظم |
| روشني ڪريون | غزل |
| اڃا تائين | آزاد نظم |
| چنڊ تون آهين | آزاد نظم |
| ملڻ وڇڙڻ ملڻ | نظم |
| جاڙيون قبرون | نظم |
| 1 چمڪي پئي چيڪي مٽي | غزل |
| 2 ها مان پٿر ٽي ويو آهيان | غزل |
| 3 اڃا تہ مٽي آلي آهي | غزل |

| | |
|---|---|
| 4 جيون آهي جنگ او جاني | غزل |
| 5 ميرو آهي من – درپن | غزل |
| 6 پنهنجو پنهنجو آهي ڀاڳ | غزل |
| 7 پٿر تي شيشو اڇلايم | غزل |
| 8 اکڙين سان اوجاڳا پرتا | غزل |
| 9 پَل پَل هڪڙو پُور او سائين | غزل |
| 10 گم سم هو هر ڪو تارو | غزل |
| 11 پٿر مٿي ۾ مٿو پٿر ۾ | غزل |
| 12 چوليءَ جهڙو چوڻُ ميان | غزل |
| اڃا ننڊ . . .! | نظم |
| ”نوروز خان“ جي ياد ۾ | نظم |
| سگريٽ دُکائي | غزل |
| گهٽا ڏينهن ٿي ويا | آزاد نظم |
| اياز کي ييٽا | بيت |
| مارُو منهنجا مِٽَ | ٽيڙو |
| راهوڪي رت راند | بيت |
| رات اَهائي | نظم |
| اي ڪراچيءَ جا نگر | نظم |
| آهي ڪو؟ | نظم |
| جيون کي ڪا معني ناهي | غزل |
| جيئڻ | نظم |
| نئون شعر | نظم |
| تون نہ ڳالهائين تہ | غزل |
| تون تہ پريشان نہ ٿي | غزل |
| هُو | نظم |
| بدنصيب | نثري نظم |
| اي منهنجا دوست! | ترائيل |
| لڙڪ ستارو | آزاد نظم |
| ليک لکن ٿا ماڻهو | غزل |
| حيدرآباد | نظم |
| او ڦِٽو | نظم |
| اهڙي دُعا ڪجي | غزل |

| | |
|---|---|
| تہ نہ گهرجيم . . . | نظم |
| اَها تاريخ | آزاد نظم |
| مون جيان بيقرار | غزل |
| ”تنهنجي“ لاءِ | نظم |
| رشتو | نثري نظم |
| پيو چاهي ڙي | غزل |
| اکڙيون | نظم |
| پُر شور سناٽو | نظم |
| ڇا غم آهي! | غزل |
| ڀَرم | آزاد نظم |
| مُرڪ ۾ لڙڪ | غزل |
| رات – راتاهو | نظم |
| جيڪڏهن | نظم |
| هوءَ ڇي ٽي | نظم |
| سنڌوءَ تي لامارا آهن | غزل |
| هيلوڪو وري آ | گيت |
| پٿر تي ليڪ | آزاد نظم |
| شاعر | نظم |
| سنڌڙي – جندڙي | نظم |
| اڇڻ گهرين جي | نظم |
| مان راڳي – مان ويراڳي | نظم |
| عهد | نظم |
| ملوڪان موت – مروئان شڪار | نظم |
| اَپ تي تارو ڪونهي | ترائيل |
| جنگ | نظم |
| ڏک جي آڌو | نظم |
| زهر | نظم |
| مون ڪي وقت نہ آهي | نظم |
| غزل نيڻ | نظم |
| ٻن وهاڻن جيان | نظم |
| پاراتو | نظم |

| | |
|---|---|
| نہ ڪو ڪتبو نہ ڪا تاريخ وفات | نظم |
| جلايو چراغ ديرو حرم | غزل |
| روز نيون فتوائون | غزل |
| اکڙيون ڳڙڪين جان | غزل |
| آرسيون | غزل |
| روشني اداس آهي | نظم |
| هڪ شاعر جو موت | آزاد نظم |
| حال احوال | ترائيل |
| اِي لکڻ ناهہ تہ . . . | نظم |
| اديب جي لاءِ | نظم |
| باغي | نظم |
| ملنداسين | نظم |
| دان – وردان | آزاد نظم |
| ڪرڻي جهڙو پل | غزل |
| ٻيرين ٻير جهليا | ٽيڙو |
| ڇام شوري جون هوائو! | آزاد نظم |
| پَسيون سون پرياتيون | وائي |
| شعر لکڻ جي لاءِ | غزل |
| سانولڙي سانجهي | گيت |
| ڪجهہ ڪونہ سُجهي تو | نظم |
| ڪيتري پياري لڳين ٿي . . .! | نظم |
| مان اڇي سانول! | گيت |
| آکيري کان دور. . . | نظم |
| گهر هليا گهوٽ پرين! | گيت |
| رات جي سانت | نظم |
| اهائي هڪڙي دعا اٿم | غزل |
| رت سين ريٽا گيت | نظم |
| باک جي ساک | نظم |
| عشق اسلام | غزل |
| چاهہ | نظم |
| لڙڪ کي لفظ ڪرڻ | غزل |
| هُن بن | نظم |

| | |
|---|---|
| جيڏل شال جُڙي رهين | ڳاچ |
| جيڻ جيڏيون | سٽون |
| مون وانگي ئي | غزل |
| هير گهلي | نظم |
| ڪير چاڙهي | نظم |
| لڪندس پيو ليڪ | ترائيل |
| جوالا | نظم |
| جيڻ نہ مرڻ | نظم |

**سحر امداد**

## مهاڳ
## امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس

امداد جي شاعريءَ بابت مان جڏهن جڏهن بہ لکڻ ويهندي آهيان، تڏهن تڏهن واقعن ۾ ڳالهين جو هڪ سمونڊ پنهنجي تيز تکين ڇولين سان مون ڏانهن ڊوڙندو ايندو آهي ۽ پنهنجي تيز تکي وهڪري ۾ مون کي لوڙهي ويندو آهي. امداد پنهنجي سِٽ سِٽ کي ڪيڏي پيار ۽ پاپوهہ مان لساريو آهي. پَٽ – ڪِيئين جيان پنهنجي ئي (Cocoon ) ۾ پَٽ – سَٽ کي پنهنجي ئي وجود تي ويڙهيندو ويو آهي. هن لاءِ هن جي سموري ڪائنات سميٽجي ان (Cocoon) ۾ اچي وئي آهي.

هو جو راتيون جاڳي شعر لکي ٿو ۽ مان جا هُن جي انهن اوجاڳن جي گواهہ آهيان، مان جا گذريل پاءُ صدي کان هن سان گڏ آهيان ۽ هن سان راتيون جاڳي صبح ڪيو اٿم:

سڀ سپنا ساڻ کڻي وئين
اکين سان اوجاڳا پرتا!

شاعري اُها محبوبا آهي جا اکين کان ننڊون کسي، انهن کي اوجاڳا ارپيندي آهي. ان ڪري ئي شاعريءَ سان عشق اڙانگي وٿ آهي؛ پوءِ بہ شاعر جي دل جا دروازا ان محبوبا لاءِ "نيڻ وانگي آهن وا" ۽ پوءِ بہ هو ٻتيهن دلين سان ان کي اهوئي چئي ٿو تہ :

تون مون ڏانهن
جڏهن بہ
ڪڏهن بہ
ڪٿي بہ
جتي بہ
ڪيئن بہ
جيئن بہ
اچڻ گهرين جي
اچي سگهين ٿي!

سو مان هن جي شاعري جي سموري سٽاءُ ان جي تاڃي پيٽي ۽ اوڃي جي اُوٽت، هن جي سٽن جي نفاست؛

سلڪ کي ڪيتري نفاست سان
نرم هٿ جو ڇهاءُ بخشي ٿي

هن جي تخيل جي بلنديءِ لفظن جي بامعنويت، احساسن، اُمنگن ۽ جذبن جي نزاڪت، هن جي شاعريءَ ۾ لفظن، معنائن ۽ خيالن جي هم آهنگيءَ ۽ انهن ۾ موجود (Harmony) ڪي مون هڪ آرٽسٽ جي اک سان ڏٺو آهي. مان جا هن جي شبد جي شبد سان (اکر جي اکر سان) لفظ لفظ جي لفظ لفظ سان جڙت جي جزئيات کان باخبر آهيان – سا، اهو سڀ ڪجهه يڪساهي پڙهڻ تي چاهيان، پر اهو سڀ ڪجهه ايڏو گهٽو آهي - ۽ ايڏو گهرو ۽ طويل آهي ، جو منهنجي ساهه ٽُٽڻ تو لڳي. بلڪل ائين ئي جيئن ڪناتار وهندڙ نديءَ جي اونهائيءَ تائين رسڻ ناممڪن آهي ۽ ان جي تر تائين رسڻ کان اڳي ئي ساهه مُنجهڻ لڳي ۽ ماڻهو اڌ مان ئي موٽ کائي، پر مان امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جي ڪناتار وهندڙ ندي جي ”عميق“ تائين ”منهن ڪائو ڏيئي“ به رسنديس، پر ان تائين رسڻ کان اڳ ۾ ٿورو امداد تائين رسون.

امداد حسيني جنهن جو ادبي نالو آهي، تنهن جو اصل نالو سيد امداد علي شاهه آهي ۽ جو سيد فضل محمد شاهه جو پُٽ آهي، هونئن ته امداد شاعريءَ جي شروعات پنهنجي ننڍپڻ ۾ ئي ڪئي هئي قريبن يارنهن سالن جي عمر ۾.

هن جي شروعاتي غزلن جي بنديءِ هن جو هڪڙو اسڪول ٽيچر پڙهڻ لاءِ کڻي ويو ته پوءِ واپس نه ڪيائين. هن جي شاعري ٻارن جي رسالي ”گلستان“ ۾ باقاعدي ڇپجڻ لڳي. ان دور ۾ هن پنهنجو مڪمل نالو ئي شاعر جي طور تي استعمال ڪيو. 1960ع کان پوءِ امداد حسيني ۽ ”روح رهاڻ“ ۾ ڪڏهن ڇڙو ”امداد“ ته ڪڏهن رڳو ”حسيني“ به استعمال ڪيائين. هن 1973ع ۾ سوجهرو ۾ ڇپيل پنهنجي ڪهاڻي ”ڳالهيون سلڻ نه جهڙيون“ ۾ ”سانول“ نالو استعمال ڪيو جنهن نالي سان مان ڪيس سڏيندي هيس. اڳتي هلي هن بحيثيت ڪهاڻيڪار اهوئي نالو قائم رکيو. ”جاڳو“ اخبار ۾ هن ”مارو“ جي ادبي نالي سان قطعا لکيا. جيتوڻيڪ هو روزاني اخبار ڪاوش، برسات ۽ بختور ۾ پنهنجي اصلوڪي نالي ۾ ئي ڪافي عرصي تائين قطعا لکندو رهيو هو. هن جي ”قطعن“ ۾ جيڪا ڪاٽ هئي، ڇُهندڙ هئي، طنز هو سو هن جي سماجي شعور جو آئينه دار هو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته انهن ۾ جيڪا (perfect timing) هئي ، سا سماج جي منهن تي لوڙي پر لپاٽ هئي. ”چوڏس“ جي ٽنهي پرچن جا ايڊيٽوريل سندس لکيل هئا، جن تي سندس نالو به نه هو. هن ڪيترن ئي شاعرن جي تصحيح ڪندي پنهنجون املهه سٽون به انهن کي ڏيئي ڇڏيون. جنهن تي مان ساڻس جهيڙينديءَ به هئس. ان ريت ”گيت – ڪيڏوڻا“ جو نه رڳو نالو هن جو ڏنل آهي، پر ان جا سمورا معياري ترجما امداد جا ئي ڪيل آهن. هن جو ريڊيو ٽي ويءَ ۽ نصاب لاءِ ڪيل ڪم ۽ مهراڻ جي ايڊيٽر طور ڪيل ڪم پڻ هن جي شخصيت جو هڪ رُخ آهي.

سو– منهنجو سانول ۽ سنڌ جو شاعر امداد حسيني 10 مارچ 1940ع تي ٽکڙ ۾ ڄائو. ان ٽکڙ ۾ جنهن جون گهٽيون حافظ حامد سينڌ جيان سِڌيون ليڪون هيون، انهن ئي سِڌين گهٽين ۾ هي ڏنگو ٻار وڏي وڏو ٿيو. ٽکڙ جيڪو علمي، ادبي، سياسي، طبي، تعليمي، هنري ۽ واپاري لحاظ کان سنڌ جو هڪ نهايت سُڪيو ۽ سڏريل ڳوٺ هو. جتي جون اجرڪون، سوسيون، ۽ گربيون ڏيهه پرڏيهه ۾ مشهور هيون، جنهن ڳوٺ جي دائود موچي جون ٿاهيل جُتيون هند – سنڌ ۾ مشهور هيون

۽ مير عبدالحسين سانگي شوق منجهان اهي جتيون پائيندو هو. اها ٽکڙ جتي جي مڏي پلي، مچي ۽ گانگٽ جي ڪري مشهور هئي. جتي حاجي پور جو بندرگاهہ هو. جتان مال جي اچ وڃ ۽ واپار ٻيڙن ۽ آگبوٽن وسيلي ٿيندو هو. ٽکڙ جتي اَن جا انبار هئا. جتي آب اگوندرو هو۽ جتي امن سُک ۽ سُڪار هو. جنهن ڳوٺ مان وڏا سياستدان اُڀريا. جنهن ڳوٺ وڏا تعليمدان پيدا ڪيا، جن انگلينڊ کان مڪي مديني تائين پنهنجو نالو روشن ڪيو. جنهن ڳوٺ وڏيون علمي ادبي شخصيتون ۽ ناميارا شاعر پيدا ڪيا ، تنهن ڳوٺ جون قِتل جايون ۽ ڊٺل ديوارون اڄ بہ نوحہ ڪنان آهن. امداد ان سُکي سُتابي ٽکڙ کي پنهنجي اکين اڳيان پجندي پُرندي ، قِتندي ۽ تباهہ ٿيندي ڏٺو :

نہ سي ووڙ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون
پسئو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي! (شاهہ)

مان جيڪڏهن ائين چوان تہ شاعري امداد جي (Genes) ۾ شامل آهي، تہ اهو غلط نہ ٿيندو. ڇو تہ هن وٽ اهو شاعراڻو ورثو شاهہ ڪريم ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان هليو اچي. خود شعر ۽ ادب جي حوالي سان ٽکڙ جو نالو 1717ع يعني تہ شاهہ لطيف جي دور ۾ ئي "موزون شاعري" جي حوالي سان تاريخ ۾ رقم ٿيو. عين ممڪن آهي تہ ٽکڙ ۾ شاعري ان کان بہ گهڻو اڳ کان ٿيندي هجي. بهرحال ٽکڙ علم ادب جو هڪ وڏو حوالو آهي. ٽکڙ جي ماڻهن لاءِ تہ مشهور هو تہ اهي ڳالهائيندا ئي شاعري ۾ هئا. چون ٿا تہ هڪڙي ڀيري "مخلص" بازار جي چوڪ تي پهتو تہ خلاف معمول اتي گهٽ رونق ڏسي چيائين:

"ادا يارو سبب ڪهڙي "وسين"* ويران ٿي ڏسجي؟"

* ٽکڙ کي وسين ملوڪ شاهہ بہ چئبو آهي، ان جو مختصر "وسين" عام جام واپرائبو آهي.

اتي حافظ "دلگير" پريان ايندي ست تي ست جوڙيندي نهہ پهہ وراڻيو:

"خدا جي خلق جنهن ۾ جا بجا حيران ٿي ڏسجي!"

ٽکڙ جا ماڻهو "في البديهہ شعر" چوڻ ۾ ماهر هئا ۽ شعر و شاعري جا شوقين هئا. بقول ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسيني:

"پڙهيل توڙي اڻپڙهيل بہ انهيءَ علمي ماحول ڪري ايتري سمجهہ کي پهچي چڪا هئا، جو شعر و شاعريءَ کي بلڪل آسانيءَ سان سمجهي ۽ انهيءَ مان لطف اندوز ٿي سگهندا هئا. جنهن پاڙي مان متبو هو، ڪانہ ڪا ڳچهارت، بيت، بينسرين ۽ بيتن جا مٺا آواز ۽ نڙن جا دل موهيندڙ آلاپ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا " (تذڪره شعراءِ ٽکڙ، ص:1)

امداد جو ڏاڏو سيد اسدالله شاهہ "فدا" پنهنجي دور جو جيد عالم هو. هن ديوبند مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي هئي. علامہ هندوستان ۾ خلافت تحريڪ جي بانين مان هو. 1906ع علامہ اسدالله "بهار اخلاق" نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو هو. جنهن جو پاڻ ايڊيٽر هو. ان ۾ سندس قيمتي مضمون ڇپيا هئا. رسالي ۾ "مصرع طرح" پڻ ڏني ويندي هئي ۽ ان ريت ان ۾ طرحي غزل پڻ ڇپبا

هئا. اهو رسالو سنڌي ادب جي سالها سال خدمت ڪندو رهيو. نوجوان سادات غلام مرتضيٰ سنائيءَ کي علم، ادب ۽ سياست جي واڻ جو سونهون ڪندڙ علامه اسدالله شاهه "فدا" هو. علامه هڪ حاذق حڪيم به هو ۽ ڳوٺ ۾ سندس مطب پڻ هو. سندس هڪ عاليشان لائبريري به هئي جنهن ۾ پنج ڇهه هزار کن ڪتاب هئا، جيڪا پونيئرن جي سار سنڀال نه هئڻ ڪري اڌوهي جو کاڄ ٿي وئي. جيڪي ڪتاب بچيا، تن کي بقول امداد جي، "جڏهن وڏا نه سنڀالي سگهيا ته اهو چئي ته ڪتابن جي بيحرمتي ٿيندي ان کي درياءَ بُرد ڪيو ويو." سيد اسدالله شاهه "فدا" سنو شاعر به هو. سندس ڪجھ ڪلام عربي، فارسي، ۽ سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهن.

امداد جو پيءُ سيد فضل محمد شاهه هڪ اڙدو ۽ البيلو شخص هو. جنهن جي دلچسپي جو مرڪز علم، ادب، ڪتابيات ۽ شعريات نه هئا. پر هن جي دلچسپي مرڪز ٻيون شيون هيون. هو هڪ سنو تارُو هو، هو سنو رانديگر هو، هو هڪ سادو ۽ سچو شخص هو. هو هڪ وڏو عاشق مزاج ۽ نهايت ئي منصف مزاج ماڻهو هو. هو فطرتن هڪ عوامي ماڻهو هو. هو نه رڳو انسانن سان پر جانورن سان به پيار ڪندو هو. هن کي گهوڙن ۽ ڪتن سان به پيار هو ته انهن کي پالڻ جو به شوق هئس. هنن ڏاڍو سُکيو وقت به ڏٺو. تڏهن امداد جي پيءُ وٽ چڙهڻ لاءِ پلي گهوڙي هئي. وٽن پلا اُٺ ۽ پلا ڍڳا به هئا، ته مينهن جو وڳ به هون. تڏهن وٽن اَن جا انبار هئا. پوءِ ڪڏهن مٺن اهڙو وقت به آيو جو ٻنيون ڦِٽي وين ۽ انهن وقت جي تنگي به ڏٺي، پر وقت سدائين هڪجهڙو نٿو رهي. سو ڳالهه پئي ٿي ته امداد جي پيءُ جي دلچسپي جو مرڪز جيئن ته ٻيا ڪم هئا، تنهنڪري سندن ڏاڏي جي علمي وارثيءَ جي پڳ خود امداد حسيني ۽ سندس ٽن سوٽن حافظ شاهه حسيني، ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني ۽ شبير "هاتف" جي مٿي تي اچي ويئي.

سنڌي لپي جڙڻ ۽ ڇاپخانن جي رواج پوڻ کان پوءِ جڏهن سنڌي ڪتابن جي ڇپجڻ جو دور چالو ٿيو. تڏهن ابتدائي نثري ڪتابن "سڌاتورو ڪڌاتورو" ۽ "مفيد الصبيان" جي حوالي سان ميران محمد شاهه (اول) جو نالو ادبي تاريخن ۾ نهايت احترام سان ورتو وڃي ٿو. سو سندس وڏن ڏاڏن مان هو. ان ئي وڏي ميران محمد شاهه جي ننڍي ڌيءَ شهربانو امداد جي ڏاڏي هئي. "ڏاڏي" جيڪا امداد جي شاعريءَ جو هڪ جاندار استعارو آهي. اُها ڏاڏي، ننڍي هوندي جنهن جي جوٽن تي ڪنڌ رکي هن لوڪ ڪهاڻيون، قصا، داستان، شاهه لطيف جا بيت، پروليون، پهاڪا، ڪوڏاٽا ۽ ڪئين نقل نظير ٻڌا هئا. ڏاڏي جنهن کي قصن ۽ داستانن جا پورا پورا ڪتاب ياد هوندا هئا. پوءِ اهو امير حمزي جو داستان هجي، يا يوسف زليخا جو قصو هجي، ڪين گل بڪاؤلي جو داستان هجي، يا گل باصنوبر چه ڪرد؟ هجي، يا پوءِ ديون، جنن، جادوگرن ۽ پرين جون ڪهاڻيون هجن. ائين ننڍڙي امداد جي ذهن، تخيل جي اوچي اڏام انهن ٻاراٽين ڪهاڻين وسيلي حاصل ڪئي. زندگي جي ڪوڙين ۽ ڪُهرين حقيقتن تائين (Fantasy) جي ذريعي پهچڻ جو سليقو هن اُتان ئي سکيو. اُهائي ڏاڏي سُتي، ڦڪي ۽ آڊمک جي به ماهر هئي. جا هن جي "ونجهوٽي" ڪيڏندي مُڙيل مُري جي آڍ مک به ڪندي هئي ته نڪتل سَنڌن کي به ملائيندي هئي . ننڍپڻ ۾ هن کي جڏهن به ڪنڊو چُڀندو هو، تڏهن سدائين اهائي مهربان ۽ ٻاجهاري ڏاڏي هن کي سائي وڻ ڏانهن ڏسڻ جو

چئي هن جي پيرَ جو ڪنڊو ڪڍي ڇڏيندي هئي. ائين ڪنڊي چيڙ تي سائي وڻ ڏانهن ڏسڻ جو ڏس هُن کي هن جي ڏاڏيءَ ئي ڏنو. ڏاڏي جا هن جي زندگي جي پهرين (Therapist) هئي. جنهن هن جي روح توڙي هن جي جسم جي ( Therapy ) هڪ ماهر (Therapist ) وانگر ڪئي. جنهن جي من موهيندڙ آکاڻين هن کي هن جي زندگيءَ جا پهريان خوبصورت خواب ڏنا. ان ئي ڏاڏي کي هن پنهنجي هڪ نظم جي صورت ۾ (Tribute) ڏنو آهي: ”مون کي ساڃي اُها آکاڻي ٻڌائي ڏاڏي“ اهو نظم جيڪو دراصل هڪ علامتي نظم آهي.

ٽکڙائي ساداتن ۾ ميران محمد شاهه جي نالي سان هڪ ٻيو به قابل احترام شخص ٿي گذريو آهي: سيد ميران محمد شاهه (ثاني) جنهن شاعريءَ ۾ پهرين ”مهجور“ ۽ پوءِ ”مير“ تخلص اختيار ڪيو. تنهن جو نه رڳو سنڌي علم ادب ۾ پر سنڌ جي سياست ۾ پڻ بيحد اهم ڪردار رهيو آهي. نوجوان امداد علي شاهه امداد ٽکڙائي سائين ميران محمد شاهه جي سنگت ۾ روزانو شريڪ ٿيندڙن مان هو. ان گروپ کي ”گنات“ چيو ويندو هو. جنهن جو روح روان سيد ميران محمد شاهه هو. شاهه جي درگاهه تي سيد ميران محمد شاهه پاران شروع ڪرايل ”شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس“ جي موقعن تي امداد سندن مديعت ۾ شرڪت ڪئي. بلڪ ان سموري ڪاج ۾ هڪ ڪارڪن جي طور تي اڳيان اڳيان رهيو. سيد ميران محمد شاهه کي شاعري توڙي نثر ٻنهي تي مهارت حاصل هئي. سندن شاعريءَ جو مجموعو ”ڪليات ميران“ جي نالي سان ڇپيل آهي ۽ جي ايم سيد (جيڪو سندن مائٽ ، همعصر ۽ گهاٽو دوست هو) ڏانهن لکيل خطن جو مجموعو ”رهاڻ“ جي نالي سان ڇپيل آهي. جنهن کي پڙهي اسين وڏي واڪ اهو چئي سگهون ٿا ته سيد ميران محمد شاهه بلاشبه سنڌي ٻوليءَ جو وڏو انشا پرداز هو ۽ جيئن مون پنهنجي ئي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته :

”سيد ميران محمد شاهه بنيادي طور شاعر هو - ۽ شاعر هو ان ڪري سندس نثر ۾ به شاعريءَ جو اُهاءَ آهي.“ (مهراڻ 1992/4 ص- 127)

سيد ميران محمد شاهه سنڌ جي تاريخ جو يقينن هڪ روشن باب آهي. امداد حسيني سندن صحبت مان گهڻو ڪجهه پرايو.

امداد جي ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ سيد حافظ شاهه پڻ نهايت پُرسوز ۽ سُريلو ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي. حافظ شاهه جي اوطاق تي روز رات جو ٿيندڙ ”رس رهاڻيون“ امداد پاڻ ته نه ڏٺيون، نه ٻڌيون، پر حافظ شاهه جي ٽن ڳائڻن موتيو عيسو ۽ لونگ شيديءَ مان امداد عيسي شيديءَ کان حافظ شاهه جو ڪلام ٻڌو هو. هن پنهنجي ماسات سعيد ٽکڙائيءَ جي سُريلي صحبت مان پڻ گهڻو ڪجهه پرايو. اسان جي ڳوٺ جون مڱڻهارڻيون ۽ شيدياڻيون: مائي زينون، راستي، حوا، مِري، سڪينه، خاتون ۽ بصران انهن وڏن سيدن جون ڪافيون ڳائينديون هيون، تن ئي امداد جون ڪافيون سڀ کان پهرين ڳايون، انهن مان هڪڙي ڪافيءَ جو ٿلهه آهي:

چو ٿا ڇڏيو ڳلهن تي، ڇڙواڳ وار ڇوڙي
جي نانگ نيٽ دل کي، نِيندا نپٽ نهوڙي

ائين امداد جي شاعريءَ جي شروعات ”سُريلي شاعريءَ“ (Lyrical Poetry) سان ٿي هئي: جا ئي دراصل سنڌ جي اصل ۽ سچي شاعري آهي – بلڪ جيڪا هر ٻوليءَ جي اصل ۽ سچي شاعري آهي. ڇو ته ان جو واسطو وطن ۽ ويڙهيچن / ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين سان آهي. امداد جي هڪ بيحد مشهور گيتن ڀري ڪهاڻي ”هينئڙو ٻيڙيءَ جان“ جو هڪ ٻاچ گهڻو مشهور ٿيو هو. جيڪو ان ئي دور ۾ ”سهڻي“ ۾ ڇپيو هو:

جيڏل شال جُڙي رهين
هو جيڏل شال جُڙي رهين.

سو پڻ اڄ تائين اسان جي راڄ جي شادين مرادين ۾ ڳائبو آهي ، ان ريت امداد جا ٻاچ، ڪافيون ۽ گيت عوام جي ميراث بڻيا.

هڪ شاعر اڪيلو تنها ڪجهه نه هوندو آهي، نه ڪجهه ڪري سگهندو آهي. (جيتوڻيڪ هو ميلن توڙي جهميلن ۾ پنهنجي تنهائي پاڻ سان ڪٺي هلندو آهي) . هو هڪ پوري دور سان گڏ هلندو آهي. بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته هڪ پورو دور هن سان گڏ هلندو آهي. جڏهن ته هو خود پنهنجي پر ۾ هڪ مڪمل دور هوندو آهي ۽ هن جي شبيهه ڪيترن ئي اجنبي ۽ گهٽ ڄاتل چهرن جي وچ ۾ نمايان ٿي بيهندي آهي، هجوم ۾ هو گم نه ٿيندو آهي، بلڪ ان هجوم ۾ هن جو قد بت پنهنجي پوري اُڪار سان اُڀري ۽ نمايان ٿي بيهندو آهي ۽ امداد پنهنجي پوري قدَ مدَ سان ائين ئي نمايان اوچو ۽ اِستر آهي، جيئن ڪنهن به سچي آرٽسٽ کي، شاعر کي هئڻ کپي، سورج وانگر، صاف، چٽو روشن ۽ حرارت بخش.

هر علائقي جو هڪ مخصوص لب لهجو هوندو آهي. ان ريت ٿڪڙ جو پڻ پنهنجو هڪ خاص لهجو آهي. اسان جي راڄ ۾، خاص ڪري عورتن ۾ اڄ به ڏاڍي خوبصورت ۽ مرصع ٻولي، چوڻين، پهاڪن، شاهه جي شعرن ۽ سُريلين ٽُڪن سان سينگاريل ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. جيڪا ئي ”لطيفي ٻولي“ پڻ آهي، شاعريءَ ۾ لب لهجي کي گهڻي اهميت آهي. خاص ڪري شاعريءَ ۾ اصوات ( Phonemes ) يعني آوازن جي اهميت کان انڪار ممڪن ئي ناهي. ان ڪري آوازن ، اُچارن ۽ سُرن جي ڄاڻ ، شاعريءَ ۾ موسيقيت جو احساس ۽ ان جي آگهي، جيسين شاعر جي ”فطرت“ جو حصو ناهي، تيسين شاعريءَ سان ۽ خاص ڪري سُريلي شاعريءَ سان شاعر انصاف نه ڪري سگهندو. بلڪ ان سان اهڙا هاڃا ڪندو جن جو تدارڪ ممڪن ئي ناهي.

ايذرا پائونڊ (Ezra Pound ) شاعريءَ کي موسيقيءَ جيترو ئي اهم قرار ڏئي ٿو:

'Don't imagine that art of poetry is any simpler than the art of music'.

مطلب ته شاعري موسيقيءَ جيترو ئي مشڪل فن آهي. ان فن کي بچائڻ لاءِ اوتري ئي محنت ۽ رياضت جي ضرورت آهي. جيتري هڪ موسيقار کي ضرورت آهي.

امداد جڏهن به ڪو گيت رچيندو آهي تڏهن پهرن جا پهر، ڏينهن جا ڏينهن پيو سٽن کي جهونگاريندو آهي . هو ڪڏهن به ڪو گيت، ڪو غزل، ڪو نظم، ڪو شعر زوري وهي مڪمل نه ڪندو آهي. هو ڏينهن جا ڏينهن، راتين جو راتيون، هڪ گيت ۽ نظم جي نذر ڪندو آهي ۽ انجي

تراش ۽ خراش نهايت نفاست ۽ محنت سان ڪندو آهي ۽ پوءِ به پيو ان جي پالشنگ ڪندو آهي. بعضي سالن جا سال به ڪنهن نظم کي پيو لکندو آهي. جنهن جو اهم مثال سندس طويل نظم ”رُوتس“ آهي، جيڪو هن 1992ع ۾ لکڻ شروع ڪيو هو ۽ جيڪو اڃا تڪميل جي مرحلن مان گذري رهيو آهي. هن جي ڊائرين تي اهڙيون ڪيتريون ئي اڪيليون سٽون لکيل آهن، جيڪي هر پيري نئين سال جي ڊائري تي منتقل ٿي ويندڻيون آهن ۽ پوءِ به اڪيليون ئي رهنديون آهن، دوهو نه ٿي سگهنديون آهن:

مون وٽ هڪڙي سٽ لکي پئي آهي صدين کان
تنها آهيان ملين ته جيڪر دوهو بڻجان ها

اسان وٽ دستور رهيو آهي، ته ڪنهن به شاعر جي وڏائي ثابت ڪرڻ لاءِ، هن جي ڪنهن ٻئي وڏي شاعر سان ڀيٽ ڪئي ويندي آهي. مثال طور اياز جي وڏائي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان جي ڪن نقادن اياز کي ”لطيف ثاني“ چيو. امداد حسيني جديد دور جو نهايت بولڊ بيباڪ آواز آهي. جو وڏي ۾ وڏو سچ، بيحد ڪڙو سچ، وڏي واڪ چئي سگهي ٿو. سچل وانگي:

”سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي“ (سچل)

پر مان امداد حسينيءَ کي نئين دور جو سچل سرمست نه چونديس، نه ئي منهنجو ارادو امداد کي سچل سان ڀيٽڻ جو آهي، مان امداد کي امداد سان ئي ڀيٽيندس، امداد جي شاعري جا گوناگون ۽ ڪڏهن ڇرڪائيندڙ ۽ انوکا موضوع، هن جي شاعري جو سهڻو سٽاءُ، هن جو الڳ ۽ نرالو اسٽائيل، هن جو بيحد منفرد ۽ جاندار ڊڪشن (Diction) هن جي شاعريءَ جي نغمگي ۽ اهنگ، هن جي شاعري جو لوچ ۽ رس، هن جي شاعريءَ ۾ موجود رومانويت جو رنگ، هن جي شاعريءَ ۾ موجود آفاقيت جو رنگ، صرف امداد جو ئي، صرف امداد وٽ ئي آهي. امداد حسينيءَ جي شاعري جو يڪتا رنگ نه هن کان اڳ ۾ ڪنهن جو هو، نه هن وقت ڪنهن جو آهي، نه ئي شايد هن کان پوءِ ڪنهن وٽ هوندو. بحيثيت شاعر امداد ايڏو ته ڳوڙهو ۽ گهڻ رُخو آهي: جو اسين هن کي پنهنجي آساني خاطر ڪنهن ”فارمولي“ ۾ قيد نٿا ڪري سگهون. امداد جي شاعري جي چوٽي تائين رسڻ لاءِ اسان کي ڪيترين ئي ڪوشش جي ضرورت آهي. هن جي شاعريءَ جي (Content) تائين اُچاتراٽپ ۽ ابهرائپ سان رسڻ ناممڪن آهي.

امداد جي شاعريءَ جي منفرد موضوعاتي سنجيدگي نهايت گهڻي اهميت جي حامل آهي. امداد نهايت گنڀير مسئلن کي اڪثر پنهنجي نظمن جي ٿِيم (Theme) ڪري ڪنيو آهي. هن جي منظوم ڪرڻ (Versification) جي بيپناهه صلاحيت، هن جو شاعرانه ادراڪ، هن جي (Vision) جي وسعت، هن جي پنهنجي موضوع تائين سڌي، گهري، تيز ۽ تکي پهچ حيرت انگيز آهي. اهي سڀئي ڳالهيون ملي ڪري هُن کي بلاشبه وڏو شاعر ثابت ڪن ٿيون. امداد حسيني يقينن سنڌ جي انهن شاعرن منجهان آهي، جيڪي پنهنجي دور کي هڪ منفرد سڃاڻپ عطا ڪن ٿا.

امداد حسيني 1960ع واري عرصي ۾ ئي بيحد خوبصورت منفرد، ڇرڪائيندڙ ۽ جديد رنگ ۾ رچيل نظم ۽ غزل چيا، جيڪي بيمثال آهن. 1962ع ڌاري امداد جو نظم ”التجا“ جيڪو تڏهن ”مارئي“ رسالي ۾ ڇپيو هو. جنهن جي ايڊيٽر زينت عبدالله چنا هئي، جنهن کي احترام مان سڀ جيجي چوندا هئا

زينت عبدالله چنا 4 اپريل 1965ع تي، ”جشن روح رهاڻ“ جي موقعي تي امداد جي شعرن واري بندي تي لکيو، ”سنڌ جا پيارا سپوت شل جُڙيو رهين ۽ تنهنجي ڪلام ۾ اجا گهڻو درد ۽ اثر پيدا ٿئي جو دلين کي گهائل ڪري ڇڏي.“

ان عرصي ۾ ئي لکيل امداد جو نظم ”الحمرا“ پڻ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. ان ريت 1963ع ڌاري ”روح رهاڻ“ ۾ امداد جي بيحد يونيڪ (Unique) شاعري ڇپي. حميد سنڌي پنهنجون يادگيريون سهيڙيندي ان بابت چئي ٿو:

”1963ع وارن پرچن ۾ امداد حسينيءَ جا نظم نئين سماجي فڪر کي ڪنيو بينا هئا.“ ( مهراڻ 1-2 1998ع، ص: 406)

امداد جي شاعريءَ ۾ جنهن ”نئين سماجي فڪر“ کي حميد سنڌيءَ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، تنهن کي سڄي سنڌ پڻ محسوس ڪيو ۽ ان جي ڀرپور آجيان ڪئي. امداد جي شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾ گرامي صاحب امداد جي تغزل جي انداز ۽ تخيل جي رنگيني ۽ انداز بيان جي پختگيءَ کي ڏسي، پيشنگوئي طور ڪيس ٻڌايو هو ته : ”امداد تون اڳتي هلي تمام جلدي سنڌي ادب ۾ چوٽيءَ جو شاعري ٿيندين!“ (مهراڻ 1-2 1969ع، ص 516)

مهراڻ جي شاعر نمبر ۾ امداد جي تعارف ۾ اٿندي ئي گرامي لکي ٿو: ”امداد حسينيءَ جو فن، سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾، جديد هئيت ۽ اسلوب جي انوکن ۽ دلڪش تجربن جي ڪري هڪ ”فني علامت“ بنجي چڪو آهي.“ (ص 516)

امداد جي شاعري پنهنجي فني پختگي، اسلوب جي انوکن ۽ دلڪش تجربن ۽ جديد هئيت توڙي جديد فڪر جي ڪري ان ئي دور ۾ اعليٰ مقام ماڻي چڪي هئي. 1960ع کان 1965ع تائين جي عرصي جو امداد وٽ پنهنجو هڪ مڪمل بياض ٺهيل آهي، جنهن ۾ امداد جا ان دور جا سمورا نمائنده نظم ۽ نهايت پختا ۽ خوبصورت غزل شامل آهن. اهو بياض ته دراصل ان دور ۾ ئي ڇپجي وڃڻ کپي ها، جو نه ڇپيو. ان بياض ۾ امداد جا نظم : ”جنگ، ماحول، فقيرن جا هجوم (جيڪي ٿيئي هاڻي هن مجموعي ۾ پيا ڇپجن) واقفڪار، واپسي، اعلان، هل ته ڪنهن ميڪدي ۾ هلون، اکڙيون ، نئين تشبيهه، محبوبا، منهنجو دشمن، شرط، هن جي دريءَ جي سامهون، ترياق، پرائيويٽ، گهر جي ياد، اتفاق، اجنبي، تلاش، روشنيءَ جو سفر، خوشبو، مُرڪ ۽ لڙڪ، انجام، فرار، هڪ نامعلوم قبر تي، اخلاق، ماريا، ننڊ کان اڳ ۾ ، انتظار، طلوع، سورج گرهڻ، پٿر جي نگري، جوالا، بدلو، نئون پاڳل، طلسم، مسافر، جوت، استقبال، پيار، عوام، وصل، نئون سال، حمد، آخري چٽنگ، روم شهر ۾ ” ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪوڙ نظم شامل آهن. ان سان گڏ غزلن جو هڪ بي بها خزانو آهي: موتي ائين نه رول، اسان روئي روئي ڪلايو ٿي جن کي، زندگي نظرن کي چورائي وئي، ننڊ جي شهر ۾

جاڳندا رهجو ها اڳي تنهنجو انتظار تہ هو اي اکين وارا ڏسڻ چاهين تہ ڏس، تو سان اظهار تمنا نہ ڪيم، ها جلايو چراغ ديرو حرم، اهو پيار ئي ڪهڙو عيد جو چنڊ تہ ناهيان جو نهارين مونکي ۽ ٻيا بہ انيڪ غزل، دوها ۽ شعر آهن ان بياض ۾، جن مان ڪجهہ ”امداد آهہ رول“ ۾ ڇپجي چڪا، ڪجهہ هن مجموعي ۾ شامل آهن، ڪجهہ اجا بہ ان بياض ۾ بند آهن.

امداد ان دور جو اهو شاعر آهي جو عمر ۾ اياز کان گهڻو ننڍو آهي ۽ ان حساب سان امداد جي شاعريءَ جي عمر بہ ان کان اوتري ئي ننڍي آهي. پر ون يونٽ ۽ پهرين مارشل لا لڳڻ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ آيل ان نئين اُڀار کي امداد اياز سان گڏجي شيئر ڪري ٿو ۽ اياز سان (Parallel ) هلي ٿو. امداد جي عظمت اها آهي تہ هن پنهنجي دور ۾ اياز جهڙي قداور شاعر جي سامهون پنهنجي هڪ منفرد شناخت ماڻي. ۽ اياز جي پاڇي کان پري هڪ هڪ منفرد، نمايان ۽ جديديت جو نمائنده شاعر ٿي بيٺو.

امداد بابت غلام محمد گرامي لکي ٿو:

”سنڌس آزاد نظم ۽ ان ۾ هئيت جا جديد تجربا توڙي معنوي ۽ علامتي اشارا سنڌس فن کي حيات دوام بخشي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ ”حملو“، ”گهر جي ياد“، ”بدلو“، ”واپسي“، ”انتظار“، ”جنگ“، ”طلوع“، ”شرط“، ۽ ”ماحول“ وغيره شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.. آزاد نظم توڙي غزل ۽ نظم ۾ سنڌس زبان نهايت سليس، پر رنگين رهي ٿي. سنڌس انداز بيان جي دلڪشي ۽ شيريني، سنڌس فن کي دوآتشہ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌس اڪثر تجربن ۾ نغمگي ۽ ترنم جو وڏو دخل آهي. موسيقيت ۽ خيال آفريني امداد جي فن جون اهي خصوصيتون آهن، جن سنڌس فن کي لازوال دوام عطا ڪيو آهي..“

(مهراڻ 1-2/ 1969ع، ص 517)

گرامي صاحب اڄ کان ٽيهہ سال اڳ ”امداد جي فن کي حيات دوام“ جي ”سَند“ ڏيئي چڪو آهي.

مئڪلم برئڊ بري ۽ جيمس مفارلين پنهنجي هڪ مقالي The name and nature of Modernism ) ۾ لکن ٿا:

“Modernism is less a style than a search for style in highly individualistic sense.”

۽ امداد جي شاعريءَ ۾ اهو (Highly Individualistic sense) هر حال ۾ ٻَکي ٿو. مون کي اهو چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ ناهي تہ : امداد هن دور جو اهو اڪيلو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي (content ) ۾ ماڊرن آهي. جيڪو پنهنجي رنگ ۽ خوشبو ۾ سيني کان الڳ، نرالو مختلف ۽ منفرد آهي!

امداد جو پهريون مجموعو ”امداد آهہ رول“ مون ئي ترتيب ڏنو هو. 70-71 ڌاري. جيڪو مون هڪ (Theme) تحت ترتيب ڏنو هو. ”رولاڪي“ جو فلسفو آڌور ڪي. ”رولاڪي“ اِن آ سينس آف (In a Sense of) تلاش، جستجو، سرگرداني، ويهي نہ ووڙڻ. مون امداد جي ئي هڪ مشهور غزل جي سٽ مان مجموعي لاءِ نالو ”امدا آهہ رول“ چونڊيو هو. اهو مجموعو 1973ع ڌاري پريس جي

شڪل ڏسي سگهيو. ان دوران ئي مون ان مجموعي لاءِ هڪ جامع مهاڳ پڻ لکيو. جنهن جي ڪاپي بہ مون پاڻ وٽ نہ رکي هئي. ان مجموعي جا اڌ کان مٿي اڻ ڇپيل پنا ان ”مهاڳ“ سوڌو پبلشر صاحب کان گم ٿي ويا! مون کي ان مهاڳ جي گُم ٿيڻ جو اڄ تائين افسوس آهي. پر ان کان وڌيڪ افسوس مون کي ”امداد آهہ رول“ جي ائين رلي وڃڻ جو آهي. ٽن سالن کان پوءِ ان سائيڪو ڪن پنن کي جڏهن تہ انهن پنن جو رنگ بہ پيلو ٿي چڪو هو هڪڙي ٻئي پبلشر هٿان هُٿان ڪجهہ شاعري هٿ ڪري، انهن ڇپيل پنن کي مڙئي اگهايو. اهو اڌورو ۽ اڌپورو مجموعو امداد جي ان دور جي شاعريءَ جي ئي مڪمل نمائندگي نہ پيو ڪري سگهي. امداد جي ان دور جا ڪوڙ سارا نظم، آزاد نظم، بيت، وايون، ڪافيون، دوها، گيت ... ان مجموعي ۾ نہ اچي سگهيا. مثال طور امداد جو نظم ”ماحول“ جيڪو 1964ع ۾ لکيو ويو هو ۽ جيڪو اپريل 1965ع ۾ ”روح رهاڻ“ (سالنامو) ۾ ڇپيو هو. ان نظم کي تڏهن ”روح رهاڻ“ پاران ڪرايل چٽاپيٽيءَ ۾ پهريون انعام پڻ مليو هو ”اياز ادبي انعام“ ۽ خود ان نظم کي ”روح رهاڻ“ ۾ جيڏي اهميت سان ڇپيو ويو هو. سو پڻ ڏسڻ وٽان هو. نہ رڳو اهو نظم پر امداد جا اڪثر ڪري ننڍا نظم سادين ليڪائين تصويرن سان ”روح رهاڻ“ جي ٽائيٽل تي ڇپيل هوندا هئا ۽ جن کي بقول ادا بيدل تہ ”اسان فريم ڪري رکندا هئاسين.“ سو امداد جو نظم ”ماحول“ جو هڪ نهايت ئي پاورفل ۽ ”امداد- اسٽائيل“ نظم آهي، سو هاڻ هن مجموعي ۾ شامل آهي. سوال اهو آهي تہ مستقبل جو مورخ ان نظم جي پرک ۽ ان جي مُلهہ ڪٿ ڪهڙي Content ۾ ڪندو؟ جيڪڏهن هو اڄ جي تناظر ۾ ان نظم کي پرکيندو، تہ يقينن ان نظم سان زيادتي ڪندو، تہ شاعر سان بہ زيادتي ڪندو. ان ڪري ئي شاعريءَ جي پرک ان پرٽيڪولر (Particular) دور جي حوالي سان ئي ڪرڻ جُڳائي، حوالو بدلجڻ سان سڀ ڪجهہ اُبتو سُبتو ٿي ويندو آهي. ان ساڳي دور جو امداد جو هڪ غزل آهي:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي، اونڌا سُونڌا ٻار
ايندڙ نسل سمورو هوندو، گونگا ٻوڙا ٻار

هر ڪا مُند هتي جي آهي، نسل ڪشيءَ جي مُند
سولا سولا وڪجي ويندا، سستا سستا ٻار

گونگا هوندا ٻوڙا هوندا، پٽ ڏٽيءَ جا بيت
هڪٻئي کي ڪيئن سمجهي سگهندا، تنهنجا منهنجا ٻار

هي غزل مون خود بہ ”روح رهاڻ“ جي ليپيل ڦاٿل پنن تي پهريون ڀيرو 1968ع ڌاري پڙهيو هو ۽ مونکي ڏاڍو وڻيو هو. سو پڻ هاڻ هن مجموعي ۾ شامل آهي. ان غزل جو هر شعر پنهنجي ٻولي توڙي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان گهڻي اهميت رکي ٿو. ان غزل جو رديف ”ٻار“ نهايت انوکو ۽

(Unusual ) رديف آهي ۽ اهو رديف ئي دراصل ان پوري غزل جي ٿي(Theme ) آهي. ”ٻار“ جو اسان جي آئيندي جي علامت آهي، ان لحاظ کان اهو غزل هڪ علامتي غزل آهي. ان غزل ۾ سموريون ٽيڪنيڪل خوبيون فطري نموني ٿيي آيون آهن. هوئن تہ هن غزل ۾ ( Vowels) جو نهايت خوبصورت ورجاءُ ملي ٿو: پر خاص طور سان ”آ“ سُر جو شروع کان آخر تائين نهايت فنڪارانہ استعمال، ان غزل جي معنوي خوبصورتيءَ کي هڪ تسلسل سان، پنهنجي پوري انتها تائين کڻي وڃي ٿو. ساڳي وقت ان غزل ۾ تجنيس حرفيءَ جو نهايت فنڪارانہ استعمال ڪيل آهي. احساس جي شدت کي اُڀارڻ لاءِ لفظن جو ورجاءُ (Repetition) سنڌائتي ڏک وارو اثر پيدا ڪري ٿو:

اٽيا اٽيا وار انهن جا، سٽيا سٽيا ڳل
رستي رستي بينا هوندا، تنها تنها ٻار
❊
ٻاهر سارا ٿوهر ٿوهر، اندر ڪارا ڪوهہ

هن سٽ ۾ ”ٻاهر“ ۽ ”اندر“ جو تضاد ۽ ”سارا“ ۽ ”ڪارا“ جا اندروني قافيا سٽ جي نہ رڳو سونهن وڌائين ٿا، پر معنوي خوبصورتيءَ کي وڌيڪ اُڀارين ٿا:

سولا سولا وڪجي ويندا، سستا سستا ٻار
چورا چورا پنندا پنندا، رُلندا رُلندا ٻار

ان غزل کي پڙهي شاعريءَ ۾ اصوات جي اهميت ۽ انهن جي تُز استعمال جي ڪري، سٽن ۾ هڪ جادوئي اثر پيدا ٿيڻ جي ڪمال جو قائل ٿيڻو پوي ٿو. ان غزل ۾ ٻٽن لفظن جو پڻ نهايت خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ : اونڌا سونڌا، ڪاڻا ٽانڊا، گونگا ٻوڙا، اهي لفظ پڻ غزل سان موضوعاتي ۽ استعاراتي سطح تي نهڪي اچن ٿا. ان غزل ۾ لفظن جي ورجاءُ، ٻٽن لفظن جو استعمال، سُر، صوت ۽ وينجن جو ورجاءُ ۽ انهن سڀني جو مسلسل ڦيرو، ان غزل ۾ ڳُڻ واريون ڦيراٽيون پيدا ڪري ٿو. خود ان غزل ۾ جن مسئلن جي نشاندهي امداد 1964ع ڌاري ڪئي هئي. اڄ چوٽيهن سالن کان پوءِ اهو سڀ ڪيڏو نہ سچو ٿو ڀاسي. اهو سچ امداد چوٽيهہ سال اڳ چيو ۽ وڏي واڪ چيو ۽ تڏهن چيو جڏهن مارشل لا جا ”ڪارا ۽ قهري قانون“ نهايت سختي سان نافذ هئا . ”نسل ڪشي جي مُند“ سنڌ کي ڪڏهن بہ ڪا ويساند نہ ڏني آهي. ان غزل ۾ قوم، ٻولي ۽ اسان جي مستقبل جي حوالي سان جنهن خوف جو اظهار خوبصورت استعاراتي ٻوليءَ ۾، گهري علامتي انداز ۾ ڪيو ويو آهي، سو يقينن اسان جا لڱ ڪانڊارڻ لاءِ ڪافي آهي. هي غزل سيني وصفين سنڌيءَ جي چند اهم ترين خوبصورت ترين غزلن مان هڪ آهي. ان غزل جي سڀ کان اهم ترين ڳالهہ اها بہ آهي تہ ان غزل ۾ هڪ اڇوتي موضوع کي – جو دراصل نظم جو موضوع آهي- نهايت ڪاميابي سان ۽ انوکي انداز ۾ ورتايو ويو آهي. ان انتهائي سنجيده ۽ لڱ

ڪانداريندڙ موضوع کي امداد نهايت خوبصورتيءَ سان غزل جي فارميٽ ۾ سمايو آهي. پر ساڳي وقت ان غزل ۾ نغمگي ۽ رواني نهايت سرل گيت واري پيري، ان کي بيحد سرلتا سان اسان جي هنئين ۾ حل ڪيو آهي. 27 ماترائن تي آڌارڪ اهو غزل، فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فاع جي وزن تي به پورو آهي. جو ڇند تي به (Interchangeable ) آهي.

امداد جو هڪڙو نظم ”زرد مٽي“ جيڪو پڻ منهنجي پسند جي نظمن مان هڪ آهي. جنهن کي مون امداد جي شاعريءَ تي لکيل منهنجي پهرئين ليک ”سرسوتيءَ جو ميت“ ۾ ( Quote) ڪيو هو. اهو آرٽيڪل پاڪستان نيشنل سينٽر پاران (1970ع ۾) امداد سان ملهايل شام ۾ پڙهيو هوم. اهو نظم ”زرد مٽي“ مون هن کان اڳ ۾ ترتيب ڏنل امداد جي مجموعي ۾ شامل ڪيو هو. سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ مان سندس اُها شاعري هٿ ڪيم جا ڪنهن به ڊائريءَ ۾ نه هئي. ائين اهو سمورو مجموعو ٻن مهينن جي لڳاتار محنت کان پوءِ جوڙيم ۽ ان کي ٽائيپ ڪرايم ۽ ان جو هڪڙو فائيل 1992ع ڌاري شيخ اياز کي مهاڳ لاءِ لکڻ ڏني آيس. جيتوڻيڪ امداد ڪڏهن به ان ڳالهه جي حق ۾ نه رهيو آهي، ته ماڻهن کان سرٽيفڪيٽ وٺجن، مهاڳ لکرائجن ۽ ڪنهن هڪ کان به نه، بلڪ ڏهن ڇهن کان لکرائجن. اها حقيقت آهي ته جي شاعريءَ ۾ دم آهي ته اُها انهن هٿرادو ٽيڪن کان سواءِ به جاليندي، پر جي شاعريءَ ئي بيدم آهي، ته پوءِ ”دم عيسيٰ“ به ان کي زندگي نٿو بخشي سگهي. هتي هڪڙي دلچسپ ڳالهه ٻڌائيندي هلان ته امداد جيڪو خود مهاڳن لکرائڻ جي خلاف آهي، تنهن خود ٻين تي گهٽي ۾ گهٽا مهاڳ لکيا آهن. سو اياز کان مهاڳ لکرائڻ جو شوق منهنجو هو. اياز اٿندي ئي چيو: ”مهاڳ لاءِ طويل انتظار ڪرڻو پوندئي، ستن اٺن سالن جو طويل انتظار!“ ۽ مان ان طويل انتظار جي ختم ٿيڻ جي اوسيئڙي ۾ ويهي رهيس. نيٺ هڪ ٻه ڀيرا پڇيومانس، پر اياز هر ڀيري ڪنهن نئين ڪم ۾ مصروف هوندو هو. ڪڏهن ڏيڍ سٽا، ڪڏهن Maxims، ڪڏهن آتم ڪهاڻي، ته ڪڏهن ترائيل – نيٺ مون مجموعو واپس گهريو ته واپس نه ڪيائين ۽ چيائين: ”مان کي سنو نٿو لڳي ته مان توکي مجموعو ائين موٽائي ڏيان، امداد اهو مهاڳ لهڻي ٿو – حقيقت ڪري پڇين ته مان کان پوءِ امداد ئي اهو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ کي پائندگي آهي.“ پوءِ مون مهاڳ لاءِ چوڻ ڇڏي ڏنو ته هاڻ پل ته پنهنجي سهولت سان جڏهن به لکي ڏي. پر اهو طويل انتظار ماڳهين طويل تر ٿي ٿي ويو ۽ خود اياز ئي ماڳ مٽائي ويو. امداد جي شعرن جو اهو فائيل اڄ به اياز جي ڪمري جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اڃا به مهاڳ جي انتظار ۾ آهي!

اها ڳالهه ته ائين ئي برسبيل تذڪره اچي وئي، مون ڳالهه اها پئي ڪئي ته هر شاعريءَ جو هڪ (Reference to the context) هوندو آهي. تيئن ئي امداد جي ڪوڙ ساري شاعري ان هيڏي ڊگهي ليٽ ( late ) جي ڪري پنهنجي ”سياق سباق“ کان ڪٽجي 1999ع جي ڇُپجي پئي آهي. مستقبل جي مورخ لاءِ سن سال کان سواءِ انهن نظمن جو (Content) ڳولڻ، ڪنهن خاص نظم پويان اهو خاص (Event) ڳولڻ، ناممڪن نه ته به مشڪل ضرور آهي. هي انتهائي تيزي سان تبديل ٿيندڙ دور آهي. ان دور پنهنجي اکين سان ليڻن جي قد آدم مورتي اُوچي استان تي اُپي

ٿيندي به ڏني، ته ان ساڳي ئي دور ان مورتيءَ کي پٽجندي ۽ پٽ ٿيندي به ڏٺو ان ڪري ئي شاعريءَ ۾ (Time and space) جي جيتري اهميت، "اج" آهي اوتري شايد ڪڏهن به نه هئي.

سو امداد حسينيءَ جي هڪڙي (اٽپوري) مجموعي ڪان ٻئي مجموعي تائين جيڪڏهن ٻاويهن سالن جو ڊگهو گيپ (Gap) آهي، ٻاويهه سال جنهن ۾ هڪڙو نسل جوان ٿي چڪو ۽ هڪڙو نئون نسل پيدا ٿي چڪو. ته ڇا ان سڀ لاءِ ڏوهاري خود شاعر آهي؟ ڇا انهن ادبي ادارن ۽ پبلشنگ ايجنسين جي ان ڏس ۾ ڪا به ذميواري ناهي؟ جن انهن ٻاويهن سالن ۾ ڪيترائي اهڙا ردي ڪتاب ڇپايا. جيڪي اڄا تائين گودامن جي اوندآهه ۾ پُوريا پيا آهن ۽ جن کي سورج جي روشني به نصيب نه ٿئي، ته ڇا اهو پني، پيسي، وقت ۽ توانائي جو زيان ناهي.

امداد جو توڙ کان وٺي اهو اصول رهيو آهي ۽ مان سمجهان ٿي ته هر Genuine شاعر ۽ اديب جو اهوئي اصول آهي ته جو پنهنجي هڙان خرچ ڪري ڪتاب ڇپرائي، سو شاعر (اديب) ناهي. پوءِ پل ته ان جي شاعري ساميءَ وانگيان، ڪنهن مَٽ ۾ ئي پيو نه پئي رهي. جي اُها شاعري آهي ته پوءِ اُها جڏهن به ڇپبي، پنهنجي جاءِ ناهيندي ۽ ميجتا ماٽيندي... پر شايد

.... پر شايد مشيت ايزدي وٽ اهو ائين ئي طئي ٿيل هو. ته امداد جي سورج – ورٽي شاعري "روشني" ذريعي ئي پڪڙجڻي هئي.

اسان وٽ پراڻو ڪٽي ختم ٿيو نئون ڪتان شروع ٿيو ان لاءِ هڪ واضع ليڪ ڇڪي نٿي سگهجي، ڇو ته اسان جي سماج ۾ سڀ ڪجهه گڏوگڏ هلي رهيو آهي. پر تڏهن به، جيئن انگريزي ادب جا نقاد (Modernism) يعني "جديديت" جي ابتدا جو سال ٽي ايس ايليٽ (T.S.Eliot) جي طويل ۽ يڪتا نظم Wasteland ، جيمس جائس (James Joyee) جي (Ulyses) جي ڇپجڻ جي سال، رِلڪي (rilke) جي (Duiner Elegion) جي ڇپجڻ جي سال، ڊي ايڇ لارينس (D.H.Lawrance) جي (Aaron's Rod) جي ڇپجڻ جي سال، ورجينا وولف (ViRgina Wolf) جي (Jacob's room) جي ڇپجڻ جي سال – يعني 1922ع کي، جديديت جي ابتدا جو سال مجين ٿا – هتي ان لسٽ ۾ اڃا ڪجهه نالا آهن. جيڪي مان هڪ ته طوالت جي خيال کان، ٻيو ته اسان وٽ عام طور سان اهي گهٽ سڃاتل آهن، ان ڪري انهن کي ڇڏيندي، اصل ڳالهه ڏانهن ٿي اچان، ته هُتي هڪڙي ئي وقت هيڏا سارا وڏا اديب، شاعر ۽ ڊراما نگار، تخليق ڪري رهيا هئا، ڇپجي رهيا هئا، هڪٻئي سان هڪ پُورو ڇوٽ تي هلي رهيا هئا ۽ هڪٻئي جا Parallel جا هئا. هر هڪ پنهنجي طور تي هڪ مڪمل "ايڪو" هو. پر ڇو ته اهي سڀ ادب ۽ شاعريءَ ۾ نوان Trends کٽي آيا هئا، ان ڪري سندن نقاد کين ميجتا ڏين ٿا. سندن تحريرن جا حوالا ڏين ٿا، ڇو ته اتي Honesty آهي. ايمانداري انهن جي فطرت جو حصو آهي. جا شئي اکين جي آڏو اچي چڪي، ان کي ادب جو ڪوبه نقاد نظر انداز ڪري ئي نٿو سگهي، ڇو ته جي هو ائين ڪري ٿو ته هو خود پنهنجي گهٽ علميت ۽ گهٽ ڄاڻ ۽ خود ئي پنهنجي انڌائپ ۽ ٻوڙائپ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ خود پنهنجي Authenticity جو خون ٿو ڪري. ان ڪري هو ڪنهن کي به پنهنجو گهربل حصو نه ڏيڻ جي ويساهه گهاتي نٿو ڪري سگهي. ڇو ته پنهنجو پاڻ کي مستقبل جي تاريخ نويس

وٺ مشڪوڪ بڻائڻ نٿو چاهي، ڇو تہ هو Genuine بڻجڻ ٿو چاهي. ڇو تہ اڄ جو محقق ۽ نقاد پنهنجي اکين تي جيڪڏهن پاسخاطرين جا پردا چاڙهيندو، تہ بہ مستقبل جو نقاد ۽ تاريخ نويس هر پردي پوشي ۽ پاسخاطريءَ کان بالاتر ٿي، هر شئي کي پنهنجي اصل جاءِ ضرور ڏيندو. ٻين لفظن ۾ حقدار کي سندس حق ڏيندو. مون کي افسوس آهي تہ اسان وٽ اهڙي ۽ ايتري ايمانداري (Honesty) جو فقدان آهي. اسان وٽ اهڙي Geniunity ورلي ڪنهن وٽ آهي. هتي تہ جنهن جي هٿ ۾ قلم جو هٿيار آهي، سو رڳو سر قلم ڪري ٿو. هو صرف اهي نالا ڪٽي ٿو. جيڪي هو ياد ڪرائڻ چاهي ٿو. تہ ڇا پنهنجي تحريرن مان اهي نالا حذف ڪري، تاريخ مان ان نالي کي حذف ڪرائي سگهندو؟ ائين ڪري هو دراصل خود پنهنجين بد نيتن جا ثبوت ٿا ڇڏين – تحريري صورت ۾! اهو سڀ ڪجھ اهي ئي ٿا ڪن جيڪي خود دراصل ڪنهن هٽرادو ٽيڪ تي بيٺل آهن - ۽ جن جي پنهنجي ڪائي شناخت ناهي!

سنڌي شاعريءَ ۾ ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ جيڪو اُڀار آيو. تنهن کي گهٽي ۾ گهڻا شاعر گڏجي شيئر ڪن ٿا. ان وقت شاعرن ۾ قومي تشخص جو ڇيتو احساس اُڀريو، ان ڪري ئي ڌرتي تي لڳل ڏارن، حقن تي غاصباڻن قبضن، قيد بند، پابندين، رياستي جبر ۽ غدارين جي الزامن، جذبن کي اهڙو تہ جولان بخشيو جو شاعر هر ڏاڍ ۽ ڏمر جي آڏو ٿي بيٺو ۽ هن وڏي واڪ اهوئي چيو تہ:

سنڌ جي ڳالھ ڪريو

ڳالھ نہ ٻي ٻڌنداسين!

ان ڏاڍ ۽ ڏمر جي ڪاري رات ۾ روشني جيڪڏهن ڪٿي هئي بہ تہ ڪُڙڪُٻيتي جيان شاعريءَ جي ٽمڪندڙ سٽن ۾ هئي. تڏهن ان دور جي شاعري روح کي گرمائڻ لڳي هئي. ان دور کي اسين بلاشبہ سنڌي ادب جي جاڳرتا جو دور بہ چئي سگهون ٿا. ان دور ۾ شاعر رڳو مڪمل اوج ۽ عروج جو دؤر بہ چئي سگهون ٿا. ان دور ۾ شاعر رڳو اياز ناهي، ايازسان گڏ شاعرن جي هڪ پوري سنگهر آهي، سوني سنگهر، اياز، نياز، تنوير، شمشير، بردو، گدائي، مجيدي، استاد، سرويچ، منشي، ذوالفقار راشدي، بشير موريائي، قمر شهباز، فتاح ملڪ ۽ امداد حسينيءَ. جنهن دور ۾ هڪ ئي وقت اهي شاعر رسالن ۾ ڇپجندا هجن ۽ مشاعرن ۾ شعر پڙهندا هجن، ان وقت جي شاعريءَ جي اعليٰ معيار جو اسين اندازو ڪري سگهون ٿا.

سنڌي ادب جو اهو دور نهايت اعليٰ ادب جو دور هو. ان دور ۾ شاعرن جي هيڏن معتبر نالن سان گڏوگڏ سنڌي ڪهاڻي ۾ پڻ اوڏائي معتبر نالا اسان کي ملن ٿا.

سنڌ وانگر هند ۾ بہ اهو دور سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي مڪمل اوج ۽ عروج جو دور آهي. انهن ۾ گهڻائي انهن جي اهي جيڪي هتي هئڻ واري عرصي ۾ ئي لکندا هئا ۽ جاتل سڃاتل هئا ۽ ڪيترائي هتي جي مختلف رسالن ۾ وقتن فوقتن ڇپجندا بہ رهيا. هند جي سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي ان سوني سنگهر ۾ تمام وڏا نالا اسان کي پوتل ملن ٿا، جهڙوڪ، نارائڻ شيام، هري درياڻي دلگير، سڳن آهوجا، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ، ڪرشن کتواڻي، سندري اتمچنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي، گوبند مالهي، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، وشنو ڀاٽيا، ايشور چندر، ايشور

آنچل، موهن پنجابي، ارجن حاسد، ارجن شاد، هير موٽواڻي، نند جويري، ايم . ڪمل، هريڪانت ، انند کيماڻي، شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي . . . .

انهيءَ سموري تفصيل ٻڌائڻ مان منهنجو مقصد اهو واضع ڪرڻ آهي تہ اهو دور ذهين ماڻهن ، سچن آرٽسٽن جو دور هو / آهي. ان دور ۾ شاعريءَ توڙي ڪهاڻيءَ ۾ اسان کي بلاشبہ بيحد اهم، نهايت وڏا ۽ معتبر نالا ملن ٿا . جن ساهت، سيپتا ۽ قوم کي درپيش خطرن کي ٿارڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. ٿورن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ادب جو اهو دور Giants جو دور هو / آهي.

ميٿو آرنلڊ شاعريءَ جي "بلند تر ۽ بهتر مصرف" کي سامهون آڻڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. ان ڪري ئي شاعري اسان لاءِ زندگيءَ جي ترجماني آهي؛ بي معنيٰ زندگيءَ ۾ معنيٰ پيدا ڪرڻ؛ تسڪين حاصل ڪرڻ ۽ حوصلي سان جيئري رهڻ لاءِ شاعريءَ جي ماڏيم کي اپنائڻ ۽ ان سان اعليٰ ۽ ارفع تصور وابستا ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ شاعريءَ جي بلند معيار ۽ اعليٰ ۽ ارفع خاصيتن سان ڀرپور شاعريءَ ۾ ئي اسان جو ڀلو آهي. هڪ سوڀياوان قوم جي حيثيت ۾ اسان کي يقينن بهترين شاعري درڪار آهي. ڇو تہ بهترين شاعريءَ ۾ تعمير جي صلاحيت پنهان آهي. اها اسان کي جيئڻ جو حوصلو بخشي ٿي ۽ سچي ۽ سُريلي شاعري اهو سرور بخشي ٿي، جو سرور ٻي ڪابہ شئي بخشي نٿي سگهي.

امداد حسيني سنڌيءَ جو اهو اڪيلو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ ست ئي سُر سمايل آهن؛ هن جي شاعريءَ جا سُر ڪڏهن ڪومل آهن، تہ ڪڏهن تيور. امداد حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ اندلٺ جا ست ئي رنگ اسان کي سمايل ملندا ۽ وري انهن ستن رنگن مان ڦٽندڙ سهسين رنگ،

هي اکر جڻ تہ هڪ نگر آهي
رنگ سهسين، هزار معنائون
هٿ ۾ جڻ تہ مور پر آهي!

هو جنهن وٽ شاعريءَ ۾ هڪ اکر بہ جڻ تہ ڪو نگر آهي، تنهن وٽ نظمن ۾ هڪ پوري دنيا آباد آهي ۽ هو سهسين رنگن ۽ هزار معنائن سان ڀُر اهي لفظ مور پر سان پني تي اڪيري رهيو آهي. اهو شاعر امداد اسان جي نصيب جي نراڙ تي لفظ – ستارا ٿو چمڪائي:

شاعر چنڊ جيان
ان ڪاڳر تي
ٽانڪي وينو
لفظ ستارن جهڙا
ننڊڙن ٻارن جهڙا !

لفظ جيڪي معصوم بہ آهن، تہ ڏنگا بہ، چلولا، ڪيچلا، ضدي، ارڏا ۽ نٽر بہ آهن تہ سادا سُودا، سچا ۽ بي ضرر بہ آهن، ٻارن وانگي ئي!

امداد زندگيءَ جي هر رهڙ کي پنهنجي روح تائين محسوس ڪيو آهي. ان ڪري ئي امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ عام سماجي روين کان هٽي ڪري نوان رويا اپنايا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ لهجي جي بغاوت آهي. هو پنهنجي باغي جذبن جي اظهار لاءِ پنهنجو نئون ڊڪشن ( Diction )، پنهنجو محاورو، پنهنجا Metaphore، پنهنجون Similies، پنهنجا اهڃاڻ (Symbol ) ٺو جوڙي، هن جي شاعريءَ جي افق تيFigures of speech جون ڪهڪشائون ٺيون جهرڪن. هن شاعريءَ ۾ تجربي جو جوکم کنيو. هن پراڻو جي کنيو بہ آهي تہ پنهنجي "جڙ" کان توانائيءَ جي صورت کنيو آهي. ڇو تہ هو پنهنجي جڙ سان جڙيل آهي ۽ هوا ۾ لڙڪيل ناهي. هو لفظ جي تحريم کان پليءَ پت واقف آهي. هن جي شعر جي سٽن ۾ محض رواني ۽ سرلتا نہ پر واضع سچائي آهي. هو زندگيءَ کان ڀيو ڪجھ بہ نٿو گهري، هو تہ بس رڳو پوپٽ جي پرن جو رنگ ٿي، ترِين تي ٿو رهڻ چاهي.

امداد جي شاعريءَ ۾ اسان کي زندگيءَ جي تمام تر Softness بہ ملندي، مڌر سُر، مٺي خوشبو، وٽندڙ وَرڻ، ريشم جي نرماڻ ۽ لساڻ بہ ملندي، تہ زندگيءَ جون کُهريون سچايون (Harsher Realities of life) بہ هن جي شاعريءَ ۾ لَڀنديون، کهراڻ، ڳراڻ، ڪوساڻ، ڪوڙاڻ، هن جي شاعريءَ ۽ شخص جو ائين ئي حصو آهن، جيئن: نرماڻ، لساڻ، ٿڌاڻ ۽ مٺاڻ. ائين هن جي شاعريءَ ۾ هن جي شخص جيان ٻئي انهائون، انتهائي سرل نموني سمايل آهن. يا مان ائين ڪٿي چوان تہ هن جي شاعريءَ ۾ ٻئي انتهائون هڪ ٻئي ۾ ائين ئي سمايل آهن، جيئن پاڻيءَ منجھ ڪڪر يا پوءِ بادل ۾ بوندون:

"اُپ تي بادل
بادل ۾ بوندون
بوندن ۾ پاڻي
پاڻي نديءَ ۾
نديءَ ۾ ٻيڙي
ٻيڙيءَ ۾ تون مان!
تار نديءَ ۾ پيار ئي تاري
پارنديءَ جي پيار اُڪاري
پارنديءَ جي
لونگن جو پوٽو
لونگن ۾ خوشبو
خوشبو هوا ۾

هوا ۾ بادل – بادل ۾ بوندون...”

اُڀ، بادل، بوندون، پاڻي، ندي، ٻيڙي، لونگ، خوشبو هوا، تون، مان، پار ۽ پيار، ڪيڏن استعارن سان سينگاريل آهن گيت جون هي سٽون. امداد جي شاعريءَ ۾ پيار جي ڪا بہ پُڄاڻي ناهي. عشق هن جي شاعريءَ جو سڀ کان سگهارو جذبو آهي. بلڪ مان اجا بہ ائين چوان تہ دراصل ”عشق“ ئي امداد جي شاعريءَ جو بنيادي محور آهي. جنهن تي هو اڄ بہ ٽڪ ٻڌي بيٺل آهي:

عشق جي راهن مٿي ڪاوا اُيا
تون نہ هل تنهنجو صباجهڙو خرام

ڪان ويندي:

دين دنيا نہ ملي، ذات نہ ڪو ذانءُ مليو
عشق ئي عشق وديعت ٿيو توکي مون کي.

تائين: عشق ئي اهو جذبو آهي، جو نت نئون آهي: پاروتو ۽ پراڻو نہ ٿيو آهي. ان ڪري ئي امداد جي شاعريءَ ۾، اُها تازگي ۽ شگفتگي اڄ بہ آهي: جا گُل ٽڙڻ تي گُل ۾ هوندي آهي: هو تہ پنهنجي رب کان ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ ٿو گهري: هو تہ بس رڳو، هڪ گيت گهري ٿو من ميت گهري ٿو: ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو پلي پت ڄاڻي ٿو تہ پيار زندگيءَ آهي، پيار روشني آهي!

امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جو بنيادي نڪتو هن جي شاعريءَ جو محور: هن جي شاعريءَ جو مرڪز: هن جي شاعريءَ جو Nucleous پورو وچ پيار ئي آهي:

پيار ئي هڪ لفظ آهي پهريون ۽ آخري
هونئن ٻڌڻ ڄاهين تہ آهن لفظ بي معنيٰ سوين!

هونئن اها بي ڳالهہ آهي تہ امداد جي شاعريءَ بي معنيٰ لفظن جو مانداڻ ناهي. هو لفظن کي مڪمل معنويت عطا ڪري ٿو. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ هو محض معنائن جي ماپيل ڳچيل دائري کان بہ اڳتي نڪري ويندو آهي. ڇو تہ شاعر جو ڪم محض ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ ناهي: پر شاعر جو اصل ڪم ٻولي تخليق ڪرڻ آهي. ان ريت شاعر نہ رڳو ٻوليءَ جي لفظن کي محفوظ رکي ٿو پر ٻوليءَ کي نون لفظن جو خزانو پڻ عطا ڪري ٿو. نوان لفظ گهڙڻ، لفظن کي هڪ نئون آڪار ڏيڻ: نئين معنيٰ عطا ڪرڻ: پراڻن وسريل لفظن کي صيقل ڪري نئين سونهن بخشڻ: شاعر جوئي ڪم آهي. ائين شاعريءَ صناعي ٻڻجي ٿي وڃي ۽ امداد اهو سڀ ڪجھ ڏاڍي پيار ۽ پابوه مان

ڪري ٿو. امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻي انداز Compound words پڻ ٺاهيا آهن. مثال طور؛
“سورج – گُل، سج – سواگت، اکر- اُڪيل، ڏيهه – ڏيا” ۽ ٻيا بہ گهڻائي؛

پهريون سونو ڪرڻو سج جو
تنهنجي مُک جي سورج گل کي
ايئن چُمي جيئن آءُ چمان ٿو.

❖

پکي مٿي لات جاڻ لنوندا
۽ سج سواگت جا گيت چوندا

❖

تو جا اکر اُڪيل، ڪوري پني تہ ڪئي
ڪيڏي سهج سياءُ سان، جيئہ اڻ چئي

❖

ڏيهہ ڏيا تہ اجهامي ويندا
پنهنجي وٽ ۾ ڪامي ويندا

❖

هيئن شعرن ۾ امداد وٽ لفظن جي نئين نرالي سٽاءُ ڪي ڏسو ڪيئن نہ لفظن کي نئين گهڙت ڏني
ٿو جا Grammatically بہ صحيح آهي؛

الڪيل الڪيل سپ راتيون
سُڏ ڪيل سُڏ ڪيل منهنجا ڏينهن

امداد پنهنجي احساسن جي تُز ۽ گهري اظهار لاءِ سُڏڪي مان سُڏڪيل ۽ اُلڪي مان اُلڪيل
جون صورتون استعمال ڪري ٿو جيڪي عام مروج ناهن. ائين شاعر پنهنجي احساسن جي سهڻي
۽ سُريلي اظهار لاءِ لفظن کي ڪيئن نہ تخليقي سطح تي استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجو هڪ منفرد
(Diction) ناهي ٿو، جيڪو ئي اڳتي هلي هن جي سڃاڻپ ٿو بڻجي. ان ريت شاعر ٻوليءَ جي
لفظن ۾ معنائن ڪي وسعت ۽ سُونهن عطا ڪري ٿو، ڇو تہ هو ڄاڻي ٿو:

لڙڪ کي لفظ ڪرڻ ايترو سولو ناهي
ٻاھ جو سمنڊ ترڻ ايترو سولو ناهي.

شاعريءَ ۾ لفظ، معنيٰ ۽ خيال هڪٻئي سان سلهاڙجي ٿا اچن. هتي هن شعر ۾ “لڙڪ کي لفظ” سان تشبيھ ڏنل ناهي، بلڪ لڙڪ کي لفظ ڪرڻ جو خيال پيش ڪيل آهي. ان ۾ لڙڪ ۽ لفظ جي ماهيت سان گڏوگڏ جا پيڙ لُڙڪ ۾ سمايل آهي، سا پيڙ لفظ ۾ پري، ان کي لرزندڙ لُڙڪ بڻائڻ، شاعر جي تخليق جي منتهيٰ آهي. هونئن ته ٻاھ ۽ پاڻي هڪ ٻئي جو ضد آهن ۽ پاڻي ٻاھ کي اُجهائيندو آهي، پر ٻن ضدن کي يڪجا ڪرڻ جو ڪرشمو رڳو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو ۽ اهو امداد “ٻاھ جو سمنڊ” تخليق ڪري رهيو آهي.
شاعر ٻوليءَ جو خالق آهي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ کي تخليقي سطح تي نه رڳو استعمال ڪري ٿو پر نوان لفظ به گهڙي ٿو. لفظن جي نحوي بناوت ۾ تجربا ڪري، انهن ۾ نيون صورتون پيدا ڪري ٿو. جيڪي اڳي ڪڏهن به مستعمل نه رهيون آهن. ڪيترن ئي غير مروج ۽ وساريل لفظن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري، انهن کي مروج ڪرڻ لاءِ جتن ڪري ٿو. تشبيهاتي، تلميحاتي ۽ استعاراتي سطح تي ٻوليءَ کي خوبصورتيون ۽ رنگينيون عطا ڪري ٿو. امداد جي شاعريءَ ۾ اهي مِڙئي خوبيون توهان کي يڪجا ملنديون. ان لاءِ مان هيٺ امداد جا ڪجھ شعر ۽ سٽون ڏيئي رهي آهيان:

سنسار سڄو سناٽيل مون وانگي ئي
ڪا رڙ آهي گهوگهاٽيل مون وانگي ئي
❖
سِٽ – سريءَ ۾ لُڙڪ پوئين ٿو پيو
نور ڪنهن جي لئه نچوئين ٿو پيو
❖
ڏِاها! تنهنجي ذات، سپ ساٽيھ سُڪاريو

انهن سٽن ۾ تجنيس حرفي، سناٽيل، گهوگهاٽيل ۽ سُڪاريو جي لفظي صورتن ۽ سهج، سياڻ، ساٽيھ جهڙن نج سنڌي لفظن جي استعمال تي غور ڪيو.

مون وٽ سٽ لکڻ جي لاءِ
تو وٽ سٽڻ جي لاءِ
ڪاٺ جي لئه دوکا ڪوڙ
آهن لڙڪ پيڻ جي لاءِ

❖

ڪئن نہ امداد ”سنڌ“ جي نالي
ڪوٺيون ٺي ويون ڪريون يارو!
سون ميڙيو ۽ ڪنهن ڪنئي چانديءَ
مون ڪنيو برهہ جون ٻريون يارو!

❖

پاڻ پنهنجا ڪڏهن ٿياسين ڪونہ
سي بہ تنهنجا ٿيا پيا آهيون

❖

تن ۾ تنهنجي تار ائين
جيئن چڙيءَ جي لار ائين

❖

سوچون، اڏما، اونَ
ٻُهريل هي جي ڳوڙها
جاڳندا بہ يا ڪونہ!

❖

منهنجي لئہ تون ڀلي مشڪل سهي دشوار سهي
هر اَويءَ لاءِ سويءَ لاءِ تہ آسان نہ ٿي

❖

ڏڪا بس جا جهلي هن جو پُڇائي
وڃون گهر تي تہ چوندا ٻهر آهي

❖

هن غزل ۾ جتي ”بس جا ڏڪا“ شهر جو استعارو آهي اُتي لفظ ٻاهر کي نيٽ لاڙائي لهجي ۾ ”ٻهر“ چوڻ، ان شعر ۾ شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي خوبصورت آميزش آهي. اهو شعر سنڌ جي هڪ نئين ڪلچر جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو اسان وٽ Merge ٿي رهيو آهي. اڳي اسان جو مرد صبح کان رات تائين اوطاق ۾ براجمان هوندو هو. آيو ويو، ڇيڙيون نبيريون، ڪچهريون، ڪيئن شونق شغل لڳا پيا هوندا هئا (هيڪارن جا هُل ٿيا هوندا – ڏاڍا شونق شغل ٿيا هوندا) . هاڻ گهر ۾ واڙجڻ کان پوءِ بہ ”ٻهر“ هجڻ جو بهانو – هڪ سنو شهري بهانو آهي. امداد جي نهايت خوبصورت غزل ”اهوئي شهر آهي“ ۾ ”شهر“ جي مناسبت سان ڪتب آندل نهايت ئي خوبصورت قافين، ”شهر، زهر، قهر ، بي مهر“ سان ”ٻهر“ هڪ نهايت سهڻو ۽ ڦبي بيٺل قافيو آهي. امداد پنهنجي ٻوليءَ جي نج، اصل ۽ خوبصورت لفظن ۽ نحوي بناوتن کي نهايت مناسبت سان هنڌ هنڌ استعمال ڪيو آهي:

هڪ پيالي مان بہ هڪ هڪ سُرڪ سُرڪندا هئا
پور مانيءَ مان بہ هڪ هڪ چَڪ اوڪِيندا هئا

❖

هيءَ جا شيخ حفيظ جي، وھ وھاڻيل مُرڪ
سُرڪيام سُرڪ سُرڪ، ڦهليو زهر وجود ۾

❖

ڪيڏيون ڳالهيون ڳالهايونم
هڪڙي ڳالھ چوڻ جي لاءِ

امداد جي شاعريءَ ۾ تشبيهن جي بي پايان حسن آهي. هن وٽ نيون تلميحون بہ اسان کي ملنديون. هن جي شاعري ايذرا پائونڊ جي لفظن ۾ "استعارن جو جهنگل" آهي. مون اهي سمورا چونڊ مثال هڪ هنڌ يڪجا ڪيا آهن، توهين بہ پڙهو۽ محظوظ ٿيو:

ڪچي مانيءَ جهڙو ڀاسي
تون بن چوڏهينءَ چنڊ ميان!

❖

سانوري شام جهڙي هڪ وينگس
ڪيئن نہ هن سان ٻڪي پئي آهي
جيئن وڻ سان هجي ٻڪيل ڪا ول!

❖

لاڪ رتڙي باک بڪٽي، سونَ وَرَڻي سوَڳٽي
ڪيئن نہ مٽي ۾ ملي وئي، نوجواني سنڌ جي

❖

راهوڪي، تي رنگ، پلتيائين پاٻوھ سين
چُرندا ٻرندا ٿي ويا، چاندوڪيءَ ۾ چنگ
هير هندورو ڪيت ۾، جهومن سونا سنگ
ارتا انگ اُمنگ، سرتا سُرهي ساھ سين.

❖

ڪوءِ سڪ، ٻن سُمهڻ ، جان ۾ جَنڊي پائي
ڏيھ جا ڏک ڏرڻ ايترو سولو ناهي

❖

اندلتي اتهاسڪ بنا، هٿ تي هٿ رکي لکنداسين
سڪ ئي سڀ ڪجهہ سيکاري ٿي، سِڪ ڪان ئي سڀڪجهہ سکنداسين

❖

موتي جو آ مُلهہ مهانگو اٽمُلهہ آهي پيار
ندي لُڙاتيل، ساگر ڪارو، نينهن نہ آهي نِبار.

❖

سنڌڙي سُر، سنگيت، سُڳنڌ
مون کي سائينءَ جو سوڳنڌ

❖

امداد وٽ ٻوليءَ جون جيڪي خوبصورتيون ۽ نفاستون آهن، تن جي مڪمل وستار لاءِ ئي وڏو وقت ٿو گهرجي. امداد شاعريءَ ۾ لفظن ۽ معنائن جي قوت ۽ اهميت جو تہ يقينن قائل آهي، جنهن جو ثبوت هن جي شاعريءَ آهي. پر هو ساڳئي وقت شاعريءَ ۾ سُرن ۽ آوازن جي جادو کي بہ اُجاگر ڪري ٿو. امداد جي ترائيل " هليا تہ پيار ڪريون" جو سٽون آهن:

هليا تہ پيار ڪريون پيار زندگي آهي
ڏڪار ڏار نہ دل ۾، ڏڪارجي نہ وڃين

هونئن تہ امداد جي سموري شاعريءَ ۾ تجنيس حرفيءَ جو بي پايان حسن سمايل آهي، پر هن شعر جي پوئين سٽ ۾ ڏَ ڏَ ڏَ ڏَ جو ورجاءُ شاعريءَ ۾ تجنيس جي اهميت اُجاگر ڪري ٿو. "ڏ" جو آواز "دَ" جو Explosive voice آهي ان سان گڏ "رَ" جو ٽي ڀيڙا ڦچاڙي ۾ ورڻ Assonance جو خوبصورت استعمال آهي. انهن سان گڏ وري "نَ، م ۽ ڄ" جي Nasalised sounds جو ورجاءُ ; ان سٽ ۾ "ڏَ" ۽ "رَ" جي آوازن جي کهراڻ کي نرماڻ عطا ڪري ٿو. ساڳي وقت "ڏڪار" ۽ "ڏڪارجي" جو بامعنيٰ لفظي جوڙ تڙ ۽ تخليقي اظهار آهي.

شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي باريڪين، ان جي نزاڪتن کي، معنائن جي انيڪ خوبصورتين ۽ نفاستن کي، فقط اهوئي شاعر تخليقي سطح تي استعمال ڪري سگهندو، جنهن وٽ ٻوليءَ جو اٽميو خزانو هوندو ۽ جو ان کي استعمال ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت پڻ رکندو هوندو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ امداد ۾ اها صلاحيت موجود آهي ۽ هن کي ٻوليءَ تي اهڙي ۽ ايتري دسترس حاصل آهي. شاعريءَ ۾ ٽُڙ ۽ سهٽيون سٽون لاشعوري طور تي ئي سرجي اچن ٿيون ۽ امداد جي شاعريءَ ۾ اهڙين سٽ — رنگي سٽن جي انبلٽ تاٽيل آهي :

منهنجي من ۾ آس اهائي

تن ۾ تانگهيل تاس اهائي
ڏر کان باسيل باس اهائي

❖

ٻُوٽ ٻُوٽا ڙيل پلا ڇا لاءِ؟
ڄِپ آهي ڄِپي تہ پل جَرکي
سوچ آهي تہ بي صدا ڇا لاءِ

❖

اکڙيون کٽيو جهڪائين ، جهڪايو وريو کٽين
منظر هي شاعريءَ ۾ پلا ڪيئن ادا ڪجي

❖

وسري ويئڙيون سپ وڃائون، لهرين ساڻ لهان ٿي لائون
وچ سِير ۾ آهيان آئون، ڪيڏا ڏور ڪنارا آهن.

❖

اهڙيون سٽون يقينن لاشعوري طور تي ئي لکجي وڃن ٿيون، ڇو تہ اهڙي شاعريءَ شعوري ڪوشش سان ڪري ئي نٿي سگهجي. لاشعوري طور تي تخليق ٿيل اهڙين سٽن ۾ لفظ، معنيٰ، گهاڙيٽو، رس، النڪار ۽ وزن هڪ ٻئي کان ڌار ناهن هوندا، ڇو تہ انهن جو نزول هڪ ئي وقت ٿيندو آهي. ان ڪري اهڙين سٽن جي سونهن کي الڳ الڳ ٽڪرن ۾ ٽوڙي سمجهائي نٿو سگهجي. ان جي سونهن جي تمام تر جزن کي ٽوڙي الڳ ڪري سمجهائڻ ائين آهي جيئن گُل جي پنکڙي پنکڙي ڇني ڌار ڪري، گل جي سُونهن بابت سمجهائجي پر پوءِ بہ ان مان اها سونهن ۽ خوشبو ليپي نہ سگهبي. سٽ جي سونهن ائين سمجهائڻ سٽ جو خون ڪرڻ آهي. ڇو تہ اهي سٽون ڪنهن گل وانگيان ئي پنهنجي مڪمل صورت ۾، پنهنجي ڪُل ۾ ئي سهٽيون آهن. اهڙيون سيني وصفين سهٽيون سٽون شاعر جي وجدان جو حصو آهن.

امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جي انيڪ خوبصورتين مان هڪ اهم خوبصورتي هن جي شاعريءَ جي جاندار منظرنگاري بہ آهي. امداد جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري دراصل Miniature Painting جيان آهي. جنهن ۾ منظر جي تمام تر جزئيات کي هو نهايت باريڪ بينيءَ سان پيش ڪري ٿو. مثال طور هن جو هڪ انتهائي خوبصورت نظم "انتظار" ئي کڻو. ان نظم ۾ انتظار جي پيڙ، درد، تڪليف ۽ اينگهہ جو اظهار هو ڪيترن ئي خوبصورت استعارن جي حوالي سان ڪري ٿو ۽ منظر چٽيندو وڃي ٿو:

ٻاهر سٽل گهٽيءَ ۾ اڪيلو اداس بلب

چيڙي تي هڪ ڪتو ڀيو ڀؤنڪي ذري ذري
هن هجر جهڙي رات ۾ تنها ڪتي ڪتي
بيمار لاءِ ڪمري ۾ بتي پئي ٻري
ڏس ايئن نہ ٿئي جو رات ئي گذري نہ ڏينهن اچي
بيمار پاٽي پاٽي ڪري جان ڏئي ڇڏي!

هن نظم "انتظار" ۾ موضوع تي شاعر جي گِرپ (Grip) حيرت انگيز حد تائين Compressed آهي. ساڳي وقت ان نظم جو اهڃاڻاتي ( Symbolical ) سطح تي پڻ نهايت بلند رتبو آهي. "اداس بلب"؛ بلب، جو هڪ بي جان شئي آهي، ان ۾ احساسن جو هجڻ يا احساسن کي ان سان وابستا ڪرڻ، شاعر جو تخيل ئي ڪري سگهي ٿو. "ڪتي جي ڀؤنڪ" ان سناٽي ۾ ڪنهن آواز جو اُڀرڻ بہ زندگي جي علامت آهي . "هجر جي تنها رات، هڪ بيمار ۽ ان بيمار لاءِ ٻرندڙ بتي، رات، ڏينهن . . ." اهي سڀ ملي نظم کي هڪڙي احساساتي ڪيفيت عطا ڪن ٿا ۽ اڪيلائي ۽ انتظار جي ڪيفيت کي وڌيڪ اُجاگر ڪن ٿا. نظم جي سٽن ۾ قافيي جو تواتر سان اچڻ، يا ساڳين لفظن جو ورجاءُ جهڙوڪ: ذري ذري؛ ڪتي ڪتي؛ هري هري؛ پري پري؛ جتي نظم کي خوبصورتي عطا ڪري ٿو اتي ڪن ڪن، لمحي لمحي جي اِنگهي اِنگهي، اٽڪي اٽڪي گذرڻ جو احساس وڌيڪ شديد ٿيندو وڃي ٿو. ان ريت جذبي جي شدت کي وڌيڪ خوبصورتيءَ سان محسوس ڪرائي سگهجي ٿو.

هن نظم ۾ احساسن ۽ منظرن جي خوبصورت اٽت؛ لفظن جي خوبصورت اٽت کان الڳ ناهي. هن نظم ۾ مختلف صوتين ۽ آوازن ۽ سُرن ۽ وينجنن (Consonance) جو آرٽسٽڪ استعمال ٿيل آهي:

سيني ۾ تنهنجي ياد مُرجهائجن نہ گل
اکين ۾ انتظار جو شمعون نہ گل ٿين

هونئن تہ هي شعر پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم جي خوبصورتي ۽ احساس جي سرلتا جي ڪري ئي منفرد ۽ سهڻو آهي؛ پر ان شعر ۾ "ياد جي گلن" ۽ "انتظار جي شمعن" جي تصوان شعر جي سونهن کي سرس ڪيو آهي. انهن ٻن سٽن ۾ ٻن جاين تي لفظ "گُل" جو ٻن مختلف معنائن ۾ استعمال پڻ شاعر جي ٻوليءَ تي دسترس ۽ شاعر جي اظهار جي صلاحيت ۽ خيال جي نفاست کي ظاهر ڪري ٿو. ان نظم جي آخري بند ۾ شاعر جي تخيل جي تڪميل انتهائي اثر انگيز ۽ پرفيڪٽ آهي:

اڄ رات جيڪو جي سگهي دنيا انهيءَ جي آهہ
سڀ زهر جيڪو پي سگهي دنيا انهيءَ جي آهہ
جيڪو بہ تنهنجو ٿي سگهي دنيا انهيءَ جي آهہ

امداد جي شاعريءَ ۾ ڀرپور منظرنگاريءَ، خوبصورت، باريڪ ۽ نفيس چٽسالي اسان کي جاءِ جاءِ تي ملندي. ان سلسلي ۾ مان "پرشور سناٽو" جو بہ ذڪر ڪرڻ چاهيندس. "پرشور سناٽو" هڪ

ٽيپيڪل امداد اسٽائيل نظم آهي. جيئن ان جي عنوان مان ئي ظاهر آهي ان نظم ۾ ”سناٽي“ ۾ جيڪو ”شور“ سمايل آهي، تنهن کي رڳو شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. پر هو اسان کي به محسوس ڪرائڻ چاهي ٿو. امداد جي شاعريءَ ۾ جيڪو درد پنهان آهي؛ سو هن جي تيز حسيَت جي ڪري آهي. ”پرشور سناٽو“ هڪ اهڙو نظم آهي، جنهن ۾ امداد پنهنجي ”حواس خمسہ“ جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. هن نظم ۾ تخيل ۽ حقيقت جي خوبصورت آميزش اسان کي ملندي. سچ: نهايت خوبصورت به آهي؛ سچ: نهايت بدصورت به آهي. ”پرشور سناٽو“ ۾ موجود اٿاهہ درد کي امداد اهڙن ئي تضادن ذريعي نهايت چٽائي سان اُڀاريو آهي. هن جي اکين جي اسڪرين آڏو ڪيڏا منظر اُڀري اُلهي؛ اُلهي اُڀري رهيا آهن. سين سپر امپوز ۽ ڊزالو ٿي رهيا آهن. هي سمورو نظم هڪ خواب وانگيان آهي؛ خواب: جنهن جو سمورو شور خواب جي اندر آهي؛ خواب کان ٻاهر ڪجهہ به نہ آهي. هڪ اهڙو خواب جو ڏاڍو ڏکو آهي؛ جو ڏاڍو خوبصورت به آهي؛ تہ ڏاڍو ڀوائتو ۽ ڀيڙيندڙ بہ آهي؛ ان سپني ۾ خوبصورت منظر: روشن ستارن جهڙا: رنگارنگ گلابن جهڙا مهڪندڙ منظر بہ آهن:

شهر لاهور، مال روڊ ۽ آءُ
لان ۾ پام جي اُڀي وڻ تان
شام آهي لٿي ستارن سان.

❖

سانوري شام جهڙي هڪ وينگس
ڪيئن نہ هن سان ٻکي پئي آهي
جيئن وڻ سان هجي ٻکيل ڪا ول!

❖

هوءَ جا ڪار مان لٿي آهي
چال ۾ ڪيتري نزاڪت اٿس
هير وانگر گهلي رهي آهي.

❖

ساڳي ئي سمي خواب ۾ منظر بدلجي ٿو ۽ سُندر سپنو هڪ ڀوائتي سپني ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ سمورا منظر يڪايڪ ڪنهن Horror Movie جا منظر بڻجي ٿا وڃن؛ سنڌ جنهن جي آسمان تي اسان جي نصيب جو ڪو ستارو بہ ناهي روشن:

نيڪ هن مهل شام ٿيندي ئي
منهنجو هر ڳوٺ، منهنجو هر شهر

ڪنهن ستاري بنا گگن هيئان
ڪيڏو پڙپانگ ڪيترو ويران
هٿ لڪيرن جيان گهٽيون ان جون
ڪنهن ڏهاڳڻ جي سينڌ جان سنسان
نہ ڪچهريون نہ هُل نہ هنگاما
نہ ڪٿي راڳ رنگ، راند نہ روند
هوندي سوندي بہ ايتري اٿهوند
ڇڻ تہ ماڻهو اتي رهن ئي نٿا!
آسمان کان وٺي زمين تائين
گهور گهنگهور آهہ سناٽو
ڪيڏو پُرشور آهہ سناٽو!

امدد ان نظم ڪي لکندي ڪنهن Nostalgia جو شڪار ناهي ٿيو. بلڪ هن محض سماجي تضاد ڪي مختلف منظرن جي حوالي سان اُڀاريو آهي. سنڌ جنهن Social ۽ Cultural Chaos مان گذري رهي آهي؛ ان جي چٽسالي امداد نهايت پيڙاتمڪ انداز ۾ ڪئي آهي. نظم جي پڇاڙيءَ تي شاعر جو هانو تي هٿ ڏرڻ، دراصل ماڻهن جي هانو تي هٿ ڌرڻ آهي.

شاعر زندگي جي بيحد ننڍڙين ۽ عام ڳالهين ڪي ڪيڏين گهرين معنائن ۾ ڪٺي ٿو. سو شاعر جي دور رس نظر جو ڪمال آهي. ائين شاعر جي دور رس نظر جو اهو ڪمال دراصل شاعريءَ جو ڪمال بڻجي ٿو وڃي. شاعر زندگيءَ مان پنهنجي لاءِ مواد ڪيئن ڪيئن ۽ ڪٿان ڪٿان ڪٺي ٿو ان جو هڪڙو ننڍڙو مثال امداد جو نظم ”مرڪ اسٽڪر“ آهي. مونکي ياد آهي تہ هڪ ڀيڙي مان پنهنجي ڌيءَ جي فراڪ تي لڳائڻ لاءِ هڪ بيحد خوبصورت اسٽڪر خريد ڪري آيس، اِسٽڪر شرٽ تي پريس ڪري ڪٽي آيس ۽ ڪانئس داد طلب ڪيم تہ چيائين: ”چا ماڻهوءَ جي ڇهري لاءِ اهڙا ڪي اِسٽڪر نٿا ملن؟ . . . ڪو مرڪ اسٽڪر!“ ان کان پوءِ ئي هن هي نظم لکيو هو. ان نظم جو آخري بند آهي:

تو ڪڏهن اهو سمجهيو
مُرڪ – اسٽڪر آهي
ڦٽ جي ڪڙيءَ وانگي
هنڌ هنڌ تان اُکڙيل
تو ڪڏهن اهو چاهيو
مرڪ – اِسٽڪر هاٽي
بن چپن مٿان ڪُرڙي

## ٻست ٻن ۾ اُڇلائين!

”مُرڪ اِستڪر“ يقينن امداد جي شاعريءَ جو (ان ڪري سنڌي شاعريءَ جو پڻ) هڪ نئون استعارو آهي. اهڙا ڪيترائي نوان استعارا ان نظم ۾ آهن.

امداد جي شاعريءَ جو انوکو رنگ رڳو ”مُرڪ اِستڪر“ کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪرڻ ناهي، پر اصل ۾ لهجي جي اها ڪَؤڙاڻ ئي ان ۾ اهو انوکو رنگ ڀري ٿي، جا زندگيءَ جي تضاد کي وڏيڪ اُڀاري ٿي، جو ”رنگ اڏاڙل مرڪ استڪر“ ۾ لِڪل آهي ۽ جو ”ڦٽ جي ڪڙيءَ وانگر“ هنڌ هنڌ تان اکڙي چڪو آهي. ڪوڙ ڏيکاءُ ۽ بناوت کان نفرت ڪندڙ سچو ۽ کرو شخص امداد ئي ائين چئي سگهي ٿو ته: ”مُرڪ اِستڪر هاڻي، ٻن چپن مٿان ڪرڙي، ٻست ٻن ۾ اُڇلائين!“ شاعريءَ ۾ اهڙو تيز ۽ چٽو رنگ صرف امداد جو ئي ٿي سگهي ٿو. اهڙو Blunt ۽ اوريجنل لهجو شاعريءَ ۾ صرف امداد ئي اختيار ڪري سگهي ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ امداد جو يقينن هڪ منفرد ۽ نمايان رنگ آهي. هن جي شاعريءَ جي اوريجنلٽي ؛ هن جي ٻوليءَ (Diction) جي خوشبو، تخيل (Imagination) جي بُلندي، خيال (Thought) جي خوبصورتي، احساسن ۽ جذبن (Feelings) جي نرمي ۽ گرمي، معني جي گهرائي (Meaning of meaning) ، قافين ( Rhyme ) جي رنگارنگي، سُر ( Rhythm ) جي لهر - ۽ انهن سڀني کان وڏيڪ امداد جو سچو ۽ کرو لهجو هن جي هر نظم، شعر ۽ سٽ مان ليئو پائي ٿو– بلڪ هن جي تمام شاعريءَ تي سچائيءَ جو اهو رنگ حاوي آهي:

مون وٽ سِٽ لکڻ جي لاءِ
تو وٽ سِٽ سِٽڻ جي لاءِ

❖

سِٽ سِٽ جڻ سنگين هجي، ۽ پنو رت سين رنگين هجي
مُڇيل آڱرين سان بہ لِکڻ، اهو ناهي لکڻ ڀيو ڇاهي ڙي!

❖

”لڙڪ جو لفظ ۾ آهي
سو ٽشو پيپر سان
ڪو اُگهي آهہ سگهيو جو اُگهندو!
سُور جو سِٽَ ۾ آهي
سو سچائي نہ سگهيو آهي ڪو
تہ دوا ڪهڙي ڪندو!
زخم جو نظم ۾ آهي

اهو ڪنهن ڪي بہ نظر ڪونہ اچي ٿو
تہ پهو چا رکندو!

امداد وٽ طويل نظم چوڻ جو ڏانءُ آهي ، سنڌي شاعريءَ ۾ طويل نظم، جن ۾ شاعريءَ جون تمام تر خوبيون ۽ خوبصورتيون، نزاڪتون ۽ نفاستون هجن ۽ جي تمام تر فني تقاضائن تي پورا لهندا هجن، امداد حسينيءَ ئي لکيا آهن.

امداد جو نظم "روٽس" ( Roots ) هڪ ماڊرن ايپڪ آهي، دراصل امداد ۾ Patience بہ آهي، تہ لڳاتار لکندي رهڻ جي صلاحيت بہ آهي. روزانو لکڻ ۽ راتين جو دير تائين جاڳي لکڻ هن جو نيم آهي. نيون شيون لکندو رهڻ ۽ لکيل شين کي سنواريندو رهڻ / نظم جي صورتگريءَ ۾ هو تيستائين رڌل رهندو آهي جيستائين ان کي مڪمل نہ ڪري وٺي.

طويل نظم لاءِ موضوع جي مناسبت سان مواد لاءِ جا Research Oriented study درڪار آهي، سا بہ امداد نهايت دلچسپي سان ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ تخليقيت جو عنصر بہ ان "سچائيءَ" کي نظم ڪرڻ لاءِ معاون ۽ مددگار ثابت ٿئي ٿو. اهو بي پناهہ تخليقيت جو عنصر پڻ امداد جي سرشت جو اڻ ڇڇجندڙ حصو آهي. امداد اهڙا ڪيترائي طويل نظم لکيا آهن، جيڪي پنهنجي موضوعاتي سنجيدگي، پنهنجي ٻولي، وزن، ورتاءُ جي لحاظ کان منفرد ۽ يڪتا حيثيت رکن ٿا، انهن مان ڪنهن بہ نظم جي ٻئي نظم سان ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. هن مجموعي ۾ شامل نظم "جاڙيون قبرون" پنهنجي Contentجي حوالي سان هڪ نهايت جاندار نظم آهي. امداد ننڍي بحر جي هن نظم ۾ نهايت وڏي ۽ سنجيدي موضوع کي سمايو آهي. هي نظم "علامہ آءِ آءِ قاضي" جهڙي قداور شخص کي سندس هڪ شاگرد ۽ معتقد پاران ڏنل Tribute آهي. ساڳي وقت هي نظم بحيثيت قوم اسان جي بيحسيءَ جو ماتم بہ آهي. امداد هن نظم ۾ نهايت سنجيده سوال اُٿاريا آهن. شاعر جيڪي خواب ڏسي ٿو اهي سمورا خواب هن ان نظم جي صورت ۾ اسان کي ارپيا آهن، علامہ آءِ آءِ قاضي جيڪو سنڌي قوم لاءِ روشنيءَ جو مينار هو. ان جي حضور امداد پنهنجي نظم جو "روشن ڏيئو" پيش ڪيو آهي:

آفيس ڪان اوهان جو
سڏ پنڌ تي جو آهي
قاضيءَ ۽ ايلسا جو
سو مقبرو ڏٺو ٿو
هيڏا پگهار رتبا
جي ماڻيو اوهين پيا
جاليءَ اوهين ڪريو پيا
هي نٽ هي ٺانگر
ان جي ڪري ئي آهن

سو شخص سچ پچو جي
ڏاتار هو اوهان لئه
جو شخص روشني جو
مينار هو اسان لئه
جنهن قوم کي اهڙيون شخصيتون مليون:
جنهن شخص نور جي نئن
هر روح ۾ وهائي
۽ جنهن اهو چيو ۽ ان تي عمل پڻ ڪيو ته:
اونداهه جَهل آهي
۽ علم روشني آ

" ان شخص جي قبر تي، ڪو بلب روشن ناهي" ۽ اتان ڪان ڳالهه جو چيڙو جهلي، شاعر سُڪي ويل چپن ۽ سُڪي ويل گلن تي ڏک ڪندو انهن سنڌي شهيدن جي ڏک تائين رسي ٿو جيڪي مختلف تحريڪن ۾ ڪم آيا، جيڪي سوريءَ کي سيج ڀانئي، ڦاهيءَ تي لڙڪيا، ٽانڊن تي ٽچڪيا، پر ڪو نه لِچڪٽا، تڏهن اُهي به اسان منجهان ئي هئا، جيڪي چپن تي چُنو لائي بيحس پٿر جان بيٺا رهيا، ڇو ته انهن جي اک جو پاڻي مري چڪو هو ۽ اُهي:

هي نظريهءَ ضرورت
جا پوئلڳ منافق
هٿ ٺوڪيا مفڪر
هر دور جا چنيسر
ايجنٽ دشمن جا
غدار هي وطن جا

شاعر وٽ جتي "چنيسر" اڄ به غداري جي زنده علامت آهي، اُتي شاعر خود پنهنجي دور مان ڪيترا نوان استعارا ڪڍي ٿو جيئن: "نظريهءَ ضرورت" جو استعارو. يارنهن سال، جبر جي ان طويل ڪاري رات جي ڪارنهن صديون به نه ڌوئي سگهنديون، جڏهن ڪورٽن جي قاضين به ظالم ۽ جابر حڪمران ضياءَ جي هٿ ۾ "نظريهءَ ضرورت" جي تلوار ڏيئي ڇڏي هئي — ته هو "نظريهءَ ضرورت" جي تلوار جي ڌار جنهن جي وجود ۾ وٽي، جڏهن وٽي، تڏهن اتاري ڇڏي. ان ڪري ئي استعارو سِٽ جي اهميت ۽ افاديت کي وڌائي ٿو ۽ شاعر ان جي مدد سان پنهنجي ڳالهه وڌيڪ چٽائيءَ سان، وڌيڪ خوبصورتيءَ سان، وڌيڪ آرٽسٽڪ نوع ۾ ڪري سگهي ٿو. هن هڪڙي نظم جي باري ۾ ئي مون گهڻو ۽ تفصيلي لکيو هو، پر هن نظم جو سناءُ ڪجهه اهڙو آهي ۽ نظم جو

سٺون سٺن سان ائين جڙيل آهن, جو نظم جي باري ۾ ڳالهائيندي / لکندي طويل بند ڏيڻا پئي پيا. جنهن جي ڪري مون اهي پورشن خود ايڊٽ ڪري ڇڏيا. بهرحال توهين خود ان نظم کي پڙهو, ڏيان گيان سان!

امداد جي طويل نظمن جي ڳالهه نڪتي آهي ته ڇو نه امداد جي نظم "سين الف بي" جو به ڪجهه ذڪر ٿي وڃي. امداد "سين الف بي" جهڙو شاندار نظم ڪيئن لکي ها جيڪڏهن "سين الف بي" ۾ هلندڙ اقتدار جي جنگ جي ڊراپ سين تي, هن کي آفيشلي وقتي طور سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ نه اُماڻيو وڃي ها. امداد ان هڪ سال جي عرصي ۾, جي ٻيو ڪجهه نه به ڏئي ها , فقط هي نظم ئي ڏي ها, ته به سال سجايو هو — ڇو ته هي محض نظم نه پر تاريخ آ! پر امدد ان هڪ سال ۾ هُتي پنهنجي ان مقتدره ۽ آزاد حيثيت کي پنهنجا کيسا ڀرڻ ۽ اداري کي ڪنگال ڪرڻ لاءِ استعمال نه ڪيو پر امداد پنهنجي ان حيثيت کي انتهائي ذميواريءَ سان اداري جي ڀلائيءَ لاءِ, سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو. هن ان عرصي ۾ ڪيترائي قيمتي ڪتاب ڇپايا, "مهراڻ" , "سرتيون", "گل ڦل" کي ريگولر ڪيائين ۽ هڪ سال ۾ مهراڻ جا پنج نهايت اعليٰ پرچا ايڊٽ ڪيائين. هن انهن ذميوارين جي پورائي لاءِ پنهنجا ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا — هن پنهنجي راتين جا اوجاڳا, توڙي موڪلن جا ڏينهن پڻ اداري کي ارپي ڇڏيا.

ننڊ منهنجي ئي ڇو ڦٽل آهي
ساري جنهن جي جوابداري آ
سو ته آرام سان سُتل آهي
ڦيٿ سان آهه جنهن ڇڏي ماڀي
آهه تنهن لاءِ زندگي جانان
صرف ۽ صرف پيٽ ۽ کيسو
سو ته هر پل اهوئي چاهي ٿو
جو به آهي اهو ڪٽي ونجي
وجهه آهي ليو هٽي ونجي
ڪير ڄاڻي سيان رهون نه رهون
هر ڀني تي نپو هٽي ونجي!

امداد لاءِ ان عرصي ۾ پنهنجي "جانان" کان به اهم اُها "مشين" ٿئي ٿي وڃي; جنهن جي ڪري سمورا "پرچا" ليٽ ( late ) ٿي سگهن ٿا. ان مشين جي بند ٿيڻ سان هن وٽ "سُر به بُرڻ" بند ٿي ٿا وڃن. "جانان" جو نه هجڻ ته سمجهه ۾ اچي ٿو پر ان جا ساروڻا به ناهن, ڇو ته هانءَ ۾ فقط هڪ نانءُ ئي ٻُري ٿو ۽ سو نانءُ آهي ; "هيڊل برگ!" جيڪو ڪنهن اپسرا جو نالو ناهي; بلڪ اها هڪ بي جان مشين آهي:

بند آهي مشين ڏينهن کان
کو بہ سُر کو نہ تو ٻُري جانان
تون بہ ناهين نہ تنهنجا سارو ٽا
هاڻ ۾ ناڻ تو ٻُري جانان
تہ اهو ناڻ آهہ هيٺل برگ!

ان نظم ۾ ٽيپ جون بہ لائنون بار بار ريپيٽ ( Repeat ) ٿين ٿيون

توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي
آءُ مصروف ٿي ويو آهيان!

هو هيڏي مصروفيت جي عالم ۾ بہ وچ وچ ۾ انهن ٻن سٽن جيتري لمحي لاءِ پنهنجي جانان کي ياد ڪري ٿو جنهن هُن لاءِ هن جي ڏانءُ وٽان ڪا مصروفيت چاهي پئي، پر مصروفيت جي ملي بہ آهي تہ ڪنهن حال ۾ ملي آهي:

ڪا ڇمر ڇانو ڪانہ آ سِر تي
۽ اکين منجهہ لڙڪ بوند آهي

امداد وٽ اکين ۾ لُڙڪ بوند جو هجڻ هڪ انسان جي سمورن مثبت احساسن جي جيئري هجڻ جي علامت آهي. "اکين ۾ لڙڪ بوند" جو هجڻ ٻئي پاسي "لان جو سُڪڻ" ۽ ٽئين پاسي سڄي "سنڌ ۾ اُٿل" هجڻ... ٽي مختلف منظر آهن. جن جو ٽن مختلف شين سان واسطو آهي، پر ٽنهي منظرن ۾ مشترڪ قدر آهي "پاڻي". اک ۾ لڙڪ (پاڻي) جي فقط بوند بہ گهٽي آهي، "لان جو سُڪڻ" پاڻي نہ ملڻ جي ڪري آهي (ٻُوند سان ڪم نہ هلندو) پر اتي اها ٽوٽپائي ۽ پنهنجي ڪم کان ڪن لاتار جي علامت آهي ، تہ سائي جو سُڪڻ، جيئري جو مرڻ بہ آهي. جڏهن تہ ٽئين پاسي "سڄي سنڌ ۾ اُٿل" آهي، يعني تہ ٻوڏ جي آفت ، اجا بہ هڪ نئين آپدا. شاعريءَ جو ڪمال اهو آهي تہ اُها زندگي جي تضادن مان معنائن جا موتي ڳولي لهندي آهي. شاعر انهن سِٽن جا سِرا جهلي اسان کي ان سَر تائين پهچائيندو آهي. جتي پاتار ۾ موتي آهن، اسين انهن موتين تائين رَسون ٿا يا نٿا رَسون. سو اسان جو نصيب! امداد اُن پاڻي، پاڻي ۽ پاڻيءَ تان ٿيندو وري بہ پاڻيءَ تائين پهچي ٿو وهندڙ نديءَ، سنڌو نديءَ تائين. جيڪا وقت جو اهڃاڻ آهي:

وقت سنڌو نديءَ جيان آهي

ڪيڏو تڪڙو ڏُڪي رهيو آهي
مان انهيءَ وقت سان وڪاريان ٿو
توکي ساريان ٿو، توکي ساريان ٿو

شاعر انهيءَ تيز ڊوڙندڙ وقت سان وڪاري ٿو ۽ سموري ليٽ ڪيڻ چاهي ٿو. ليٽ: وقت جي قدر نہ ڪرڻ، اسانکي، اسان جن ادارن کي ڍاهي رکيو آهي. ان وقت، ان لمحي هو انهن سيني کي ياد ڪري ٿو جن ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ حيثيت ۾ ان اداري جي ڀلائيءَ ۾ بهرو ورتو جن دل جي حضور سان اداري جي خدمت ڪئي، انهن مان هڪ هڪ کي هو نالو ڪٺي ياد ڪري ٿو ۽ رڙ ڪري ٿو.

ڪٿي آهن؟ اهي ڪٿي آهن؟
سڏ واڪو بہ ڇا ٻڌن ٿي نہ ٿا
آءُ پيو ڪنهن جي ڪنهن جي در دانهيان!

هي اهو سڏ واڪو آهي جو مصيبت مهل پنهنجن لاءِ ڪبو آهي. هن جي ان رڙ ۽ ڪوڪ ۾ جو درد آهي، جا دانهن آهي، جا بيوسي آهي، ۽ جو احتجاج آهي – ڇا اهو احتجاج تاريخ ۾ ريڪارڊ ٿيندو؟
شاعر جي اها رڙ تاريخ جي سرد مهر سيني کي جيسين چاڪ ڪندي، تيسين شايد گهڻي دير ٿي چڪي هوندي!
نظم جي پڇاڙيءَ تي هو بہ سوال ڪري ٿو، جيڪو اصل ۾ هڪ ئي سوال آهي:

ڪير آ سين الف بي جو سڄڻ؟
ڪير آ سين الف بي جو ڏڄڻ؟

شاعر جي سوچ ڪان پڙهندڙ جي سوچ تائين هڪ مسلسل سفر آهي ۽ جي اهو تسلسل قائم رهي تہ ڪيترن ئي سوالن جي جوابن تائين رسي سگهجي ٿو. پر شرط اهو آهي تہ اها "نظر" بہ هجي، پس ديوار جي خبر هجي!

تہ متان هن طرف سحر بہ هجي!

امداد جا نظم طويل هجن يا مختصر، اهي اسان کي سوچڻ تي اُڀارين ٿا. هو پنهنجي ڳالهہ کي گهرائيءَ سان سمجهائڻ لاءِ علامتن جو سهارو وٺي ٿو پر هن جون علامتون عام فهم ۽ آسان هونديون آهن جيڪي هو زندگيءَ مان ئي چونڊي ڪڍي ٿو:

اڇو رکجان پاڻ کي، جهڙو اڇو کير
مُرڪ جنهن جو ملير
تون تہ اهائي مارئي
ٿر جي جائي مارئي

جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ گُڻ روايتن کان بغاوت بہ آهي. امداد جي شاعري انهن سمورين بغاوتن کي نئين رنگ ۾ ۽ نت نئين انداز ۾ نروار ڪيو آهي. ان ڪري امداد يقينن انهن شاعرن منجهان آهي، جن پنهنجون نيون روايتون قائم ڪيون آهن ۽ انهن مان ئي هڪ روايت "قديم روايتن" کي هڪ نئين استعاري جي صورت پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ آهي. امداد پنهنجي هڪ ننڍي نظم، جنهن جو عنوان ئي "باغي" آهي. تنهن ۾ هو پنهنجي بغاوت کي شيرين ۽ فرهاد جي تمثيل جي حوالي سان اظهاري ٿو. هو "پهاڙ جهڙن ڏينهن" کي "تيشي" سان "ٽُڪي" ٿو. هو جو پنهنجي "شيرين" جي "ياد جو قيدي" آهي ۽ هو جو "خسروي تاج تخت" جو "باغي" آهي:

آءُ فرهاد آهيان فرهاد
پنهنجي شيرين جي ياد جو قيدي
خسروي تاج تخت جو باغي!

جدت ۽ نواڻ مان مراد مجهول تجريديت ۾ مفهوم جو گم ٿي وڃڻ ناهي. جدت ۽ نواڻ قديم روايتن کي نواڻ عطا ڪرڻ بہ آهي تہ انهن کي نئين رنگ ڍنگ ۽ انداز سان بيان ڪرڻ بہ آهي؛ لفظن ۽ ڪردارن کي هڪ نئون جنم ڏيڻ آهي. ان ريت امداد جي شاعري سنڌ جي اساسي شاعري: لوڪ توڙي ڪلاسيڪل شاعريءَ مان هڪ نئون اُتساهہ ورتو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اهي اهڃاڻ هڪ نئين معنيٰ ۽ مفهوم کڻي آيا آهن؛ امداد انهن کي هڪ نئون جامو ڍڪايو آهي. امداد جي شاعريءَ ؛ جا ايڪيهن صديءَ جي زنده شاعري آهي، تنهن ۾ سنڌ ۾ يارهين صديءَ ۾ اُسريل داستانن جا ڪردار اڄ بہ جيئرا جاڳندا موجود آهن ۽ پنهنجي تمام تر توانائين سان موجود آهن. اڄ جي شاعريءَ جي هڪ "نئين علامت" جي روپ ۾. شاعر اڄ جي دور ۾ بہ جيڪڏهن "لڄ" جو ذڪر ڪري ٿو تہ "لوئي" هن لاءِ لڄ جي علامت بڻجي ٿي. هو اڄ بہ وطن ۽ ويڙهيچن سان محبت جي پر پارڻ لاءِ "مارئيءَ" جي علامت ٿو آڻي. پوءِ اُها "نئين مارئي" ئي ڇو نہ هجي. سچ جي مان سنمان لاءِ "سقراط" اڄ بہ هن جي شاعريءَ ۾ زنده آهي:

ناهيون سقراط مگر هٿ ۾

وھ جو جام آهي ئي آهي.
لطيف امداد جو روحاني مرشد آهي. امداد وٽ لطيف اهو سورج آهي، جنهن جي هوندي انڌ ٿي ئي نٿو سگهي:

لطيف هوندي ڇا جو ڀؤ
سورج هوندي ڪهڙو انڌ

امداد شخصي طور "لطيف" جو پيروڪار آهي. هو هڪ نهايت سادو ۽ سچو شخص آهي، ڪنهن بہ اڊمبر ۽ وڏائيءَ ۾ ورتل ناهي. هو هر ناٽڪ نوهہ ۽ ڏيک ويک کان نفرت ڪندڙ آهي.
هو جنهن ٽڪڙ ڪان حيدرآباد تائين جي هزارن سفرن ۾، الاءِ تہ ڪيترا پيرا اونداهين توڙي سُهاين، لُڪن توڙي جهولن ۾، "گنجي ڏونگر گام" مان پيرين پنڌ ڪيا هوندا. هو جو وسندي مينهن ۾ نيئيون اُڪريو هوندو، هو جو ايڪانت جي ڳولا ۾ ڪُتاب مان پڇي سُهڻيءَ واري ٻيلي ۾ گم ٿي ويو هوندو، اُهو سانوڻي سنڌوءَ ۾ ترندڙ شخص، منافقين سان پُر زندگيءَ جي تانگهيءَ ۾ ترڻ نہ سکي سگهيو.
اڄ بہ مارئيءَ وانگيان هن جا "مٽ" رڳو هن جا "مارُو" ئي آهن، جيڪي هن جيان سادا، سچا، کرا بهادر ۽ بيباڪ آهن:

سُجهي نہ ڪائي سِٽ
ڪوري ڪاڳر تي لِکيم
مارُو منهنجا مِٽ!

امداد جي شاعريءَ ۾ "سنڌيت" ڪيترن ئي رنگن ۾ ليئا پائي ٿي. ڪٿي اُها نج ٻوليءَ جي استعمال جي صورت ۾ آهي. ڪٿي نج پڪ سنڌي قافين جي صورت ۾ آهي. ڪٿي اها نج سنڌي شعري صنفن، "وائي، ڪافي، دوهو، گيت ۽ بيت" جي صورت ۾ آهي. ڪٿي اُها "هائيڪو" جهڙي نهايت خوبصورت جاپاني صنف کي نج سنڌي ويس ۽ ورن عطا ڪري، ان نئين روپ رنگ کي "ٽيڙو" جهڙو بامعنيٰ نالو ڏيڻ آهي. ڪٿي اها قومي جسم تي ڪنهن فاسد مادي تي مسيحا جي تيز نشتر جيان آهي، پر اها ڪٿي بہ سڪٽي نعري بازيءَ جي صورت ۾ ناهي.
سنڌي سماج ۾ ٻئي هر سماج جيان اعليٰ ۽ ادنيٰ، مضبوط ۽ ڪمزور، خوبصورت ۽ بدصورت رويا ۽ ڪردار ملندا ۽ امداد انهن سيني تي هڪ جيتري سهولت سان لکيو آهي. سنڌ ۾ "ڀوتار" هڪ خاص ذهنيت جو عڪاس آهي. امداد ان "ڀوتار" کي پنهنجي هڪ نظم "ملوڪان موت — مروئان شڪار" ۾ هڪ نهايت جاندار استعاري جي صورت جهڙي ريت استعمال ڪيو آهي. سو ٽي.ايس.ايليٽ جي "شاعريءَ جي سماجي ڪارج" واري نظرئي جو عملي اظهار آهي. شاعر

سماجي ناسورن کي پنهنجي مڪمل آڪار ۾ ڪيڏي نہ چٽائيءَ سان پرکي ٿو. هن جي قلم جو نشتر اتي ئي چهڪ ڏئي ٿو جتي ئي ان چهڪ جي ضرورت آهي. امداد جي شاعريءَ ۾ Social Satire اسان کي ملي ٿو. ان طنز جو اظهار سڀ کان پهرين تہ ان نظم جي عنوان مان ئي ٻَڪي ٿو. امداد سنڌي جي مشهور پهاڪي "مروئان موت، ملوڪان شڪار" کي ئي پهرين سٽ بدلائي ان پهاڪي کي نئين صورت هيئن ڏني آهي: "ملوڪان موت– مرُوئان شڪار". خفتي اها ڳالهہ پليءَ پت چاڙن ٿا تہ سوئر جو شڪار، سو بہ وري ڦٽيل سوئر جو شڪار دنيا جو مشڪل ترين شڪار آهي، ۽ امداد پنهنجي شاعريءَ جي دونال سان اصل سوئر جو شڪار ڪري ٿو.

امداد دنيا جو ماڻهو ناهي. هو هن سماج ۾ مِس فٽ آهي. ڇو تہ هو ڪانچي بازيءَ جو فن نٿو ڄاڻي، هو ڪُوڙ بدوڙ ۽ اٽڪل سٽڪل کان اڻڄاڻ آهي، منافرتن کان پري، وقت جي نزاڪت جهڙين رمزن کان ناآشنا، هر نڳيءَ جي ٿاهہ کان ٿهندڙ حرفت بازين کا نابلد. اندر اڳڙيون پيل اڇن پٽڪن آڏو نہ نمندڙ هو پنهنجي روين ۾ صفا ڪورو ڄٽ آهي ۽ اها ڳالهہ هو خود ئي چئي ٿو.

آءُ نسورو ڄٽ آهيان
صفا ڪورو ڄٽ!

اڄ جڏهن ماڻهو زوري پاڻ مڃائڻ جي چڪر ۾ پنهنجي توڙي پراون نالن ۾ پاڻ پڌائڻ ۾ پورا آهن، تڏهن امداد خود پنهنجي ذات جي نفي ڪري ٿو:

امداد ڪهاڻيڪار ڪوي
ناهي ناهي هاها ناهي!

امداد بغير ڪنهن مڪ چڪ جي، ڪؤڙو سچ بہ منهن تي ڦهڪائي ڏيندو آهي. جڏهن تہ هو اهو بہ ڄاڻي ٿو تہ سنگسار ڪرڻ لاءِ پٿر هن جي پنهنجن جي ئي هٿ ۾ هوندا. پوءِ بہ هو نظم لکندو آهي ۽ وڏي واڪ سچ چوندو آهي ۽ هو ظالم کي ڪي دل ۾ نہ، پر وڏي واڪ منهن تي ظالم چوندو آهي. هن جي نظم "تو تہ چيو هو" ۾ "تو" هر ظالم، آمر، ۽ فرعون جي علامت آهي، پر هر فرعون (تو) لاءِ هڪ موسيٰ (مون) بہ آهي:

مون جو پوکيو آ متيءَ ۾ ٻج نڪرندو ڪونہ
ٻاک نہ ٻکندي، لاک نہ لڳندي، نور نسرندو ڪونہ
تو تہ چيو هو : "ڏينهن نہ ٿيندو، سج اڀرندو ڪونہ!"

ان نظم جي سموري خوبصورتي ان جي "نہ" ۾ سمايل آهي. ان نظم جي سموري طاقت ان جي ناڪاريت ۾ آهي. ان نظم جي "ناڪاريت" ئي ان نظم جي طاقتور "هاڪاريت" آهي. پوري نظم ۾ هو ڪٿي بہ ائين ڪونہ چئي ٿو تہ:

ٻج ڦٽو آهي

سج اُپريو آهي
پنڇي وريو آهي
ڪڪ ترڪيو آهي
ماڳ رسيو آهي
بادل برسيو آهي

جڏهن تہ ٿيندو ائين ٿي آهي، پر ائين چوڻ ۾ شاعري ڪهڙي آهي؟ شاعر چئي اهوئي پيو. پر ڪنهن اوڙ انداز ۾. ۽ اهائي شاعريءَ آهي. امداد جي نظم 80ع جي ڏهاڪي ۾ لکيو هو جڏهن انڪار جي سزا موت هو. پر آمر جي آمريت گهٽا ڏينهن؟ فرعون جي فرعونيت گهٽا ڏينهن؟ فرعون جي ڌرتيءَ تي دعويداري بہ ڪري، هر ٽيٽي کي اڻ ٽيٽي ڪرڻ جي هام بہ ڪٽي هئي، تڏهن بہ اها سگهي هام ٿي هوندي، جو تہ سج اُپرندو، بادل وسندو ضرور، ٻج بہ ڦٽندو، هير بہ گهلندي، پنڇي ورندو ۽ ماڻهو پنهنجي ماڳ بہ رسندو، رستي ۾ وڇايل بارودي سُرنگن کي اورانگهي،

مارڳ تي بارودي سرنگون، ماڳ بہ رسندو ڪونہ
چٽي چلهي، چيپاٽي ويندو، ڦيٿو گسندو ڪونہ
تو تہ چيو هو : "هاڻي ڪوئي بادل وسندو ڪونہ!

امداد جي نظمن جا گهاڙيٽا، انهن جو سٽاءُ، انهن جا مختلف وزن پڻ ڌيان لهن ٿا. "تو تہ چيو هو" 27 ماترائن جو ڇند تي اڏارڪ هڪ پابند نظم آهي. امداد ملڪي توڙي بين الاقوامي طور ڪيترو باشعور آهي، ان جو اندازو هن جي شاعريءَ مان بخوبي ڪري سگهجي ٿو. مان نئين سنيران تہ جديد سنڌيءَ شاعريءَ ۾ ڪنهن بہ شاعر "بارودي سرنگن" جي قابل نفرت حقيقت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو هوندو. جڏهن تہ خود بين الاقوامي طور ان مسئلي جي گنڀيرتا کي 90ع جي ڏهاڪي ۾ محسوس ڪيو ويو هو. جڏهن تہ امداد ان کي 80ع جي عشري ۾ محسوس ڪيو ۽ نظم ڪيو. اتي مون کي تنوير عباسيءَ جو امداد جي شاعريءَ بابت ڏنل رايو ياد اچي ٿو جيڪو رايو اڄ بہ منهنجو سونهون ٿو بڻجي:

"هن وٽ بين الاقوامي شعور آهي
هن جي نظم ۾ سڄي دنيا جون پڪارون آهن
هو صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي."

(تنوير عباسي- امداد آهہ رول بئڪ ٽائٽل)

امداد جڏهن 60ع واري ڏهاڪي ۾ نظم "جنگ" لکيو هو. ( جيڪو هن مجموعي جي بنهه آخري مرحلن ۾ مون ان ۾ شامل ڪيو) تڏهن امداد پنهنجي پياري دوست اِشوءَ ( اشفاق قاضي) کي هڪ خط ۾ لکيو هو. جيڪو "روح رهاڻ" لاءِ موڪليندي لکيو هو ته: هو ان نظم کي هڪ طويل نظم ڪرڻ ٿو چاهي – پر ان لاءِ هن کي ڪجهه ڪتاب درڪار آهن، جن کي هٿ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هن اشفاق کي به لکيو هو.

امداد جو نظم "جنگ" Radical Pessimism جو هڪ اعليٰ مثال آهي. جنهن ۾ جنگ جي هولناڪين کي بيان ڪرڻ لاءِ امداد هڪ بنهه مختلف لهجو اختيار ڪيو آهي. هن نهايت بي رحمائي انداز سان، ان پيڙا ۽ درد کي اُڪليو آهي. جيڪو ان نظم جي گهاءَ کي گهرو ٿو ڪري ۽ درد کي پيڙو ٿو ڪري. هي نظم ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روايت بڻجڻ جون سموريون خوبيون رکي ٿو. ان نظم جي ٻوليءَ: لفظ ۽ انهن جي معنويت، ان ۾ موجود احساس، هڪ ٻئي کان الڳ ناهن. اهو سمورو نظم بيحد خوبصورت استعارن سان سينگاريل آهي. اهي سمورا گُڻ ۽ خوبصورتيون هڪ ڳُل جو حصو آهن. انهن سيني جو پرڪاش هڪ ئي وقت ٿئي ٿو. اهو نظم امداد جي شاعريءَ ۾ موجود نئين حِسيت جو اظهار آهي:

سرد ويران رات جو ماحول
هر گهٽي سيءَ ۾ پئي ٿڙڪي
هر ستاري جي پئي وجي چاڙي
چنڊ ويچارو ڪئن نه پيو لرڪي
اڌ اگهاڙن جوان جسمن جي
دل اڃي کان وڏيڪ ٿي ڌڙڪي!

در ۽ ديوار ساهه ۾ سوڙها
شهر مان چڻ گهمي ويو راڪاس
هيٺ ويهندي وڃي پئي ڌرتي
مٿي ٿيندو وڃي پيو آڪاس
شهر آهي يا آهه قبرستان!

ههڙي قبرستان جهڙي ويراني ۾ ماٺ زرد پن ٿي چاڻي، ۽ هوائون پيون پڙهن نوحا: ڪا زنده ۽ چُرندڙ شيءَ جيڪڏهن آهي به ته صرف "ڪتا" آهن، جن جي به نُوس نُوس پئي پئي:

شهر ۾ آهه ڪرفيو آرڊر
جي ڪليل آهه ڪو دڪان ڪٿي

تہ انهيءَ تي ڪفن وڪامي ٿو
جيڪو آهي جتي رهي سوا تي
ٿوري ڇُرپُر جي موت ۾ گولي
زندگي آهہ اڄ هتي نہ هُتي
جسم جو مُلهہ فقط ڊبل روٽي
ڪير ٿو پيٽ تي ٻڌي پٿر
ٻار ڦٿڪي مري رهيا آهن
صرف هڪ اونس ڪير جي خاطر!

ٻي مهاڀاري جنگ جي موضوع تي سڄي دنيا ۾ بهترين ادب ۾ شاعري تخليق ٿي. جيتوڻيڪ اسين سنڌئون سڌو ان جنگ ۾ شريڪ نہ هئاسين، ان ڪري ان جي هولناڪين جو اسان کي احساس ناهي، پر تڏهن بہ ان جنگ جي ڪري عالمي ڪساد بازاريءَ جو اثر اسان تائين بہ پهتو. ايتريقدر جو ان دور ۾ ڪفن بہ "راشن" تي ملندو هو. سنڌيءَ ۾ پنهنجي پاورفل Content جي ڪري هي هڪ يڪتا نظم آهي.

امداد جي هن نظم جو موضوع، ان جي آئيڊيا، ان نظم ۾ موجود تناءُ ۽ ان جو ڦهلاءُ هڪ بنهہ نئين ٻوليءَ جي تقاضا ڪري ٿو. امداد نظم ۾ جنگ جي هولناڪي، تباهہ ڪاري، ڊپ ۽ خوف ، بُک ۽ موت، انسان جي ارزاني ۽ شين جي گراني، مستقبل جي بي يقينيءَ کي ايڏي ٽُرِيٽي سان لفظن جو ويس ڍڪايو آهي، جو نهايت يقين سان اهو چوڻو پئي ٿو تہ ٻي مهاڀاري جنگ جي تباهڪارين ، هولناڪين جو اهڙو لڱ ڪانداريندڙ ، دل ڀڄائيندڙ ۽ پيڙيندڙ اظهار سنڌيءَ ۾ اڻلڀ آهي. "جنگ" نظم ۾ موجود تخليقيت جو عنصر يقينن شاعريءَ جو ڪمال آهي. نظم جون سٽون ايتريون تہ تاثيل ۽ پريل آهن جو انهن ۾ جيڪڏهن سُئي ٽنبجي تہ رت ٽِمڻ لڳي!

شاعريءَ لاءِ Incentive شاعر کي ٻن ذريعن کان ملندو آهي. هڪڙو پنهنجي مطالعي مان، ٻيو مشاهدي مان. اهي شاعر جن جو مشاهدو ۽ مطالعو ٻئي وسيع هوندا آهن، اهي ئي شاعريءَ جهڙي اعليٰ ۽ مشڪل صنف سان اعليٰ نمونې نڀائي سگهندا آهن. ڪن شاعرن تي خود فطرت بہ گهڻي مهربان هوندي آهي ۽ انهن جي اندر مان ڪنهن مٺي چشمي وانگر شاعري ڦٽندي آهي. امداد تي فطرت جي بہ فياضي رهي آهي، تہ هن جي مطالعي ۽ مشاهدي جي وسعت بہ هن جي شاعريءَ کي نيون دشائون ڏنيون آهن.

شاعر ڪنهن خلا ۾ نٿو جيئي. هو هن دنيا جو رهواسي آهي. جنهن ۾ نہ تہ فرشتا ٿا رهن ۽ نہ ئي ڪامل ولي. ڇو تہ شاعر جي شاعريءَ جو واسطو ڪنهن Vaccum سان ناهي. ان ڪري شاعر پنهنجي آس پاس لاماريندڙ ڍونگين ۽ رياڪارن ، مڪارن ۽ منافقن جي هن دنيا ۾، جُبن ۽ دستارن، عصابردارن ۽ اڇن ڪپڙن پهريل اندر ڪارن ماڻهن جي رياڪارين، مڪارين، منافقين، ڍونگن، بناوٽن ۽ ٻهروپن کي سمجهندي ٻجهندي، ان کان ڏڪار محسوس ڪندي ئي شاعر ان

بوهيمين لائف اسٽائيل کي ويجهو ٿي وڃي ٿو: جنهن کي مختلف دورن ۾ مختلف نالا ڏنا ويا- امداد جي ان اسٽائيل ٿي ته امداد کي پنهنجي دور ۾ هڪ بنهه مختلف لُڪ ڏني- پنهنجي ذات کان بيگانو، هڪ رف ٽف اسٽائيل وارو، گهنجيل ڪپڙن ۽ وکريل وارن وارو شخص، پنهنجي هر انداز ۾ هڪ آرٽسٽ هجڻ جو ڏيک ڏيندڙ شخص، هر جڪڙ ۽ پڪڙ کان ٻاهر، آزاد، Different ۽ Unusual . هر اهو ڪم ڪرڻ تي هن جو من اُڀاري ٿو، جنهن ۾ ڪنهن نئين تجربي جو انيڀوٽئي، هر نئين تجربي جي تجسس، ٿرل ۽ سسپنس هن کي هر نئين جوکم کڻڻ تي آماده ڪري پئي ورتو ان ريت هو زندگيءَ جي تمام تر قباحتن ۽ ڪراهتن مان هڪ جيتري آسانيءَ سان گذري ويو. انهن سمورن ڪوڙن ۽ مٺن تجربن هن جي زندگيءَ کي هڪ ٿمر ۽ ڊسپلين ڏنو پر هن جي شاعريءَ جو لهجو نه بدليو. هن جي شاعريءَ ۾ اڄ به اهو ناراض، ڪاوڙيل ۽ بولڊ لهجو ڊامينٽ ٿو ڪري، هن جو اهو مختلف لهجو دراصل “اک اُلٽي ڏارڻ” آهي: ۽ اهو ائين آهي، جيئين شاهه لطيف جو پنهنجي دور ۾ ائين چوڻ ته:

اک التي ڏار، وڻءَ التو عام سين
لوڪ وهي لهوارو، تون اوچو وهه اوڀار
منجهان نوچ نهار، پُر پُنيرو پرينءَ ڏي

شاهه لطيف

ان ريت شاهه لطيف جهڙي مهان شاعر به پنهنجي دور جي ٺهيل ٺڪيل اقدار کان انڪار ڪيو هو، بغاوت ڪئي هئي. جنهن جو مثال هن جي زندگيءَ توڙي هن جي شاعريءَ ۾ جا بجا ملندو. امداد به لطيف واري ٻَر پاري آهي:

آءَ اجهامڻ جاڻان ڪونه
وٽ وانگر ڪامڻ جاڻان ڪونه!

ان ڪري هن هر روايت کان بغاوت ڪئي آهي ۽ وڏي واڪ سيئي حڪم عدوليا آهن. انهن حڪم عدولين لاءِ هو هر پيري هڪڙو ساڳيو لهجو ۽ انداز اختيار نٿو ڪري، هن جون اهي حڪم عدوليون دراصل هن جو اهو Authritative لهجو آهي، جيڪو ڪنهن سچي شخص جو ٿي ٿي سگهي ٿو.
امداد اسان کي حالتن جي مقابلي ڪرڻ جو ساهس بخشي ٿو هو اسان کي “فراريت” (Escapism) کان بچائي ٿو:

حالتن کان فرار چاهي لئہ
سچ سورج مُکيءَ جي آڏو جهل
هي انڌيرن سان پيار چاهي لئہ!

اسين سڀ اهي سورج مکي آهيون، جن جا ڳاٽ سورج آڏو ئي اُڀا ٿين ٿا. انڪري اسان کي اهڙا سورج سمان شاعر ڪپن ئي ڪپن، جيڪي شاعريءَ جي نصف النهار تي چمڪن. چو تہ هڪ سچو شاعر ئي ”ڏنڌ جي هر لمبي ديوار“ جي هُن پاران ”راجڪمار“ جيان ويندو آهي جيڪو ”ڏاڏيءَ جي سُٽايل آڪاٽيءَ“ ۾ آهي:

جنهن ۾ سورج جي اڳيان ڏنڌ جي لمبي ديوار
ايئن پگهري هئي، جئن ميڻ رِجي باهہ اڳيان!

سنڌ جي اتهاس ۾ جيئن ڪڏهن حيدرآباد جون هوائون مشهور هيون. تڏهن جڏهن حيدرآباد ۾ محبتي ماڻهو رهندا هئا. تڏهن هُتي جون هوائون بہ ٽڏڙيون ۽ محبتن سان مهڪندڙ هيون، هاڻي انهيءَ پيڙهين رڳو دونهن ۽ ڌوڙ آهي. هاڻي اهي ساڳيون سڪون ڄام شوري جون هوائون ٿيون لاهين. امداد گذريل ڀاويهن سالن کان ڄام شوري جي انهن مست هوائن کي ڪڏهن صبح جي ٿڏڙي هير جيان جهتيو آهي. تہ ڪڏهن ڪاڙهن ۾ لُڪن جي صورت ۾ سَنو آهي، تہ ڪڏهن شام کان پوءِ . . . آڌيءَ لڙي ويل ٺريل هوا جي روپ ۾ جهتيو آهي. هتي هوا کي ڏيرج ڪڏهن ڪڏهن آهي، نہ تہ اڪثر اِها هوا تيز چتي، پن ۽ پنا اُڏاريندڙ هوا آهي. اهڙي هوا جنهن جي مخالف سمت ۾ هلڻ ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل ضرور هوندو آهي. اهڙين ئي هوائن لاءِ لطيف سائين ائين چيو هو:
”سدا هلن سامهان، عاشق اتر هير!“
ڄام شوري جون تيز ۽ چتيون هوائون ڪيترن ئي پنن کي اڏاريو وجن، ۽ يادگيرين جا اهي پنا جڏهن اُڏرن ٿا تڏهن شاعر کي ڇا ڇا نتو ياد اچي:

”يار جيڪي ها هنئين جون ٿوڻيون
ننگ مولا تي رک
ٻول تن جيڪي ٻڌا
سگريٽ جي دونهين جيان وکري ويا!“

اهي دوست جيڪي ڪڏهن تسبيح جي داڻن جيان هئا - ۽ جيڪي پنهنجي دور جو فخريہ حوالا هئا — اهڙا يار جيڪي:

پَنَ جي پيڙي ۾ هڪ هڪ ڦوڪ او پيئندا هئا
هڪ ٻئي جي لاءِ او مرندا هئا جيئندا هئا
هڪ پيالي مان ۾ هڪ هڪ سُرڪ سُرڪيندا هئا
پور مانيءَ مان ۾ هڪ هڪ چڪ اوڪيندا هئا

هتي مان محض متضاد روين جي ڳالهہ ٿي ڪريان. هتي مان امداد جي شاعريءَ ۾ ڊڪشن ( ) جي شاندار استعمال، قافين جي خوبصورتيءَ، سٽن جي سرلتا جي ڳالهہ نٿي ڪريان. اهي ٻول: اهي قول هوائن ۾ اڏري ويا ۽ سڀ ڪجهہ رک ٿي ويو - ۽ ان رک کي تيز هوائون اُڏاري ويون. شاعر جي دل جو درد، ان جي پيڙ ۽ ان پيڙ ۽ درد جي انتها شاعر جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ... شاعر انهن منظرن مان اُپاري ٿو: اهوئي ان جو آرٽسٽڪ اظهار آهي:

"رک ۾ آ چٽنگ
سا ڏکندي پيڙ ٿيندي وجي
لوڊ شيڊنگ ۾ ڏيئي جي لاٽ ٿي پڙڪا ڪري
۽ مٽان کان
آسمان کان
وج ٿي ڪڙڪا ڪري!"

"لوڊ شيڊنگ" ۾ "ڏيئي جي لاٽ" جو "پڙڪا ڪرڻ" ۽ "وج جو ڪڙڪا ڪرڻ" ان آرٽسٽڪ ايڪسپريشن کي محسوس ڪيو.

نظم "دان – وردان" ۾ امداد جي Optimistic لهجي ۾ نعري بازيءَ جو ڪو عنصر ناهي. ان نظم ۾ شاعر بيحد آرٽسٽڪ انداز ۾ گهور اونداهين ۾ سج اُڀرڻ جي نويد ڏئي ٿو. ۽ جيتري خوبصورتي سان شاعر ان کي بيان ڪيو آهي: ان کي مان Aesthetical Optimism چئي سگهان ٿي. امداد جو خود ۾ ڪنهن مت پيد ۾ يقين نٿو رکي، هو چوي ٿو سنڌ جو آهي: ان ڪري ئي سچي عالم جو آهي، ان ڪري هن جي شاعريءَ جو سج سنڌ ۽ سچي عالم تي پنهنجن ڪرڻن جي "ڪنڪدار اشرفين" جي ورڪا ڪري ٿو. ڪنهن ۾ مت پيد بنان:

"ڪنهن ۾ مت پيد بنان
جهنگ ۽ جهر
بحر ۽ بر
ڳوٺ ۽ شهر
سچي سنڌ مٿان

پوءِ سڄي عالم تان
پهريان ڪنوارا ڪرڻا
جيئن ورڪائيندو منيون پيري
ڪرڻن جون ڪنڪدار اشرفيون سانول
تيئن ئي پاڻ بئي
جهول جهليندا سين سڄيندا سين اڪيون اوپر ڏي”

ان نظم ۾ “سانول” هيڪلو ناهي – “هوءَ” بہ آهي، جا هُن لاءِ ڏڍ جو باعث آهي:

“ هوءَ ڇي ٿي تہ ڪڏهن
سڄ حيران پريشان نہ ٿيو– ڇا بہ ٿيو!”

هتي، اهو سڄ ، ڇا رڳو سڄ ئي آهي ؟ نہ، هتي اهو سڄ شاعر جي بہ علامت آهي، جيڪو روشنيءَ جي ڪرڻن جون ڪنڪدار اشرفيون، سڄي عالم تي اُڇليندو آهي.
هڪ شاعر جي گهر (بلڪ ٻن شاعرن جي گهر) رات بہ جهڙو ڏينهن آهي. ٻار ڪمپيوٽر تي ويٺا هوندا آهن، سانول ويٺو گيت رچيندو، سُر سرجيندو آهي:

“ڪيڏا پنا ڦاڙيم رات، هڪڙي شعر لکڻ جي لاءِ”
۽ مان اڪثر لکڻ، پڙهڻ ۾ ۽ ڪڏهن وري سِبڻ پرڻ ۾ مصروف هوندي آهيان. اوچتو لڙي آڌيءَ جو خيال ايندو آهي تہ ٻارن کي ۽ ٻارن جي پيءُ کي بُک لڳي هوندي، پوءِ مان سڀ ڪجهہ ڇڏي رنڌڻي ڏانهن لُوهہ پائيندي آهيان. تڙ تڪڙ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ناهي وٺندي آهيان. گهڻو ڪري سينڊوچ ۽ ملڪ ڪافي. سياري ۾ تہ خاص طور سان سلائيس ٽوسٽ ڪري ان تي ڊينش بٽر، فرينچ چيز ( Cheese) ۽ جرمنيءَ جي ماکي هڻندي، سينڊوچ ٺاهيندي، سني، جاني ۽ سانول کي ڏيندي ويندي آهيان. ائين اسين رات جي ٻين اڌائين وڳي ان ڏينهن جو Last super ڪندا آهيون. اهڙي ئي هڪ سياري جي رات ۾ لکيل ان نظم جي وچ ۾ مان ڪيئن نہ اچي وئي آهيان.

اها تنهنجي ڪُئيڪ سروس
سلائيس ود هني ۽ مکڻ
۽ مِلڪ ڪافي ناهي اچڻ
وار ڪُلهن تي کولي ڇڏڻ
اچي پاسي منجهہ وهڻ
گوڏو گوڏي سان گڏڻ

ٻ ڪنهن اهڙي ڳالهه چوڻ
جهڙي ماڪيءَ لار ڳڙڻ

ائين شاعر امداد جي "شاعراڻي تخيل" ۾ حقيقت جي آميزش ائين ئي آهي جيئن ؛ "سلائيس وِد هني ۽ بٽر" ۽ ائين هڪڙي سِٽ سرجڻ، پر ان سِٽ جو ڪٽي به نه چپچڻ. امداد ته اهو شاعر آهي جو خود پنهنجين سٽن کي / پنن کي ڦاڙي هوا ۾ اُڏاري ڇڏي ٿو:

ست کي اکين آڏو جهلڻ
پوءِ پني کي ڦاڙي ڇڏڻ
ڦاڙي هوا ۾ اُڏاري ڇڏڻ!

شاعر شعر / لکيل پنا ته ڦاڙي سگهي ٿو، پر هو يادگيرين جا پنا نٿو ڦاڙي سگهي. هو يادگيرين جي سمنڊ ۾ لهر در لهر ٻڏي اُپڙي ٿو. ڳوٺ جي ياد هن جي دل جو جهان آباد ٿي رکي ۽ هن کان هيڏن سُکن هوندي به ڳوٺ جي اُها "قتل بازار" نٿي وسري. نظم "نما شام" ۾ ڳوٺ جو اهو چوڪ اهو "چوسول" جو ان ڳوٺ جي قدامت جي علامت آهي. اهي قربائتيون ڪچهريون، اهي روح رهاڻيون، بريون ڇيلڙيون ۽ اڏ اگهاڙا ڪوجهڙا ڪارڙا ٻار، اها ڇُهچ ساون وڻن جي قطار ۽ "جُون" وآهه جي ڪپ تي پکين جي پڪار، هن کي پنهنجي اتماسڪ ڳوٺ جي هڪڙي هڪڙي شيءِ ياد اچي ٿي:
نما شام گهر گهر ٻريا جيئن ڏيا
ڪليا ياد جا ريشمي تاڪيا
انهن ٻن سٽن ۾ ڪُل 12 لفظ آهن ( جن مان ڪجهه (Mono _syllabic ) ٻيا (Bi_syllabic ) آهن) انهن ٻارنهن لفظن مان 9 Syllables "آ" جي صوت ( Phoneme) تي آڌارڪ آهن. اهي ست کي سَرلتا ۽ سونهن بخشين ٿا. يادگيرين کي "ريشمي تاڪين جي کلڻ" سان تشبيهه ڏيڻ، اتي ريشم جي سونهن، ريشم جي لساڻ، ريشم جي جهلمل ۽ تاڪيي جو ته در ته کلڻ، يادگيرين جي حسن کي نهايت ئي خوبصورت Compliment آهي. هتي هڪڙي ڳالهه ته مان پهرين ئي چٽي ڪري ڇڏيان ته شاعري ڪرڻ ڪو واپار ڪرڻ ناهي، جو شاعر شعر جوڙڻ کان اڳ ۾ ويهي سمورو حساب ڪتاب جوڙي ته، ڪيترا Vowels ڪيترا وينجن، ڪهڙا سُر، ڪهڙا اوزان. شاعريءَ ته روح جي باليدگيءَ جو اهو ڪرشمو آهي، جيڪو تخليقاتي سطح تي ظاهر ٿئي ٿو. ان ۾ شعوري ڪوشش جو ڪو عمل دخل ناهي. خوبصورت شاعري ته شاعر جي وجدان جو حصو آهي. اُها ٿي ويندي آهي، ڪئي نه ويندي آهي. اهو ته دراصل اسين شاعريءَ جي شرح بيان ڪندڙ ۽ نقاد ويهي ان کي کوٽيندا آهيون ۽ ان جي ذري ذري کي الڳ ۽ ڌار ڪري، ان کي Disect ڪري، ان جي سموري سٽاءُ کي کوجيندا آهيون ۽ ان جي ماهيت بابت پنهنجي سائنسيت جي آڌار تي هڪ نظريو ڏيندا آهيون. شاعري لفظن جي سائنس آهي. شاعريءَ جو واسطو لفظن سان آهي. لفظن جو

واسطو وري شين ۽ منظرن، احساسن ۽ جذبن سان آهي. ان ڪري شاعريءَ جي قدر قيمت انهن سمورين شين، منظرن، احساسن ۽ جذبن جو لفظن ۾ نهايت فنڪارانه اظهار ۾ ئي پنهان آهي، “نماشام” امداد جو هڪ نهايت خوبصورت نظم آهي: ڳوڏول سمي جهڙو سهڻو نظم:

اهي پل پکيئڙن جيان پر ڪري
الائي ته ڪاڏي اڏامي ويا!

“سگريٽ” امداد جي شاعريءَ جو هڪ نهايت جاندار استعارو آهي. شهر جي شخص جي اڪيلائيءَ کي، ان جي پيڙ کي، زندگيءَ جي بي معنويت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ته ڪڏهن زندگيءَ کان فراريت لاءِ وري ڪڏهن “فنا” جي علامت طور امداد “سگريٽ” جو استعارو استعمال ڪري ٿو. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ امداد حسينيءَ سگريٽ جي علامت کي هڪ جاندار علامت بڻائي ڇڏيو آهي:

سگريٽ مان سگريٽ دُکائي
ايئن مون ڪاري رات وهائي

هو ڳالهه جڏهن منهنجي ٻڌي ٿو نه ٻجهي ٿو
سگريٽ پيئڻ کان سواءِ ڪجهه ڪونه سُجهي ٿو
هو ڳالهه جڏهن منهنجي ٻڌي ٿو ۽ ٻجهي ٿو
سگريٽ پيئڻ کان سواءِ ڪجهه ڪونه سُجهي ٿو

شهري زندگيءَ جي مصنوعيت، ان جي شوبازي، ڏيکاءُ، ان جو ڪُوڙو نٽ ۽ نانگر، اوپري اخلاقيات، ڪوڪلو ٿي ويل تهذيبي ڍانچو، ڪسجي ويل قدر، رڳو ٻاهرين مک چک تي ٽڳنديڙ شهر، چهري تي چاڙهيل ماسڪ ( ) پويان لڪل چهرا، رڳو پنهنجي لهجي جو زهر آڇيندڙ شهر:
شهر: زهر لهجا، نقاب هر چهري تي پاتل
ڳوٺ: گهٽيون واقف، ماڻهو چاتل ڏيک سڃاتل
انهن ئي شهرن ۾:

ڪاٺ لئه بس مانيءَ پور
۽ فٽ پاٿ سمهڻ جي لاءِ

نظم “اوڦتو” جو هي شهر، ڪهڙو شهر آهي؟ ان نظم جي پيڙ ڪي پنهنجي ڌرتيءَ تان ٽاڏاريل اهو شخص ئي محسوس ڪري سگهي ٿو جيڪو پنهنجي ئي جنم ڀوميءَ تي ڪنهن “اوڦتو” ۽ اجنبيءَ جيان بينو هجي، اهو شهر جنهن ۾ ڪڏهن ماڻهو هئا، اهو شهر جنهن ۾ ڪڏهن ٻالڪ هئا:

”هي شهر جو
مون لئہ رڳو
پتيون نہ هو
چتيون نہ هو
چؤسول ۾
گهٽيون نہ هوا!“

امداد جا نظم پڙهي وار ڪاندارجي ويندا آهن. “سفاڪ” بہ هڪ اهڙو نظم آهي. امداد جو هي نظم نہ، پر بندوق جي اها ناليءَ آهي جا:

اوندآهہ سان آهي ڏٽيل
بارود جي بُو سان ڀريل

1988ع کان پوءِ اسان جن شهرن ۾ جا انارڪي ۽ دهشتگردي پکڙي، تنهن سمورا قدر يڪسر بدلائي ڇڏيا، انسان دوستيءَ جي جاءِ سفاڪي اچي والاري. ڦريل، سڙيل، اُجڙيل، ريپ ٿيل ( ) جو هي نوحو آهي، نظم ناهي!

امداد جي شاعريءَ ۾ اڪثر طنز جو هلڪو ڇيڪو ٿوري چرڪ ڀرائڻ لاءِ ڪافي آهي. اسان وٽ طنز سدائين ٻين تي ڪيو ويندو آهي. پنهنجي ذات تي ڪو ڪک سهڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. پر امداد انهن روين جي ابتڙ طنز سدائين پنهنجي ذات تي ڪندو آهي - ۽ اهائي امداد جي وڏائي آهي:

تون بہ تہ پنهنجو آ امداد
تون بہ پلي ڪا گهاٽي گهٽ

اهو هڪ نهايت سَنڌائتو ڏک آهي، اسين رڳو ڌارين جا ڌتيل ۽ ڏنگيل ناهيون، اسين تہ خود پنهنجن جا ڪُڙايل آهيون.

يا هن شعر ۾ امداد تجاهل عارفانہ جو نهايت خوبصورت استعمال ڪيو آهي:

## امداد ڪهاڻيڪار ڪوي
## ناهي ناهي: ها ها ناهي!

غربت ۽ مفلسي ۾ ڪاڏي پيتي جي اٿوند تي هي شعر آهي ڪين طنز جو نشتر:

ڪائڻ جي لئہ دوڪا ڪوڙ
آهن لُڙڪ پيٽ جي لاءِ!

امداد وٽ سنڌ جو هڪڙو حوالو اهو بہ آهي تہ جن ماڻهن "سنڌ" جي نالي ڪي ڪيش ڪيو. سڀ ڪجھ تڳايو ۽ "ڪين" منهنجان "گهٽو ڪجھ" تي ويا. "سنڌ سنڌ سنڌ" ڪري سڀ ڪجھ ڦٻايائون ۽ سڀ ڪجھ تين وال ڪري ڇڏيائون. هي بہ ستون انهن "ڪوٺن" لاءِ جيڪي "ڪرا" ٿي ويا:

ڪئن نہ امداد "سنڌ" جي نالي
ڪوٺيون ٿي وبون ڪريون يارو

امداد ان ساڳي غزل جي هڪ ٻئي شعر ۾ پنهنجي نهايت اعليٰ ظرفيءَ جو مظاهرو ڪندي پنهنجو پاڻ ڪي ئي "ڏِير ڏرڻ" جي صلاح ڏئي ٿو ۽ "منافق" ڪي؟

پل تہ واڏي هجي منافق ڪي
پاڻ ئي ڏِير ٿا ڏريون يارو!

امداد هڪ اوچو ۽ اعليٰ مقصد رکي پنهنجي ذات ڪي Satire لاءِ استعمال ڪري ٿو. امداد اهو اوچو ۽ اعليٰ مقصد پاڻ ڪي بار بار ياد ڏياريندو رهي ٿو ڇو تہ امداد پنهنجي فڪر توڙي عمل ۾ سدائين اٽل، اڏول ۽ اِستر رهيو آهي ڪارونجهر جيان:

ڪارونجهر ٿيجان امداد
جهُڪي وڃي سو ڪهڙو ڪنڌ!

ڇو تہ ڪارونجهر جيان اٽل، اڏول ۽ استر رهڻ دراصل اٽلتا، اڏولتا ۽ استرتا واري لطيفي پر پارڻ آهي.

لطيف جي سيني وصفين سٽين واين ۽ ڪافي گو شاعرن جي چيل سُريلين ڪافين کان پوءِ شاعريءَ جي ڳائي سگهجڻ واري گڻ کي امداد نهايت ڪمال سان نڀايو آهي. امداد جا گيت، وايون، ڪافيون، غزل توڙي نظم بہ جيڪي ڳايا ويا سي پنهنجو مثال پاڻ آهن. مثالطور، ”ڪاش مان چنڊ هجان تنهنجي اڱڻ تي اُيران، ات ڪا برسات جي ايندي جڏهن، هل تہ ڪنهن ميڪدي ۾ هلون، هيل بسنتي رت جي آئي لال ليار پٽيندا سين.“ يا خود امداد جو ڪلاسيڪ نظم ”شهر“ ؛ ”هي منهنجو شهر آهي يا دشمن جو شهر آ!“ پڻ ڳايو ويو. امداد جي سموري سُريلي شاعريءَ (Lyrical Poetry) پنهنجي معنوي خوبصورتيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي ڊڪشن (Diction) جي پختگي، تخيل جي بلندي، احساس جي نزاڪت، جذبي جي نفاست، خيال جي رنگيني، ردم ۽ نغمگي جي حوالي سان سنڌي سُريلي شاعري ۾ يڪتا حيثيت رکي ٿي ٿ. امداد جو ڪيترو ئي ڪلام اهڙو آهي جو جيتوڻيڪ اجا ڳايو نہ ويو آهي پر ڳائي سگهجي ٿو، ڇو تہ ان ۾ سمورا سُر سمايل آهن، هتي مونکي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جون چيل هي سٽون ياد ٿيو اچن:

”امداد جو تازو نظم ”هاڻ تہ جانان“ جديد انداز ۾ آهي ۽ مخصوص ردم ۽ ڊرم جي تال تي ڪمپوز ڪري سگهجي ٿو. مون ان کي ڊرم بيٽ تي ڪمپوز ڪيو آهي. موسيقيءَ جي جديد انگ ۾ مترنم ۽ ڳائڻ جهڙو آهي.“ ( سنڌي ادب جي مختصر تاريخ 1983 ص 291)

امداد حسينيءَ وٽ گيت چوڻ جو فطري ڏانءُ آهي. شاعريءَ جيان سُريلائپ پڻ هن جي Genes ۾ سمايل آهي. ردم (Rythm)، هارمني (Harmony) ۽ سُريلوپڻ (Lyricism) هن جي فطرت جو ائين ئي حصو آهي. جيئن هِير جو گُهلڻ، مڪڙيءَ جو ٽڙڻ ۽ ڪنوڻ جو ڪلڻ آهي، تيئن ئي هڪ گيت رچڻ پڻ آهي:

”گيت رچڻ ري
سر سُرجڻ ري
پنهنجي ناهي سري سري
گيت چياسين وري وري“

گيت ۽ سنگيت ڪان سواءِ جنهن جي سري ئي نہ. سو سنگيتميہ فطرت رکندڙ ڪوي ئي اهڙا ”ڪنڪدار گيت“ رچي سگهي ٿو. امداد هندي لفظن ۽ اوزان جي آميزش کان سواءِ ئي گيت چيا آهن. امداد جا گيت نج سنڌي گيت آهن. هن گيتن لاءِ نج سنڌي سنگيت کي پنهنجو سونهون بڻايو آهي. جيڪو قديم دورن کان وٺي سنڌي سماج جو حصو آهي . لوڪ گيتن، سهرن، لاڏن ۽ ڳاچن جي صورت ۾ يا وري ڪافي ڪلام جي صورت ۾ اسان جي عوام جي ميراث آهي ۽ اڄ بہ سنڌ جي وسيئن ۽ واهڻن ۾، تڪين ۽ اوتارن تي ٿيندڙ روزاني مجلسن ۽ جمعرت ۽ چنڊ جي چوڏهينءَ تي ٿيندڙ خاص مجلسن ۾، اڄ بہ سنڌي سماج جو هڪ حصو آهي. امداد جي گيتن جا لفظ ۽ ٻول نج سنڌي مزاج رکندڙ آهن. سنڌي موسقيءَ جو منو جادو ماڻهوءَ جي روح ۾ اونهي پاڙ

هٽي ٿو. اهي سُر ڪڏهن "ڪوهياريءَ" جي روپ ۾ ماڻهوءَ جي هنئين ۾ ڪان جيان ڪُپي ٿا وڃن، ته ڪڏهن "راڻي" جي روپ ۾ ماڻهوءَ کي جهومائي ٿا ڇڏين. ته ڪڏهن وري ڪنهن لوڪ گيت جيان پنهنجي مزاج ۾ سادا، سريلا ۽ سچا آهن. پر جن جي رنگ ۽ آهنگ ۾ فطري کهراڻ به سمايل آهي. امداد وٽ اهڙا لوڪ رنگ ۾ رتل کوڙ گيت آهن. پر مان هڪ اهڙي گيت جو مثال ڏيندس، جنهن تي حاويRustic toneئي ان گيت جي خوبصورتي آهي:

"ڇنن ڇنن ڇُلي ڇُلي ڇولي وئي
الا ڇولي وئي
تاڙي جي تاڙ ڪندي ٻولي وئي
الا ٻولي وئي
گهوريان توتان نوٽ پرين
گهر هليا گهوٽ پرين
مند ڪاڏي موٽ پرين !"

ان گيت ۾ تجنيس حرفيءَ Consonance ۽ Vowels جو خوبصورت ۽ تز استعمال، سٽن جي سونهن کي انهن جي مڪمل معنيٰ سان نکاري بيهاري ٿو. "نوٽ گهورڻ" اسان جي ثقافتي زندگيءَ جو هڪ اهم ۽ خوبصورت حصو آهي. "نوٽ" لفظ جو ايڏو پرفيڪٽ استعمال پڻ ڏيان لهي ٿو. امداد شهري علامتن سان آراسته شاعريءَ ۾ "نوٽ" کيماديت پرستي، لالچ ۽ ڪڏهن وري مجبوري جي علامت طور به استعمال ڪيو آهي. پر هتي اهو "پيار جي پالوٽ" ٿو ظاهر ڪري:

"جهُڙ ٿيو لڙ لٿو جهوري وئي
الا جهوري وئي
للر ٿيو لوڙهه لٿي، لوري وئي
الا لوري وئي
پلر جي پالوٽ پرين
گهر هليا گهوٽ پرين
مند ڪاڏي موٽ پرين!"

گيت جو هي بند ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته امداد جا گيت محض Enjoyڪرڻ جي شيءِ ناهن. انهن گيتن ۾ Enjoyment سرور ۽ خوشيءَ سان گڏوگڏ ڪو مقصد به ڪار فرما آهي. هو گيت گيت ۾ گهڻو ڪجهه چئي وڃي ٿو: ڪو اشارو ڪري وڃي ٿو. هن جا گيت محض سُرتال تي پورا، بي مقصد گيت ناهن بلڪ هن جي گيتن ۾ اسان جي لوڪ ثقافت جا چٽا رنگ آهن. هن جي

گيتن ۾ سنڌ جي ٻهراڙي سآهه ڪٽندي نظر اچي ٿي ، گيت جي ان بند ۾ اسان جي اکين آڏو مارئيءَ جي اها ماروا چن ٿا، جيڪي اڄ ايڪيهين صديءَ جي چائنٽ تي پهچي ٻه ابر جي آسري تي زندگي گذارين ٿا. ان بند ۾ "جُهڙ ٿيڻ" جي خوشخبريءَ سان گڏ "لُلر ٿيڻ" ۽ "لوڙهه لهڻ" "لوري وجڻ" سان گڏ "پلر جي پالوٽ" جي سُڪدائڪ خبر ڏيڻ سان گڏ ئي گهوٽ ڪي گهر موٽي اچڻ جي وينتي ڪيل آهي. ان گيت جي وراڻي هر بند سان بنهه نهڪي اچي ٿي ۽ هر بند سان ان نئين معنيٰ ۾ پڇي بيهي ٿي، بنهه نهڪي اچي ٿي ۽ هر بند سان ان نئين معنيٰ ۾ پڇي بيهي ٿي. امداد جي گيتن ۾ وراڻي رڳو سڪٽي گيت جي مجبوريءَ طور ٿنبيل ناهي هوندي. ان گيت ۾ تجنيس حرفيءَ جو استعمال، اندروني قافين جو استعمال، ٻٽن لفظن جو استعمال، اصوات جو آرٽسٽڪ استعمال، اهي سڀ ملي نه رڳو گيت جي نغمگيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا پر گيت جي گهري ۽ خوبصورت معنيٰ کي دوآتشه ڪن ٿا.

امداد جي گيتن ۾ موجود رومانويت، انهن جي نغمگي ۽ مڌرتا جو اندازو ڪرڻ لاءِ مان امداد جي گيت "سانولڙي سانجهي آئي" جو ذڪر ڪنديس. ان گيت ۾ "تنهائي، انتظار، سڪ اُڪير ۽ ميڙين منٿن" جي ڪيفيتن کي امداد نهايت وڻندڙ، منڙي ۽ دلسوز انداز ۾ بيان ڪيو آهي:

"سانولڙي سانجهي آئي
آءُ اهائي تنهائي
هر ڪو موٽيو پنهنجي گهر ڏي
منهنجا نيڻ اهي ئي در ڏي
دور وجي ٿي شهنائي
اءُ اهائي تنهائي
سانولڙي سانجهي آئي"

امداد جا اهڙا ڪيترائي خوبصورت ۽ رسيلا گيت هن مجموعي ۾ شامل آهن، جن مان ڪيترائي گيت ڳايل آهن، ته ڪيترا اڃا اڻ ڳاتل آهن۽ سُرن ۾ سمائڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. امداد جا گيت خود سندس شاعريءَ توڙي همعصر دور جي شاعريءَ ۾ هڪ اُتم جاءِ والارين ٿا:

"رنگ ۽ خوشبوءَ جي ٻولي ۾
موسم ٿي ڳالهائي
آ ته ٻڌون
ها، آ ته ٻڌون ڪن لائي!"

رنگن، خوشبوئن، ٿڌڙين منڙين موسمن جي ذڪر سان ٽمٽار مڏر گيت امداد جي شاعريءَ ڪي هڪ اونوکو رومانس بخشين ٿا.

شاعري ۾ جماليات ( Aesthetics ) جو احساس دراصل خود شاعر جي جمالياتي احساس جي خوبصورتي، ان جي نزاڪت ۽ نفاست ۽ شاعر جي (Artistic Capabilities ) کي اُجاگر ڪري ٿو. امداد جي شاعريءَ ۾ جمالياتي احساس هن جي شاعريءَ ۾ موجزن "رس" جو حصو آهي. جماليات (Aesthetics ) جو مڪمل رنگ تڏهن ئي جڙي ٿو جڏهن انسان جا پنج ئي حواس ان کي محسوس ڪن. امداد انهن پنجن ئي حواسن: ڏسڻ جو حواس (باصره)، ٻڌڻ جو حواس (سامعہ)، چکڻ جو حواس (ذائقہ)، سنگهڻ جو حواس (شامعہ) ۽ ڇهڻ جو حواس (لامسہ) يعني: حواس خمسہ جو نهايت خوبصورت استعمال ڪري ٿو. "احساس جماليات" انسان جي سمورن احساسن کي ڇهي ٿو بيدار ڪري ٿو. امداد جي شاعريءَ ۾ جماليات ڪنهن تيز ۽ ناقابل برادشت پرفيوم وانگر انساني حواسن تي زوريءَ نٿي ڇانئجي. اهو تہ ان مني خوشبو وانگر آهي، جا هلڪو هلڪو پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريندي آهي ۽ اسين زور سان ساهہ کڻي خود ان کي پنهنجي ساهہ ۾ پرڻ چاهيندا آهيون. جماليات شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو پڻ اهم ترين گڻ آهي. جنهن جو اظهار لطيف خاص طور سان "سر کنيات" ۽ "سر مومل راڻو" ۾ نهايت فراوانيءَ سان ڪيو آهي. امداد جي شاعريءَ ۾ جاءِ جاءِ تي جمالياتي احساس جي رنگيني ۽ خوشبو اسان کي ملندي. مان هتي امداد جي فقط هڪڙي نظم جوئي مثال ڪڻنديس. امداد جي نظم "هوءَ" ۾ جمالياتي احساس پنهنجي انتهائي خوبصورتين کي ڇهي ٿو:

"هو الائي ڪهڙي هوندي
اِهڙي هوندي
اُهڙي هوندي
چانڊوڪيءَ ۾ وهتل سهنتل نيل ڪمل جهڙي هوندي
سانگيءَ جي تہ غزل جهڙي هوندي"

هن بند ۾ ڪيتريون خوبصورتيون سمايل آهن — هوءَ سراپا جمال نيٺ بہ ڪهڙي هوندي؟ اِهڙي، اُهڙي، ڪهڙي؟ (خود سنڌي ٻوليءَ جي معمولي لفظن: "اهڙي ، اُهڙي، جهڙي، تهڙي، ڪهڙي" جو نهايت خوبصورت ۽ غير معمولي استعمال ڪيو ويو آهي ان نظم ۾) هوءَ رڳو "نيل ڪمل" جهڙي نہ هوندي، پر "چانڊوڪيءَ" ۾ وهنتل سهنتل نيل ڪمل" جهڙي هوندي. خود ان سونهن جي احساس کي اجا بہ اُڀارڻ لاءِ شاعر ڪيتريون ئي نيون ۽ انوکيون تشبيهون کڻي ٿو اچي: "پٽ ڏٽيءَ جي وائي جهڙي هوندي— سانگيءَ جي تہ غزل جهڙي هوندي." اها سار آهہ پٽ ڏٽيءَ جي وائي ۽ سانگي جي غزل جي سار آهہ آهي، ڪين ان سونهن پريءَ جي ؟!

شعر ۾ ڪنهن هڪڙي حواس جي خوبصورتيءَ جو استعمال بہ شاعريءَ کي جماليات جو احساس بخشي ٿو.

هن تاري هن هنڌ، هُت منهنجا سپرين
سڄڻ ماڪيءَ منڊ، ڪؤڙا ٿين نہ ڪڏهن
(شاهہ لطيف)

ان شعر ۾ ڏسڻ جي حواس ۽ چکڻ جي حواس وسيلي "سپرين" جي سونهن محسوس ڪرائي وئي آهي.
امداد هن هڪڙي نظم "هوءَ" ۾ پنجن ئي حواسن جو باڪمال استعمال ڪيو آهي. هو انهن سمورن حواسن وسيلي "احساس جمال" کي نهايت خوبصورتيءَ سان اُڀاري ٿو:

سانجهي هن جي گهاٽن ڀنڀن وارن سان ئي سهڙي هوندي!
هن جي چهري مان ئي سج طلوع ٿيو هوندو
ڏيهہ سڄي تي ڏينهن شروع ٿيو هوندو
هن جي ٻِل مان گل ٽڙيا هوندا
بلبل ٻوليو هوندو، ڀونر مڙيا هوندا
رياض ڪنڊڙ ڪنهن راڳي ويراڳيءَ جا ساز ڇڙيا هوندا

"سانجهيءَ" جو هن جي گهاٽن وارن سان ئي سهڙڻ، "سج" جو هن جي "چهري مان طلوع ٿيڻ، هن جي "ٻِل" مان "گُل" ٽڙڻ ، هن جو ٻولڻ جڻ بلبل جو ٻولڻ، هن جي خوشبوءَ تي ڀونرن جو مڙڻ، سازن جو ڇڙڻ، هٻڪارن جا هُل ٿيڻ، ڏاڍا شونق شغل ٿيڻ ( اتي شوق بدران "شونق" چوڻ پڻ ڏيان لهي) هڪ خوبصورتيءَ جو احساس ٻي خوبصورتيءَ مان اُڀارڻ، حسن جي هوشربا ۾ جڪڙڻ آهي ۽ امداد لفظن جو اهڙو جادو جاڳائي ٿو.
هن نظم جي سِٽ سِٽ ۾ تشبيهہ ۽ استعارا موتين جيان ڳتيل آهن. جمال آهي تہ عشق آهي، عشق آهي تہ جمال آهي. اهي ٻئي احساس هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. امداد جي شاعريءَ ۾ موجود احساس جمال هن جي شاعريءَ ۾ موجود رومانيت جو اڻ ڇيجندڙ حصو آهي. اهي انتهائي خوبصورت جذبا، امداد جي شاعريءَ کي اها خوبصورتي ۽ تازگي عطا ڪن ٿا جا انهن جذبن ۾ موجود آهي. سدا جوان جذبن جو شاعر امداد اڄ بہ سدا جوان ۽ سدا حسين گيت ۽ نظم رچي پيو جهڙا هن ڪالهہ رچيا پئي:

ري ڪجل ڪارين اکين ۾ تون ڪجل پائين جڏهن
ڪيتري پياري لڳين ٿي هانءُ هرڪائين جڏهن
جيئن نديءَ ۾ لهر اهڙي لهر لهرائين جڏهن

اکڙين بي شرم اکڙين ساڻ شرمائين جڏهن
ڏيان جي ڳڙکيءَ منجهان هر هر ليو پائين جڏهن
مڌرءِ مڌم سُرن ۾ گيت تي ڳائين جڏهن
مُند کي پهراڻ پنهنجو پاڻ پهرائين جڏهن

امداد جي شاعري انيڪ Images سان ٽمٽار آهي ۽ اهي Images ڪرشماتي سطح تي اُپرن ٿا. سرجڻهار جي سوچ کان پني تي لکيل سٽ تائين - ۽ پني تي لکيل سِٽ کان پڙهندڙ جي ذهن تائين اهي اميجز ائين ٿا سفر ڪن : "ڏيان جي ڳڙکيءَ منجهان هر هر ليو پائين جڏهن" وانگر، اهي ائين ئي هر هر ليو پائيندا آهن. جڏهن نہ هوندا آهن، تڏهن بہ دراصل هوندا آهن، ڪٿي لکيل، ليئي جي ان لمحي جا منظر. امداد جو اهو نظم- هونئن امداد جي سموري شاعري بہ اهڙن لاتعداد "اميجز" سان ٽمٽار آهي.

شاعري اهو حسين سراپا آهي – جنهن لاءِ شاعر پنهنجي تخليقي صلاحيتن جي آڌار تي حسين لباس اُٽي ٿو – اهڙا لباس جيڪي ان حسن کي دوآتشہ ڪن. شاعر وٽ ڪڏهن اهو لباس گيت جي پيرائي ۾ جُڙي ٿو تہ ڪڏهن غزل ، نظم، آزاد نظم، ٽيڙو، هائيڪو، ترائيل، بيت، دوها وايون، ڪافيون – امداد انهن سڀني صنفن کي پنهنجي تخليق جو ڪمال بخشيو آهي هن جي شاعريءَ هر لباس ۾ ڪجهہ آسماني اپسرا جو ڏيک ڏئي ٿي.

امداد بيحد ڪامياب آزاد نظم چيا آهن. امداد جا بي قافيا نظم پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ان تي ڪي بہ رايا نٿا سگهن. امداد دراصل شاعريءَ جي هر صنف کي بيحد تخليقي سطح تي ورتايو آهي. پوءِ اها وائي ، ڪافي، بيت، ترائيل، ۽ ٽيڙو ئي ڇو نہ هجي. امداد جيئن بيحد سريلا ۽ مڌر گيت چيا آهن. بلڪل ان ريت امداد نهايت اعليٰ غزل پڻ چيا آهن.

امداد وٽ غزل چوڻ جو پڻ منفرد ڍَنءُ آهي. تنوير عباسي امداد جي غزلن کي "البيلا غزل" چيو آهي غلام محمد گرامي شروعاتي دور ۾ امداد کي "هڪ نمايان غزلگو" شاعر چئي، هن جي رنگ تغزل کي ساراهيو آهي. امداد جي غزل ۾ تخيل جي خوبصورتيءَ سان گڏ بيان جي پختگي ۽ تغزل جو رنگ چانيل ملندو. ساڳي وقت اهي غزل معنوي سطح تي بہ اوترائي اعليٰ آهن. امداد جي غزلن جي هڪ اهم ترين خوبصورتي انهن جا يڪتا ( Unique ) قافيا پڻ آهن. نہ رڳو قافيا، پر جي قافين سان گڏ رديف اچي ٿو تہ اهو پڻ نرالو ۽ منفرد آهي ۽ اهي رديف رڳو پيراءُ جي طور نٿا اچن، پر اهي سِٽ ۾ قافئي سان ائين ڦبي بيهن ٿا جو سِٽ انهن کان سواءِ اڻ پوري ۽ اڌوري ٿي لڳي. امداد جا غزل هن جي ٻيءَ سموري شاعريءَ وانگيان مِٽيءَ جي رنگ ۾ رڱيل آهن. اهو نج سنڌي رنگ امداد جي غزلن ۾ 1962ع واري دور کان ئي وني بکي ٿو خاڪي، ناسي، پورو، "پوري مٽي جهڙو" پورو رنگہ سٺ واري ڍاڪي ۾ ئي هن جي غزلن ۾ اها مهڪ آهي، جا اُني کان پوءِ مٽيءَ مان اُٿندي آهي، آلي مٽيءَ جي خوشبو:

چمڪي پيئي چيڪي مٽي
پاڻي چڙهي لهي ويو آهي

ٻن جسمن جي هڪ رشتي جي
اڃا تہ مٽي آلي آهي

امداد جي اها ٻارنهن غزلن جي سنگهر، هڪڙي ئي ڪيفيت جي آئينہ دار آهي. ڏک، درد ۽ پيڙ جا اهاڪيفيت جا ماڻهوءَ کي بہ اڌ ڪري ڇڏي. 1976ع ۾ امداد جي پياري ۽ دل گهرئي يارَ، نوجوان ۽ ذهين يارَ مختيار جي موت جي صدمي کي امداد پنهنجي روح تي ڪنيو هو. ان دور ۾ امداد خود پنهنجو پاڻ کان وڇڙي ويو هو. ميرا ڪپڙا، وڌيل ڏاڙهي، اگهاڙا پير. هو ديوانن وانگي جهنگ منهن ڪري ويو هو. تڏهن مختيار جي ياد ئي هن جو ڪُل سرمايو هئي ۽ هن لاءِ امداد رت جا لڙڪ رنا هئا ڇو تہ هنن جي اکڙ تان چوڏهينءَ چنڊ اُلهي ويو هو.

منهنجي ميري سيري ڳل تان
رت جو لڙڪ وهي ويو آهي
هاڻي لهر لڇي ٿي ڇا لئہ
چوڏهينءَ چنڊ لهي ويو آهي

۽ مختيار جي موت هن کي اهو سمجهايو هو تہ “دنيا خام خيالي آهي” پر تڏهن جڏهن مختيار جي ياد ۾ هن کان پنهنجي ياد ئي وسري وئي هئي، تڏهن اهي هن جا دوست ئي هئا، اشفاق، سليم، ناصر ۽ حميد، جن ان دور ۾ هن کي سنڀاليو هو ۽ هن کي رک ٿيڻ کان بچائي ورتو هو:

”مون کان منهنجا دوست پڇن ٿا
ڇا مان هي ڇا ٿي ويو آهيان
ڪنهن ماچيس جي تيليءَ وانگر
سڙي سڙي رک ٿي ويو آهيان
ڏک ۽ سُک ماڻهن لئہ هوندو
ها مان پٿر ٿي ويو آهيان

امداد جي انهن ٻارنهن ئي غزلن ۾ اسان کي ٻولي ۽ معني جي هم آهنگي، احساس ۽ جذبي جي گهرائي، قافئي ۽ رديف جي خوبصورتي ملندي:

سپ سپنا پاڻ سان کڻي وئين
اکڙين سان اوجاڳا پرتا
دل جي کڙکي کولي وئي
پاڳل ۾ منهن زور هوا!

انهن غزلن ۾ نج سنڌي قافين جهڙوڪ : اڇلايم، سمجهايم، ڳالهايم جو استعمال به ملندو ته وري "سائين" ۽ "ميان" جهڙن نج سنڌي رديفن جو استعمال پڻ انهن غزلن ۾ ملندو. جيڪي قديم سنڌي شاعريءَ ۾ وائيءَ ۽ ڪافي منجهه وراڻي، دهراءُ، پراءُ يا آلاپ طور استعمال ٿيندا آهن. انهن کي امداد تخليقي انداز ۾ استعمال ڪيو آهي. امداد جي انهن ئي غزلن مان هڪ غزل ۾ شاهه جي وائيءَ جي هڪڙي سٽ "سڪ وندين کي "سيد" چئي، ڪو به هڪڙو ڪوها" کي تضمين طور نهايت خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي. اها هڪ سٽ غزل جي ٻن سٽن جي صورت ۾ پنهنجي "نئين معنويت" سان نهايت خوبصورتيءَ سان ڦبي بيٺي آهي:

منهنجو ڪونهي ڏوهه ميان
مون سان ٿيئڙو ڊوهه ميان
ساري رات سِڪي تولئه
چوليءَ جهڙو ڇوهه ميان
سڪ وندين کي سيد جي
ڪوبه هڪڙو ڪوهه ميان!

پٿر تي شيشو اڇلايم
پنهنجي من کي ڇا سمجهايم
پنهنجي مُنهن ويٺي ڳالهايم
مان پٽ تي منهن ڀر پيو آهيان
تيز هوا سان ڊوڙ پُڄايم!

پل پل هڪڙو پور او سائين
ساعت ساعت سُور او سائين

امداد جي شاعريءَ ۾ موجود نئين حسيت اسان کي هن جي غزلن ۾ به ملي ٿي. 60ع واري ڏهاڪي ۾ ئي نهايت ڪامياب تخليقي تجربا ڪري امداد پنهنجو پاڻ مڃرائي چڪو هو. بعد وارن سالن

۾ هن جي فن ۾ اڃا بہ پختگي آئي. هن نت نوان تخليقي تجربا ڪيا ۽ غزلن جي تراش خراش تي اڳي کان وڌيڪ ڌيان ڏنو.
"سنڌ" اهو نانءُ آهي جو امداد کان ڪڏهن بہ وسري ئي نٿو. ايتريقدر جو هن جي غزلن ۾ بہ "سنڌ" آهي. ڇو تہ اهائي هن لاءِ سُر سنگيت ۽ سُڳنڌ آهي:

سنڌڙي سر سنگيت سڳنڌ
مون کي سائينءَ جو سوڳنڌ

هن هڪڙي شعر جي ڪُل نون لفظن مان ( جن ۾: مون، کي، جو بہ شامل آهن) ڇهہ لفظ "س" سان شروع ٿين ٿا. تجنيس حرفيءَ جي ان خوبصورتيءَ سان گڏ لفظ "سنگيت" ۾ "گ"، "سڳنڌ" ۾ "ڳ" ۽ "سوڳنڌ" ۾ "ڳ" جي آوازن جو ورجاءُ آهي Assonance جو هي انداز وٺي ٿو. "ڳ" جي ڳوراڻ "س" جي نرماڻ سان ملي شعر جي صوتياتي خوبصورتيءَ کي معنوي خوبصورتيءَ سان هم آهنگ ڪري ٿي.
امداد اهو شاعر آهي، جو اڄ مشاهدي ماڻڻ لاءِ "ڪلهن تان ڪنڌ ڪورڻ" جي ڳالهہ ڪري ٿو:

مشاهدو ماڻڻ چاهين
ڪور ڪلهن تان پهرين ڪنڌ

ڇو تہ سرُ ترِيءَ تي رکڻ جي اها سگهہ ئي دراصل شاعريءَ کي صدين جي پائندگي عطا ڪندي آهي. سنڌ جي مهان شاعر لطيف سائينءَ کي ٻن سٽن جي نون لفظن ۾ ايڏو وڏو Tribute اڄ تائين نہ مليو هوندو. "سورج" هجڻ جو Tribute شاهہ لطيف سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ اڄ بہ سورج سمان آهي:

لطيف هوندي ڇا جو ٻئو
سورج هوندي ڪهڙو انڌ!

امداد جو غزل "تنهنجو هجڻ" منهنجي پسنديده غزلن مان هڪ آهي. جنهن جو هر شعر هڪ اشرفي لهڻي:

نہ تہ فاصل گهٽو هو مون ۾ ۽ خودڪشيءَ ۾
تنهنجو هجڻ هجڻ آ، ويساهہ زندگيءَ ۾

لفظ "خودڪشي" جو هڪ نهايت ثقيل ۽ غير شاعراڻو لفظ آهي :(توڻي جو اهو عمل ڪيترن کي ڪيترو ئي شاعراڻو ڇو نہ لڳي) جو ايڏو خوبصورت استعمال سو بہ سنڌي شاعريءَ ۾، سو بہ پابند شاعريءَ ۾ ۽ سوبہ وري غزل ۾، مون نہ ٻڌو آهي ، نہ پڙهيو آهي. "خودڪشيءَ" ( موت) جي مقابلي ۾ "زندگيءَ" جو قافيو آڻڻ معنوي لحاظ کان شعر کي بلند تر ڪري ٿو:

اڌ رات جو ڪوي ڪوڱوتا لکي رهيو هو
ڪيڏا سُنا لڳا پئي، اوراق روشنيءَ ۾!

شاعريءَ ۾ "جماليات" جو هي بنهه نئون ۽ نرالو اينگل (Angle) آهي. امداد هوئنئن به پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو نهايت تخليقي سطح تي استعمال ڪندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪن لفظن کي هو خاص طور سان ايڏي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪري ٿو جو اهي خاص لفظ "خاص الخاص" مقام ماڻيندا آهن. جيئن لفظ "اوراق" جو استعمال، خود ان شعر جي منظر ڪشي به هڪ نرالي منظرڪشي آهي: "اڌ رات، ڪوي، ڪوتا اوراق، روشني." ان غزل ۾ "روشنيءَ" جو قافيو به پيرا آيو آهي. هڪڙي پيري سمورو Stress "اوراق" تي آهي. ٻئي پيري سمورو Stress روشنيءَ تي آهي، پلڪ "تيز روشني" تي آهي:

اڌ اُپٽيل اکين سان، تنهنجي اڳيان ائين مان
اوندآهه مان اچي جيئن، ڪو تيز روشني ۾

ڄائس، جتي پلسي مان، نپنس وڏو ٿيس مان
اج وائڙو پريشان، ان ڳوٺ جي ڳليءَ ۾

ان شعر ۾ "ڄائس، پليس، نپنس ۽ وڏو ٿيس" جي سٽاءُ تي غور ڪيو. لفظي پڇاڙين (Suffixes ) جو ايڏو خوبصورت ۽ بامعنيٰ استعمال، جيڪو شعر ۾ اندروني قافيو پڻ آهي. ساڳي وقت ڄمڻ کان وٺي وڏي ٿيڻ تائين جي ڪيترن ئي سالن تي پکڙيل مرحلن کي شاعر ننڍين ننڍين Pauses جي صورت ۾ ڪيئن اجاگر ڪري ٿو. اتي هر "اڌ دم" جيترو دم، دراصل ڪيترن مِلين ٻِلين "دمن" جي برابر آهي.
ان غزل جو لفظي سٽاءُ ۽ اندروني قافين جو استعمال ۽ پڻ ان غزل جي هر شعر کي "چئن پدن" ۾ ورڇڻ بيت / ڪافيءَ جي روايت آهي ۽ جو غزل ۾ تخليقي طور اچي ويو آهي. هڪ پوري زندگيءَ جي تصوير انهن ٻن سٽن جي ٿورڙن لفظن ۾ شاعر نهايت خوبصورتيءَ سان چِٽي ٿو ماضيءَ کان حال تائين خوبصورت تصوير ڪشي آهي ان شعر ۾. ڳوٺ جي ڳلين ۾ شاعر جي اجنبيت، وائڙائپ ۽ پريشاني ان دوريءَ جي نشاندهي ڪري ٿي، جيڪا ڳوٺن کان شهرن تائين ڦهلجي چڪي آهي:

رت – لڙڪ – مَس سان مان، ان لئه اکر لکان مان
جنهن قوم آهه وِڪيو اتهاس کي رديءَ ۾

ان شعر ۾ امداد ٽن لفظن کي ملائي هڪ Compound word ٺاهي ٿو: "رت – لُڙڪ – مَس" سان شاعر جيڪي اکر لکي پيو، اکر اکر ميڙي لفظ لفظ ٿو جوڙي، لفظ لفظ جوڙي سٽون پيو سرجي، اهي سٽون جن ۾ شاعر جا ڏک ۽ شاعر جا سک سمايل آهن. اهو سڀ هو انهن ٻي وڙن ۽ بي قدرن

لاءِ ڪري پيو جن پنهنجي "روشن اتهاس" کي "رديءَ" ۾ وڪيو آهي: تن وٽ شاعر جي شعرن جو کهڙو ملهه!

امداد جو ننڍي بحر ۾ هي غزل پڻ هڪ نهايت خوبصورت غزل آهي:

مٿي ٿيج ۽ مٿي رت
پوءِ به منهنجي موڙهي مت

ان غزل جي معنويت، ان ۾ ٻولي، معنيٰ، تخيل ۽ وزن جي هم آهنگي، غزل کي هڪ انوکي Crispness عطا ڪئي آهي. ساڳي وقت ان غزل جو Symbolical ۽ Satirical انداز پڻ اهميت رکي ٿو. مثال طور ان شعر ۾ شاعر جي Satire جو چُڀڪو توهين به محسوس ڪري ٿو:

تون به ته پنهنجو آن امداد
تون به پلي ڪا گهاٽي گهٽ

سِٽن جي رواني ۾ "گهاٽي گهٽڻ" جي ڳالهه نهايت معصوميت سان ڇهندڙي هٽڻ جيان آهي. ان شعر ۾ "آن" جو استعمال ۽ سرائيڪي لفظ "گهٽ" جو استعمال – سو به قافئي طور استعمال ڏيان لهٽي. شاعر پنهنجي Vocabulary کي آرٽسٽڪلي (Artistically) وسعت ڏيڻ جي اهميت کان يقينن واقف آهي:

اندر منجهه جهاتي پاءِ
دئيت هٽي وينو ٿئي دت

"دئيت" قديم ڏند ڪٿا جو ڪردار آهي. پر اهو اڄ به مختلف روپن ۾ موجود آهي ۽ اڄ به سورج کي ڳيهڻ جو وجهه نٿو وڃائي. هن شعر ۾ "دئيت" جو اهڃاڻ اڄ جي Context ۾ هڪ مڪمل اهڃاڻ (Symbol ) آهي. هن غزل جون سموريون سٽون سُرن، لفظن ۽ معنائن سوڌيون ستار جي تارن جيان ( Synchronize ) ٿيل آهن: ڇُهڻ سان وڄن ٿيون:

روئي روئي ڳل ڳرهاتي پائجي
اڄ وري هن کي هلي پرچائجي

هن غزل جا قافيا: "پائجي، پرچائجي، ترسائجي، هارائجي، سرچائجي، ڳالهائجي، سامائجي، ورڪائجي، گهبرائجي، شرمائجي، جاڳائجي، فرمائجي، ڪائجي، پائجي، لائجي، ڳائجي" هي سورنهن قافيا ، تيرهن شعرن جي ان غزل ۾ نهايت Unusual قافيا آهن ۽ انهن جو شعرن ۾ نهايت پختگيءَ سان ۽ خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي.

لطيف سائينءَ ته چيو هو:

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون
پَر سان مون نه ڪيون، گوشي پرين نه گڏيا

پر امداد جي غزل جي هن شعر جي ڪيفيت بنهه مختلف آهي، پرين گوشي گڏيا بہ آهن: پر ڳالهائڻ ئي نہ، تہ ڇا ڳالهائجي؟

دل ۾ آهن ڪيتريون ئي ڳالهيون
تون نہ ڳالهائين تہ ڇا ڳالهائجي!

"اهائي هڪڙي دعا اٿم" بظاهر هڪ روايتي غزل جو ڏيک ڏئي ٿو پر امداد جو ڪمال اهو آهي تہ هن ان روايتي غزل جي قالب ۾ هڪ غير روايتي غزل لکيو آهي. ان غزل جي سموري سُونهن ان جي روايتي رنگ تغزل ۾ آهي. "صنم" جي ستم ۽ ڪرم، وفا ۽ جفا جي روايتي تڪرار سان مزين هن غزل ۾ بيحد وڻندڙ ڳالهيون، بيحد سرل انداز ۾ چيون ويون آهن: قافين جو پڻ نهايت خوبصورت استعمال اسان کي ان غزل ۾ ملي ٿو. غزل جي "مطلع" ۾ "صنم" سان نج سنڌي لفظ "اٿم" جو قافئي طور استعمال ئي ان کي مختلف Touch ڏئي ٿو. ان غزل جي هر شعر جون بہ سٽون واضع چئن "چرڻن" ۾ ورهايل آهن. اهو رنگ اسان کي عروض تي آڌارڪ ڪافين ۾ ملندو. شاعر وٽ تجربي ڪرڻ جي جبلت ئي ان جي شاعريءَ کي هڪ بنهه مختلف، نئون ۽ نرالو رنگ عطا ڪندي آهي:

تنهنجي هر جفا کي وفا چيم، تنهنجي درد کي بہ دوا چيم
تنهنجي بددعا کي دعا چيم، تنهنجي هر ستم کي چيم ڪرم

ساڳي وقت ان شعر ۾ جفا، وفا، بددع ۽ دعا جا اندروني قافيا بہ آهن تہ ٿي پيرا "چيم" رديف جيان ورجائجي ٿو ۽ اصل قافيو پڻ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ "چيم" سان ٻنو قافيو ٿي اچي ٿو. هي غزل پنهنجي مزاج ۾ ڪافيءَ کي ويجهو آهي:

جي هلين تہ آءُ ڪڪر ٿيان، جي تلين تہ مور جيان نچان
۽ اتي اتي رکان اکڙيون، تون جتي جتي بہ رکين قدم

هي شعر بيحد خوبصورت احساسن ۽ تشبيهن سان سينگاريل آهي. پرين جي هلي تہ شاعر ڪڪر بڻجي ڇانو ڪري، جي ڊيل وانگي تلي تہ شاعر مور جيان نچي ۽ ان جي هر هر قدم تي پنهنجون اکڙيون وڇائي ڇڏي ان شعر ۾ جمال جو نرالو رنگ بکي ٿو ۽ پڻ عشق جو اظهار نج سنڌي انداز ۾ آهي. طويل بحر ۾ چيل امداد جو هي غزل ڪنهن سُريلي ڪافيءَ جا رنگ پسائي ٿو.
شاعر جي تخيل ۾ ڪيترائي نوان ۽ انوکا خيال اُتپن ٿا ۽ شاعر ڪيترائي يونيڪ Unique خيال منظوم ڪري ٿو شاعر سٽ سريءَ ۾ "لفظ" نہ پر "لڙڪ" پوئي ٿو پيو ۽ جو ديس جي هر "غدار" کي "لوئي" ٿو پيو ۽ شاعر جن لاءِ اِهو سڀ ڪجهہ ڪري ٿو پيو سي الاءِ تہ هن کي پڙهندا بہ يا ڪونہ! ڇو تہ شاعر جو لايو سجايو تڏهن ئي ٿيندو جڏهن هن جا همزبان نہ رڳو هن کي پڙهندا پر ڪڙهندا بہ، ڇو تہ هڪ شاعر کان وڌيڪ شعر چوڻ جي پيڙ کي ٻيو ڪير ۽ ڪيئن ٿو سمجهي سگهي؟ ڇو

تہ هڪ شاعر ئي ڄاڻي ٿو تہ لڙڪن ڪي لفظن ۾ سمائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي. شاعري سابہ سچي ۽ اصل شاعريءَ دراصل، "ٻآهہ جو سمنڊ ترڻ" آهي. امداد اهو ٻآهہ جو سمنڊ تري ٿو، ۽ لُڙڪ کي لفظ ڪري ٿو.

لڙڪ کي لفظ ڪرڻ ايترو سولو ناهي
ٻآهہ جو سمنڊ ترڻ ايترو سولو ناهي

امداد اتي ٻآهہ ۽ پاڻي (لُڙڪ) جي تضاد وسيلي مختلف ڪيفيتن کي اُڀاري ٿو جن ۾ پيڙ ۽ درد بہ آهي، تہ ناممڪن کي ممڪن بڻائڻ جي تخليقي سگهہ بہ آهي. جيتوڻيڪ "لُڙڪ" کي "لفظ" ڪرڻ ايترو سولو ناهي، پر شاعر ان اولي کي سولو ڪري ٿو. هن غزل جو ڪمال هڪ طويل رديف جو ننڍي قافئي سان ڦٻي بيهڻ آهي. رديف "ايترو سولو ناهي" کي جڙڻ ۽ ڪڙڻ لاءِ سڀ کان پهرين تہ شاعر کي تمام تر مشڪل ۽ ڏکيون سچويشنز ڳولي ڪيڏيون هيون - ۽ ان کان پوءِ انهن سچويشنز جو گهربل قافئي ۽ ان وزن ۾ نهڪائي بيهارڻ سان گڏ، رديف جو پڻ هر شعر سان فطري نموني نهڪائي بيهارڻ، نهايت ئي مشڪل فن آهي. خاص ڪري هڪ طويل رديف جو استعمال ڪندي شاعر ڪنهن نہ ڪنهن شعر ۾ محض خانہ پُري ڪري ويندو آهي. پر امداد شروع کان آخر تائين غزل جو اهو تخليقي ۽ بيساختگيءَ وارو رنگ برقرار رکيو آهي.

امداد وٽ "سپرين جي سڪ" ۽ "سنڌڙيءَ جي سِڪ" ٻيئي اکر هيڪڙي آهن. امداد انهن ٻنهي سان محبت جو اظهار ور ور ڪري ٿو ۽ هر پيري نئين ورن سان ڪري ٿو. هو انهن لاءِ جيئڻ بہ چاهي ٿو، پر هو انهن لاءِ مرڻ لاءِ بہ هر وقت تيار آهي، جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ ايترو سولو ناهي، امداد ان شعر ۾ سولو هجڻ ۽ سولو نہ هجڻ جي تڪرار وسيلي پنهنجي ڳالهہ جي اهميت واضع ڪري ٿو:

سنڌ جي لاءِ جيئڻ ايترو سولو بہ هجي
سنڌ جي لاءِ مرڻ ايترو سولو ناهي!

شاعر سيني جي ڏکن کي پنهنجي اندر ۾ پالي ٿو، ۽ انهن پويان شمع جيان روز سڄي رات ٻري ٿو، لڳاتار ڳري ٿو، تڏهن ئي روشني ڪري ٿو:

چوٽ کان شمع جيان روز سڄي رات ٻرڻ
۽ لڳاتار ڳرڻ ايترو سولو ناهي!

لڳاتار ڳرڻ ۽ لمحو لمحو فنا ٿيڻ جي پيڙ کي اهوئي محسوس ڪري سگهندو جنهن جي ڪڏهن درد سان شناسائي رهي هجي ۽ امداد جي تہ درد سان پراڻي شناسائي آهي. خود شاهہ لطيف وٽ بہ اها ڪيفيت ملي ٿي پر ڪجهہ مختلف انداز ۾ ملي ٿي:

"شمع ٿيندس شب ۾، ان خوشيءَ کان کامي"

لطيف جي سورمي خوشيءَ مان ڪامي ٿي، جڏهن ته امداد "چوٽ" ڪان وٺي "سچي رات" پري ٿو ۽ ائين روشني ڪري ٿو. روشني جا زندگيءَ جي سچي سيڻ آهي.
امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ هر غدار کي – پوءِ اهو ڪهڙي به روپ بهروپ ۾ هجي – سدائين لوئيو آهي.
امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ جيئڻ خوبصورتين کي ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه مان گلابن ۽ ستارن سان ملايو ڇڏي. ان ريت امداد پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي بدصورتين کي ان جي تمام تر ڪراهتن، قباحتن، ڏپن ۽ اُگراٽن جي حوالي سان اُجاگر ڪري ٿو. انهن ڪيفيتن جي شدت کي اُڀارڻ ۽ اظهارڻ لاءِ امداد استعارا به اهڙائي ڪٺي ٿو اچي. مثال طور "گٽر" جو استعارو. امداد جي نظم "حملو" ۾ به اهو استعارو ان شديد ڪراهت ۽ نفرت جي ڪيفيت کي اُڀاري ٿو:

"شاهي رستن تي سڙيل تيز گٽر جي بدبو"
"گٽر" جو استعارو پنهنجي ان غزل ۾ "غدار" لاءِ استعمال ڪري ٿو:
صرف غدار جو رت آهه گٽر جو پاڻي
ماءُ جو کير ڪرڻ ايترو سولو ناهي!

ان ريت امداد غزل جي موضوع کي جديد نظم جي قريب تر ڪري ٿو ڇڏي. گٽر جي گندگي ۽ کير جي پاڪيزگيءَ جي تضاد وسيلي شعر جي مفهوم کي ڪيڏي نه اعليٰ انداز ۾ سمجهايو ۽ محسوس ڪرايو ويو آهي. مان انهن شعرن تي لکندي جنهن "درد" مان گذريس تنهن تي مون "سحريءَ" مهل خود امداد کان پڇيو، "تو اهو سڀ ڪيئن لکيو هوندو!"
جديد شاعريءَ جو ڪمال پراڻي کي نئون ويس ڍڪائڻ به آهي: ته ان کي نئين رنگ ڍنگ ۾ رائج ڪرڻ به آهي. بلڪل ائين ئي جيئن پراڻو ۽ قديم، هر نئين دور ۾ Antique جي حيثيت ۾ وڏيڪ مُلهائتو ۽ قيمتي ٿي ويندو آهي. امداد پنهنجي شاعريءَ جا اَنيڪ اهڃاڻ ۽ ڪيترائي استعارا پنهنجي قديم ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ مان کڻي ٿو ۽ انهن کي ڪيتري خوبصورتيءَ سان نيائي ٿو. ان جو واضع مثال سندس غزل جو هي شعر آهي:

ڪوءِ سُک، ٻن سمهڻ، جان ۾ جندي پائي
ڏيهه جا ڏک ڏرڻ ايترو سولو ناهي

شاعر پنهنجا سک ۽ آرام تياڳي ٿو، ننڊون ڦٽائي ٿو جان ۾ جندي پائي ٿو تڏهن ئي ڏيهه جا ڏک ڏري ٿو پر اهو سڀ ڪرڻ ايترو سولو ناهي. مٿين ٻنهي شعرن ۾ فعل کي قافئي جي صورت ۾ اسم سان گڏ آندو ويو آهي ۽ ڪيڏي ڪمال سان شعر ۾ سمايو ويو آهي. "کير ڪرڻ" ۽ "ڏک ڏرڻ" ۾ تجنيس جو فطري انداز ۾ اچڻ پڻ سِٽ جي سونهن کي سوايو ڪري ٿو.

ان غزل جو خوبصورت ترين شعر آهي:

سحر امداد سڄڻ، پيو تہ سچو لوڪ ڏڄڻ
۽ سڄڻ ريءَ سرڻ: ايترو سولو ناهي!

امداد جنهن وٽ پيو تہ سچو لوڪ "ڏڄڻ" آهي. تڏهن ئي تہ شاعر سڄڻ ريءَ نہ سري سگهڻ جي ڪيفيت ڪي نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪري سگهيو آهي. ان لاءِ هن سنڌي ٻوليءَ جي ٻن متضاد لفظن: "سڄڻ ۽ ڏڄڻ" جو ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيو آهي. "سڄڻ ۽ ڏڄڻ" نج سنڌي لفظ آهن۽ نهايت قديم لفظ آهن. اهي ٻئي لفظ هنديءَ ۾ پڻ مستعمل آهن، پر نسبتن Soft tones ۾، يعني "سجن، دُرجن". اهي ٻئي لفظ قديم شاسترن ۾ بہ استعمال ٿيل آهن. اهو مان يقين سان چئي سگهان ٿي تہ لفظ "دُرجن" جي اصلوڪي صورت "ڏڄڻ" آهي. سنڌي ٻولي جو ڪمال اهو آهي ( اهو دراصل سنڌي قوم جو ڪمال آهي) تہ ان پنهنجن گهڻن ئي لفظن جي اصل صورت ۽ اُچار ڪي اجا تائين نہ رڳو قائم رکيو آهي: پر انهن لفظن ڪي مسلسل استعمال هيٺ بہ رکيو آهي؛ ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ، تہ شاعري ۾ بہ. اها هڪ طئي شده ڳالهہ آهي تہ "شاعري" ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪسمپرسي ڏسي محسوس ٿئي ٿو تہ، اسين ان محاذ تي پسپا ٿي رهيا آهيون. اسان جي اخباري دانشورن تہ ماڳهين پنهنجين تحريرن ۾ سنڌي شعرن بدران اردوءَ جا شعر ۽ نظم ڏيڻ شروع ڪيا آهن ۽ اهو فيشن هڪ بدعت جي صورت اختيار ڪري رهيو آهي. جڏهن اسان جا پنهنجا سوڪالڊ دانشور ئي پنهنجي ٻوليءَ جي شعرن ڪي استعمال نہ ڪندا تہ پوءِ ٻي آسماني مخلوق تہ انهن ڪي استعمال ڪرڻ ڪان رهي. پر ان سڀ لاءِ بہ تہ مطالعو شرط آهي. جن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو مطالعو محض اردوءَ جي چند ديوانن ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل چند پرڏيهي ادب جي ڪتابن تائين محدود هجي، سي سوخ اڳتي هلي "لفظن جو اهو واپار" ڪنهن سان ڪندا؟!

ڳالهہ اصل ۾ هئي سڄڻ ۽ ڏڄڻ جي. شاعريءَ ۾ جتي بہ دشمن ۽ دوست جي تڪرار ۽ تضاد وسيلي ڳالهہ سمجهائڻ جو وشيہ اچي ٿو: اُتي اسان جن شاعرن سڄڻ ۽ ڏڄڻ استعمال ڪيا آهن. اسان ڪي لفظن جي ان جوڙي جو تڪرار سڀ ڪان پهرين شاهہ ڪريم جي شاعريءَ ۾ ملندو:

چندن چُور ڪريندي، رَتو مُہَ ڪهاڙ
سڄڻ ڏڄڻ نہ ٿئي، جي رُسي سؤ وار
پروڙئو پراڙ تہ ڪرهيندي قرب ٿئي

شاهہ لطيف وٽ اهو لفظي جوڙو هن ريت اچي ٿو:

ڪَرَمَ ڪامي پچي، آءُ ويندي در دوسن جي

ڏجڻ جڻان ئي تڪيو سڄڻ تڻان ئي اچي.

سو شاهه ڪريم کان شاهه امداد حسينيءَ تائين ڇهن صدين کان به وڏيڪ عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ به سنڌي ٻوليءَ جي نهايت خوبصورت لفظن جو اچا ته سفر جاري آهي. امداد ”سڄڻ – ڏجڻ“ جي ان تضاد کي اُپارڻ لاءِ پنهنجي سڄڻ جو مثال ڪٽي ٿو ۽ نالي سان ڪٽي ٿو. ان شعر ۾ نزاڪت اها آهي ته اهو نالو هڪ اڪيلو نالو به آهي، ته اهي ٻه الڳ الڳ نالا به آهن. ان شعر جي خوبصورتي اهائي آهي ته ٻه الڳ الڳ نانءَ سحر امداد ملي هڪ جوڙو ناهين ٿا، ۽ هڪ وشال معنيٰ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.
امداد جي شاعري ”آس ۽ اُتساهه“ جي شاعري آهي:

اُماس آهي ته پوءِ ڇاهي
اُماس کان پوءِ صبح آهي

امداد جيڪو انسان ذات لاءِ سُک ۽ سُڪار جا سپنا اُٽي ٿو ۽ جو پکين جيان سج سواگت جا گيت ڇئي ٿو:

پکي مٺي لات جاڻ لنوندا
۽ سج – سواگت جا گيت چوندا

امداد جنهن جي ڪنن ۾ پکين جي مِٺي لات سان گڏ، مندرن ۾ سنگ وڄڻ ( ۽ مندرن منجهه سنگ وڄندا) : ديولن ۾ گهنڊ گُڙڻ ( ۽ ديولن منجهه گهنڊ گُڙندا) : ۽ مسجدن ۾ اذان اچڻ ئي ( ۽ مسجدن ۾ اذان ايندي) : رات جي مات جي نشاني آهي ( ۽ رات جي نيٺ مات ٿيندي).
امداد اماس رات جي تيجوان صبح لاءِ راتيون جاڳي ڪرٽا ڪرٽا سُر سرجي ٿو: پره پکين سان لات لنوي ٿو. گلڙن جهڙا گيت رچي ٿو: هن جي نظمن ۾ نهار آ ڪائي:

ڪير جاڻي ته مون لکيا ڪنهن لاءِ
نظم جن ۾ نهار آ ڪائي
انت پاتال جا ڇڏي گهوري!

انت پاتال تائين گهوري سگهڻ جي سگهه ئي ته شاعري آهي. شاعري هن جي تجربيت جي ڪوٺاريءَ ۾ تيز تپش تي پگهري سونين سٽن جو روپ ڌارڻ ڪري ٿي ۽ هو انهن سونين سٽن کي پني تي پلٽي ڇڏي ٿو:

جيڪڏهن تون ڪڏهن ڪتاب کڻين
۽ انهن جو اهو پنو کولين
مان جنهين ۾ گلاب جان آهيان.

ان "ڪڏهن" ۾ وقت جي ڪا سِيما ناهي، ان "ڪڏهن" جو دائرو صدين تائين ڦهليل آهي. "شاعر" جو ڪتاب جي پنن ۾ "گلاب جان" آهي. گلاب جنهن ۾ رنگ، اُڪار ۽ خوشبو آهي. ان خوشبو کي اُها "تون" پنهنجي ساهن ۾ ڇڪي سيني ۾ سمائي سگهي ٿي، ڪڏهن به! جنهن کي صديون به ميٽي نه ٿيون سگهن. ٿي سگهي ٿو ته صديون پوءِ ڪتاب جا پنا پلٽيندڙ اُها "تون" "مان" ئي هجان!

ڄامشورو سنڌ
1.1.1999

## حمد

عابد توکان
ساري سَڀُ عبادت عيوض
زاهد توکان
ساري سَڀُ رياضيت عيوض
ڇا ڇا نہ گهريو
منهنجا موليٰ
جنت طلبي
حُور مڱي
غلمان گهريو

منهنجا موليٰ
مون توکان
ڪجھ ڪونہ گهريو
حورَ
نہ ڪو غلمان گهريو
مون تہ رڳو
هڪ گيت گهريو
من ميت گهريو

۽ تنهنجي در تان
ٻالهو ٻانڌ ڪٺي
ڪو ٻہ نہ موٽيو!

## سِنڌڙي سُر سنگيت سُڳنڌ

سِنڌڙي سُر سنگيت سُڳنڌ
مون کي سائينءَ جو سوڳنڌ

مشاهدو ماڻڻ چاهين
کور گُلهن تان ڦرين کنڌ

سِنڌڙي جِندڙي ساهه پساهه
سُرهو آهي هر کو سَنڌ

لطيف هوندي ڇا جا ڀَو
سورج هوندي کهڙو اَنڌ

کارونجهر ٽيجان امداد
جُهکي وڃي سو کهڙو کنڌ !

## نِما شام

نِما شام گهر گهر جئن ڏيا
کُليا ياد جا ريشمي تاڪيا

وري ياد آئي اُهائي گهڙي
اسان سون ڀانئي ٿي جنهن جي مٽي

کِلي ٿي مليا ۽ ملي ٿي کليا
سيئي ٿورَ تي مورَ واري ٽِليا
اُهي قرب واريون کهاڻيون الا
اُهي روح رچنديون رهاڻيون الا
اَلا چوڪ اُهي، ڳوٺ ڳليون اُهي
ٻريون ڇيلڙيون، شام، ٽليون اُهي
اُهي ڪيڏَندا ڪيڏَندا ٻارڙا
ٻُڪيا اڌ ننگا ڪوجهڙا ڪارڙا
اُها ڇهڄ ساون وڻن جي قطار
هو "جُونَ" جو ڪَپ پکين جي پڪار
اُهي پَل پکيئڙن جيان پَر ڪري
الائي ته ڪاڏي اُڏامي ويا

نماشام گهر گهر ٻريا جيئن ڏِيا
کُليا ياد جا ريشمي تاڪِيا !

## ٻُورالو من

ٻُورالو من چا چا چاهي
جاڳ هجي پر سپنا چاهي

گُل گيتن جون سُر مالهائون
ڪونج ڳچيءَ ۾ پائڻ چاهي
نگريءَ نگريءَ پيٽڪي پيٽڪي
ڳولي پاڻ وڃائڻ چاهي

ٻُورالو من چا چا چاهي
جاڳ هجي پر سپنا چاهي

دل جي مَڌُر مَڌُر ڌڙڪڻ لڳي
گِيت گلابي ڳائڻ چاهي
سُر سَرچائي پَل پَرچائي
رُت ۾ رنگ رچائڻ چاهي

ٻُورالو من چا چا چاهي
جاڳ هجي پر سپنا چاهي

سُهڻِي صورت مُهڻي مورت
ساهن منجهه سمائڻ چاهي
جيون آهي زهر، اُنهيءَ ۾
امرت رَسُ ملائڻ چاهي

ٻُورالو من چا چا چاهي
جاڳ هجي پر سپنا چاهي

## سفاڪ

بلب جو
منهنجو مٿي تي
ٽيڪ تارُونءَ جي مٿان
پيو ٿو ٻري چوويهہ ڪلاڪ
تون انهيءَ کي روشني ٿو چئين!

ڪيترو سفاڪ آهين
ڪيترو چالاڪ آهين
هن مرڻ
جِيئڻ
مرڻ
جِيئڻ
مرڻ کي زندگي ٿو چئين!

هِيءَ جا
بندوق جي ناليءَ جيان
اوندآهہ سان آهي ڏٿيل
بارُود جي بُو سان ڀَريل
تنگ
لاشن سان سَٿيل آهي
اُنهيءَ کي
منهنجي گهر واري ڳلي ٿو چئين!

گهر ڦُرڻ
ساڙڻ
اُجاڙڻ
ريپ
رتوچاڻ کي تون امن ٿو چئين!
آشِتي ٿو چئين!

## هليا تہ پيار ڪريون

هليا تہ پيار ڪريون، پيار زندگي آهي
ڏِڪارَ ڏار نہ دل ۾ ڏڪارجِي نہ وجين
نہ آھہ پيار تہ جڙ رات تي وئي آهي
هليا تہ پيار ڪريون پيار زندگيءَ آهي

اُجهامندي نہ ڪڏهن پيار روشني آهي
دلين تي داغ جيان ڏس اُتارجي نہ وجين
هليا تہ پيار ڪريون پيار زندگيءَ آهي
ڏِڪارَ ڏار نہ دل ۾ ڏِڪارجي نہ وجين

## ڪورو پنو

ڪورو پَنو ڇوي ٿو
”مون تي بہ ڪجھ لِکي ڇڏ
سو نانءُ ئي لکي ڇڏ
جنهن نانءُ جي ونڻ سان
چَپ ئي ٻَري پون ٿا
دل درد ساڻ ڀرجي
ڇُلڪيو پوي اکين مان“
”جا ڇُونڊ آ سَڪين ۾
تارن ۾ چنڊُ آهي
جا ڪونج آ پکين ۾“
”جنهن کي ڏُٺي ڪنيو تو
چوٽيءَ ۾ گُل هنيو تو
اُن جو بہ ڪو تہ نالو
هوندو اُهو ڪٺي ڇڏ
ها مُهر اڄ هڻي ڇڏ!“

ڪورو پَنو ڇوي ٿو
۽ آءُ صرف مُرڪي
ڪورو پنو ائين ئي
ڪورو ڇڏي ڏيان ٿو!

## تون تہ اُهائي مارئي

تون تہ اُهائي مارئي
ٿر جي ڇائي مارُئي
مَرڪ جنهن جو ملير
پير ڪڙا ۽ هٿ ڪڙيون، زيريون ۽ زنجير
مَرڪُ جنهن جو مليرُ
تون تہ اُهائي مارُئي
ٿر جي ڇائي مارُئي
مَٿ نہ پائنج پُرٿ سين، انب، انگور، انجير
مَرڪُ جنهن جو مليرُ
تون تہ اُهائي مارُئي
ٿر جي ڇائي مارُئي
ڪيرائي وجهہ ڪوٽ ڪي، ڇا جو ڏيرُ اَڏيرُ
مَرڪُ جنهن جو مليرُ
تون تہ اُهائي مارُئي
ٿر جي ڇائي مارُئي
اڇو رکجان پاڻ کي، جهڙو اڇو کيرُ
مَرڪُ جنهن جو مليرُ
تون تہ اُهائي مارُئي
ٿر جي ڇائي مارُئي

## لفظ نہ آهن کيڏوڻا

لفظ نہ آهن کيڏوڻا
جن سان ويٺو کيڏين راند
لفظ تہ آهن تيز کهاڙا
جن سان وٺبو آهہ پلاند –
اُنهن بي ڏوهہ شهيدن جو
جن جو ڏوهہ هيو بي ڏوهي
جن کي لاکپ ۾، جيلن ۾
پهرين ماري پوءِ کُٺو ويو!

# اماس کان پوءِ

اُماس آهي تہ پوءِ ڇاهي
اُماس کان پوءِ صبح آهي

انهن اَنڌيرن پٺيان سويرا
ڪنيو اچن پِرهہ جا تہ پيرا

پکي مٿي لات ڄاڻ لنوندا
۽ سج – سواگت جا گيت چوندا

۽ مندرن منجهہ سنگ وڄندا
۽ ديولن منجهہ گهنڊ گُڙندا

۽ مسجدن ۾ اذان ايندي
۽ رات جي نيٺ مات ٿيندي

۽ هوريان هوريان ڪري پوءِ
سڄاڳ ٿيندي سڄي سرشتي

ٿليون بَرين ڇيلڙين جون وڄنديون
۽ نينگريون تن جي ڪَڏَ پڄنديون

۽ ڳاٽ سُورج مُکين جا ڪڄندا
صديون سڪيل رُوح نيٺ رَڇندا

سيِن هٿن ۾ ڪتاب هوندا
تمام چهرا گلاب هوندا

سُياڻ آ ساپيان جنين جي
اُهي اکين منجهہ خواب هوندا

اُماس آهي تہ پوءِ ڇاهي
اُماس کان پوءِ صبح آهي!

## مِٺي ٿَڃ – مِٺي رَت

مِٺي ٿَڃ – مِٺي رَت
پوءِ بہ منهنجي مُوڙهي مَت

سر تيون هليون، هيڪل هاڻ
پُوڻي پُوڻي ويهي ڳَت

اندر منجھہ جهاتي پاءِ
دئيت هٽيو ويٺو ٿئي دَت

لوئِيءَ لَڄَ بچائجانءِ
پارج پنهوارين سين پَت

مُرڪيا سين تہ لڙي پيا لڙڪ
هونئن تہ ڪائي ڳالهہ نہ ڳت

توکي دانگي ڪِيئن سڏيان
دانگيءَ تي تو اُٿلي رَت

اڳڻ اُجرو چوڏهينءَ چندُ
ٿارجي ڪٽي جيڪر يَت

تون بہ تہ پنهنجو آن امداد
تون بہ پلي ڪا گهاٽِي گهَت

## توتہ چيوهو

”مون جو پوکيو آ مِٽيءَ ۾، ٻج نڪرندو ڪونہ
باک نہ ٻَڪندي، لاڪَ نہ لڳندي، نُور نسرندو ڪونہ
توتہ چيو هو ”ڏينهن نہ ٿيندو، سجُ اُڀرندو ڪونہ!“

”ٻُلجي سُلجي آڪيري ڏي، پنڇي وَرندو ڪونہ
ماچس منهنجي مُٺ ۾ آهي، ٻارڻ ٻَرندو ڪونہ
توتہ چيو هو ”پَهڻ نہ ٻُڏندو، ڪَکُ ٻہ ترندو ڪونہ!“

”مارڳ تي بارودي سُرنگون، ماڳ ٻہ رَسندو ڪونہ
ڇِٽي ڇِلهي ڇيپاٽي ويندو، ڦيٽو گسندو ڪونہ
توتہ چيو هو ”هاٺي ڪوئي بادل وَسندو ڪونہ!“
توتہ چيو هو. . .
توتہ چيو هو. . .

## چڙهي ڏي اِنهن کي

چڙهي ڏي
اِنهن کي
اِتي ئي چڙهي ڏي
اهي مِيل – پٿر اٿئي
اِنهن تي نہ رو
اِهي لُڙڪ اُگهي کونہ سگهندا
اِنهن کي نہ ڇَو
اِهي ڪجھ نہ ڳُڇندا
نہ لُڇندا نہ پُڇندا
اِهي زخم تي ڪو ڦهو ڪونہ رکندا
اِنهن سان رُڳو
مٿو مُڇَ ٽيندو

چڙهي ڏي
انهن کي
ڏسين ڪونہ ٿو ڇا
اِنهن تي
پَکين جُون وٺيون!
اِهي بس
ائين ئي
اِتي ئي کُتل
نہ ڪو جاڳندا
نہ ڪوئي سُتل
اِهي بس اِتي
جِتي جو تِتي

چڙهي ڏي
اِنهن کي
اِتي ئي چڙهي ڏي!

## لڙڪُ جو لفظ ۾ آهي

لڙڪُ جو لفظ ۾ آهي
سو ٽشو پيپر سان
ڪو اُگهي آهہ سگهيو جو اُگهندو!

سُورُ جو سِٽَ ۾ آهي
سو سجاڻي نہ سگهيو آهي ڪو
تہ دوا ڪهڙي ڪندو!

زخم جو نظم ۾ آهي
اهو ڪنهن کي بہ نظر ڪو نہ اچي ٿو
تہ پَٽو ڇا رکندو!

# اهوئي شهر آهي

اي ڳوناٽا اهوئي شهر آهي
رڳن ۾ رتَ بدران زهر آهي

حياتي آهہ پاٽيءَ کان بہ سهنگي
هتي نازل ٽيل کو قهر آهي

سڙي سيني ۾ دانگي ٿي وئي دل
هتي هرڪو بشر بي مهر آهي

ڏکا بس جا جهلي، هُن جو پچائي
وجون گهر تي تہ چوندا ٻهر آهي

هتي ميڪ اپ پٽيان چهرو لڪل آ
۽ ڳالهائڻ متو ڪو زهر آهي

جُڳن کان جاڳندو لکندو اچين گيت
سمهي پئہ هاڻ پوبون پهر آهي!

## جيئن چَڙي جي لارَ

تن ۾ تنهنجي تارَ اِئين
جيئن چَڙي جي لارَ اِئين

تنهنجي سارَ سنڀارَ اِئين
پڪا لالَ ليارَ اِئين

ڪارا ڪارا وارَ اِئين
جئن ڪڪرن جي ڪارَ اِئين

جيئن سُڳنڌ گُلابن جي
پنهنجي پريت پچارَ اِئين

## آءُ دونهين جو بادل ڙي

تُنهنجي گهر جي چَمنيءَ مان
وَٽ سَٽ ڪائي نڪتل ڙي

آليون ڪانيون ٻاريندي
لڙڪ پِنل ڪجهه ڪاجل ڙي

تنهنجي اندر جي اُڏمن جان
اُهو بہ مون ۾ قاتل ڙي

آءُ اُجيو مون سان ٿيندي
ٿَر بَر ڪهڙي ٿاڌل ڙي

تيز هوائن ۾ ٿُڏجان
هونئن تہ ڪابہ نہ هلچل ڙي

اَٿهئي ڪان اڻ ٿانيڪو
پورَ پڇايان پاڳل ڙي

منهنجي من کي ڇا موهيندو
ڪونجن جو هي ڪَرڳَلَ ڙي

ويرم ڪان وِتڙي ويندس
منهنجي هستي ڪن پل ڙي

ڪنهن کي ڪهڙي ڇايا ڏيندس
آءُ دونهين جو بادل ڙي!

# اڻ ٽيٽي – ٽيٽي

اڻ ٽيٽي اڄ ٽي وئي ٽيٽي
منهنجي ابن ڏاڏن جي چوٽي:
"پنهنجا نيٺ بہ آهن پنهنجا
ماري اُس ۾ ڪونہ ڇڏيندا"
سَچُ هئي پر ٽي وئي ڪُوڙي
هيڪل جندڙيءَ جهڙي سنڌڙي
ماري اُس ۾ ڇڏي ڏنائون!

# انتظار

ٻاهر سُتل گهٽيءَ ۾ اڪيلو اُداس بلب

چيڙي تي هڪ ڪُتو پيو ڀؤنڪي ذري ذَري
هِن هجر جهڙي رات ۾ تنها ڪٿي ڪٿي
بيمار لاءِ ڪمري ۾ بتي پئي ٻري
ڏس ايئن نہ ٿئي جو رات ئي گذري نہ ڏينهن اچي
بيمار پاٽي پاٽي ڪري جان ڏئي ڇڏي
پٿر هٽي پڇي ڇڏي دل جي طرح ڪو بلب
گرجي اذيتن ڪان ڪُتو چيخندو رهي

سيني ۾ تنهنجي ياد جا مُرجهائجن نہ گُل
اکين ۾ انتظار جون شمعون نہ گُل ٿين

وارن ڪي ڪولي آءُ ۽ ڪو گيت ڳاءِ آءُ
گذري هوا ٿي پاڻ سنپالي هَري هَري
اي منهنجا چنڊ! ههڙي ستارن جي رات ۾
ڪُڏ تي هليا تہ پيار ڪريون جي ڀري ڀري
اوندآهہ طاق طاق تي پهرو ڀَئي ڀَئي
روشن ڪريون ڪا دل جو ڏياريءَ جي رات آهہ

اج رات جيڪو ڄِي سگهي دنيا اُنهيءَ جي آهہ
سپ زهر جيڪو پِي سگهي دنيا اُنهيءَ جي آهہ
جيڪو بہ تنهنجو ٿي سگهي دنيا انهيءَ جي آهہ

اي منهنجي جانِ! آءُ جواني بهار ڪر
هن رات جي سحر جو اچي انتظار ڪر!

## سپنا سپنا

سپنا سپنا ٽيندا آهن
ننڊ اچڻ تي ايندا آهن
ٻ مان
جُڳن کان
ڪونہ سُتو آهيان!

سپنا ها ساوڻ جا سپنا
ساوڻ من ڀانوڻ جا سپنا
سپنا سپنا ٽيندا آهن
ننڊ اچڻ تي ايندا آهن
ٻ مان
جُڳن کان
ڪونہ سُتو آهيان!

سونهري، ڪينجهر جا سپنا
سپنا ڪارونجهر جا سپنا
سپنا سپنا ٽيندا آهن
ننڊ اچڻ تي ايندا آهن
ٻ مان
جُڳن کان
ڪونہ سُتو آهيان!

سپنا، ها سُهڻي جا سپنا
سُهڻي من مُهڻي جا سپنا
سپنا سپنا ٽيندا آهن
ننڊ اچڻ تي ايندا آهن
ٻ مان
جُڳن کان
ڪونہ سُتو آهيان!

## ”رُوح رهاڻ“ جي ٽائيٽل تان

(تصوير)

منهنجي ڪمري مان ڪٽي وئي آهين
پنهنجي تصوير ڪي پِٽ تان لاهي
دل جي ديوار تي اڄ ڏينهن تائين
تنهنجي تصوير ٽنگي پئي آهي!

## موسم ٿي ڳالهائي

رنگ ۽ خوشبوءَ جي ٻوليءَ ۾
موسم ٿي ڳالهائي
آ تہ ٻُڌون
ها، آ تہ ٻڌون ڪن لائي!
ڪُو ڪُو ڪُو ڪُو ڪُوڪي ڪويل
پَل پَل پَل پَل سُر ۾ پوبل
آ تہ ٻُڌون
ها، آ تہ ٻڌون ڪَن لائي!

ڇَم ڇَم ڇَم ڇَم سهڙي سانجهي
لهر لهر لهوارو مانجهي
گيت پيو ڪو ڳائي
آ تہ ٻُڌون
ها، آ تہ ٻڌون ڪَن لائي!

مَڌُر مڌم ڪو گيت لڳي ٿو
تارو تارو ميت لڳي ٿو
ڪُونج پئي ڪُرلائي
آ تہ ٻُڌون
ها، آ تہ ٻڌون ڪَن لائي!

رنگ ۽ خوشبوءَ جي ٻوليءَ ۾
موسم ٿي ڳالهائي
آ تہ ٻُڌون
ها، آ تہ ٻڌون ڪَن لائي!

## رات

رات پني تي ڪاري مس هاريل
شاعر چنڊ جيان
ان ڪاڳر تي
ٽانڪي ويٺو
لفظ ستارن جهڙا
ننڊڙن ٻارن جهڙا
رات اونداهيءَ جو سمنڊ
ان ۾ چنڊ
ڪير ڏار جي وِچَ سير ۾
ٻيڙيءَ جان
لُڏي لمي
لمي لڏي
وقت ناڪُئو
ونجهه هٽي
پِره اُره جئن پڌرا ٿين
سورج سڙهه ڪٽي!

# اُجرا اُجرا ٻارَ

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي، اُونڌا سُونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو، گونگا ٻوڙا ٻارَ

اٽيا اٽيا وارَ انهن جا، سڙيا سڙيا ڳل
رستي رستي بيٺا هوندا، تنها تنها ٻارَ

هٿ – تريءَ جون ليڪون ڊاٿل، اکيون ڄڻ ڪشڪول
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ چوڪ چوڪ تي، رُئندا رُئندا ٻارَ

ٻاهر سارا ٿوهر ٿوهر، اندر ڪارا ڪوهه
لک پرڇائين سو سمجهائين، ڪجهه ٻه نه ڪڇندا ٻارَ

منهن رکين ۾ ڪانڊا ٽانڊا، اولاٽا سپ آڳ
ننڊ نه ايندن جاڳ نه ٿيندن، لڇندا رهندا ٻارَ

هر ڪا مُند هتي جي آهي، نسل ڪُشيءَ جي مُند
سولا سولا وڪجي ويندا، سستا سستا ٻارَ

پيءُ نه ٿيندو ماءُ ڪڏهن ڪو، ماءُ نه ٿيندي پيءُ
اڄ به نڌڻڪا عيسيٰ جهڙا، گرجا گرجا ٻارَ

ياڳ نه ڪوئي ماڳ انهن جو، واٽن جو ويراڳ
ڇورا ڇورا پنندا پنندا، رُلندا رُلندا ٻارَ

تون ته چوين ٿو تون سپنو آن، ٻار نسورو سچ
موٽر جي ڦيٿن جي هيٺان، چِٿجي ويندا ٻارَ

بند ڪتاب ٻہ گونگا ٻوڙا، انڌا سڀ اسڪول
کھڙيءَ بس تي ٻيٺا هوندا، اُجرا اُجرا ٻارَ

گونگا هوندا ٻوڙا هوندا، ٻَٽ ڏٽيءَ جا بيت
هڪٻئي کي ڪئن سمجھي سگھندا، تنهنجا منهنجا ٻارَ

## منهنجي محبوبا!

آءُ چاهيان ٿو منهنجي محبوبا
رات جي دردناڪ انڌيرن ۾
آخري بار بند در کولي
نرم هٿ کي هوا ۾ لهرائي
مون کي رخصت چوين، ته مان به وڃي
جانبازن ۽ سرفروشن سان
سرڪشن ساٿين جوانن سان
دشمنن جي صفن کي چيريندو
سر زمين وطن تان جان ڏيان
خونَ جي بُوند بُوند نذر ڪيان

تون نه رو، تون نه رو، جو تنهنجون اکيون
صبح ڏسنديون (جو مان ۽ منهنجا دوست
ٿي سگهي ٿو ڏسن، ڏسن نه ڏسن!)
غم لڪائڻ جي واسطي پياري
سرخ نازڪ چپن کي پيڙ نه تون
منهنجي گيتن کي ڪير ڳائيندو؟

ڇا تون چاهين ٿي جيڪي چاهين ٿا
تنهنجي ۽ منهنجي پيار جا دشمن
تنهنجي ۽ منهنجي ديس جا غدار
تنهنجي منهنجي وطن تي اهڙو ڏينهن
ڪنهن طرح سان اچي خدا نه ڪري!

## اي ڪويا

نُور ڪنهن جي لئہ نِچوئين ٿو پيو؟
شاعري تنهنجي اَلا پڙهندا بہ يا نہ!
سِٽ سَريءَ ۾ لُڙڪ پوئين ٿو پيو
نور ڪنهن جي لئہ نچوئين ٿو پيو!

هيئن جو غدار لوئين ٿو پيو
اي ڪويا پڙهندا، اَلا ڪڙهندا بہ يا نہ!
نور ڪنهن جي لئہ نِچوئين ٿو پيو؟
شاعري تنهنجي اَلا پڙهندا بہ يا نہ!

## ڪير هو شاهه پٽائي ؟

ڪلهه هڪ ٻالڪ پيءُ کان پڇيو:

بابا ڪير هو شاهه پٽائي؟
دهليءَ يا لکنوءَ ۾
هُڙي نالي وارو شاعر
منهنجي ڪتابن ۾ ئي ڪونهي!

سنڌ جي ريگستان ۾ ههڙي نالي وارو
شاعر پيدا ڪيئن ٿيو؟

بابا ڪير هو شاهه پٽائي؟

## تنهنجو وات گلاب

آءُ برابر مٽي آهيان
تنهنجو وات گلاب!
برابر تِڇ آهيان
تِڇ بہ ناهيان!
ڪوري ڪاڳر تي ليڪ آهيان
ليڪ بہ ناهيان!
پيو بہ الائي ڇا ڇا آهيان
آهيان بہ الائي ناهيان!
لوڙا ڇو ٿو ڦيرائين؟
جيڪا ڳالهہ چوڻ ٿو چاهين
منهنجي اکين ۾ گهوري چَوُ!

## ماحول

تمام ماحول قربتن جو گداز ٻانهون
تمام ماحول درد ئي درد جا زمانا
پري پري تاءِ ياد ئي ياد جون نگاهون
تمام عالم محبتن جا لُٽيل خزانا

صديءَ صديءَ کان گهڙي گهڙي آهه خوب پاري
تمام ماحول هجر ئي هجر جا بهانا
سڄي جهان ۾ طويل راهن جا ڄارَ پکڙيل
انهن تي آهن ازل کان سَوَ قافلا روانا

جتي ڪٿي ڊاڪٽر ۽ نرسون ۽ اسپتالون
ڪڏهن مريضن جون ڪونهه ڪُنندڙ ڊگهيون قطارون
فقير فٽ پاٿ تي سَٽيل سُڏڪندڙ صدائون
اُداس وڻ، رات ڏينهن مصروف رهگذارون

بغير مقصد جا حال احوال خبرون چارون
قدم قدم شاندار بنگلا ايئرڪنڊيشن
گهٽيءَ گهٽيءَ چونڪ چونڪ مخلوق آندي ماندي
قدم قدم جسم جسم جو اڌ اگهاڙو فيشن

هلي هلي زرد سج آخري ڇڙي هنئي
اُفق تي ڪنهن بي گناهه جو خون هارجي ويو
گلاب پنهنجي ئي اڳ ۾ پاڻ ٿا جلائن
محاز دار و رسن تي منصور مارجي ويو

قدم قدم موڙ موڙ فُل سوٽ بيش قيمت
حَسين ڪارُن جا سالِ نو جا حَسين ماڊل
رکي رکي آخري الارم ٿو مِل جو روئي

وجن پيا تيز تيز ڪجھ راهگير پيدل

روش روش تي ٻُلن جا ڳاڙها گلاب تازا
ڪلن پيا مُرڪ جا شگوفا چپن چپن ۾
نظر جي نيت سان ڇهري ڇهري جي پگهري چاندي
۽ ايلفيءَ جو گذار ماحول هٽ هٽن ۾

جوان جسمن جا عام نيلام گهر سجايل
گلاس وسڪيءَ جا ڪيبري ڊانس هال تاڙيون
ڪفن ڪان محتاج ابنِ آدم جو لاش سڙيل
۽ هاڪس بي تي هزارها زرق برق ساڙيون

مري وڃو سڀ جيڻ گناهه عظيم آهي
گناهگارن ۾ تون بہ شامل ۽ مان بہ شامل
الاءِ ڪنهن ڪنهن جو خونِ دل ٿو ٻري ڏيي ۾
الائجي ڪير ڪير آهي اسان جو قاتل!

سڄو سڄو ڏينهن مسجدن جا اُيا مُنارا
تمام گرجا گهرن ۾ مظلوم ابن مريم
سڄي سڄي رات مندرن جا چراغ تنها
۽ وڻ جي هينان جُڳن ڪنان ڏيان منجھ گوتم

تمام عالم ذليل سرگوشين جو عالم
تمام ماحول روس انگلينڊ آمريڪا
تمام ماحول هيروشيما ۽ ناگاساڪي
تمام ماحول الجزائر ۽ آفريڪا!

# اُجهي پئي آلاٽَ

سُونا سُونا ڦاسي گهاٽ
ڳهريل ڳيرُوئن جا ڳاٽَ

ڇرڪي پئي جا تنهنجي ڇير
ڇاٽ ڇٽي تارن جي ڇاٽَ

پِره ڇُميا ها تنهنجا ڇَپَ
پوئين پهر پئي هئي ماٽَ

دل ۾ روشن دک جو ديپ
ٻاهر ڪيڏي آهي ٻاٽَ

تيلي ٿي ٻاريان ٿو آءُ
اُجهي پئي آ هرڪا لاٽَ

ڳهي جتان آيو ”امداد“
ڪاريهر جي آهي واٽَ

## جيون آهي جنبُ

جيون آهي جنبُ ميان، پيهان ٿي آءُ اسر ويلي!

ڪچيءَ ماني جهڙو پاسي، تو بن چوڏهينءَ چنڊُ ميان
جيون آهي جنبُ ميان!
پيهان ٿي آءُ اسر ويلي!

پُڙ جي گُهمري ساڻ گهمي ٿو هي مانديءَ جو مُنڊ ميان
جيون آهي جنبُ ميان!
پيهان ٿي آءُ اسر ويلي!

اڻ چاهيل ڏوهن جو آهي، ڏينهن سجوئي ڏنڊ ميان
جيون آهي جنبُ ميان!
پيهان ٿي آءُ اسر ويلي!

## آءُ اجهامڻ ڄاڻان ڪونہ

سارو ڏيهہ ڏياري آهي
منهنجي رات انڌاري آهي

ڏينهن ٽيڻ جي دير آهي
ڏيهہ ڏيا تہ اجهامي ويندا
پنهنجي وٽ ۾ ڪامي ويندا
ڏيهن جو ڏاتار جڏهن
سورج اُڀ تان اُڀري ڏسندو
آءُ اجهامڻ ڄاڻان ڪونہ
وٽ وانگي ڪامڻ ڄاڻان ڪونہ

## تنهنجو هُجڻ

نہ تہ فاصلو گهڻو هو مون ۾ ۽ خودڪشي ۾
تنهنجو هجڻ، هجڻ آ، ويسآهہ زندگيءَ ۾

اڌ رات جو ڪوي ڪو، ڪوتا لکي رهيو هو
ڪيڏا سُنا لڳا پئي، اوراق روشنيءَ ۾!

هر لُڙڪ مُرڪَ ياسي، هر مُرڪَ لُڙڪ ياسي
غم ۾ لڪل خوشي آ، هر غم لڪل خوشيءَ ۾

ڄائس جتي پليس مان، نِپَنس وڏو ٿيس مان
اڄ وائڙو پريشان، اُن ڳوٺ جي ڳليءَ ۾

اڌ اُپٽيل اکين سان، تنهنجي اکيان اِئين مان
اوندآهہ مان اچي جئن، ڪو تيز روشنيءَ ۾

رت – لڙڪ – مَس سان مان، اُن لئہ لکان مان
جنهن قوم آهہ وِڪيو اِتهاس کي رَديءَ ۾!

## ڪنهن جا ڏِينهَن

اُلڪيل اُلڪيل سڀ راتيون
سُڏڪيل سُڏڪيل منهنجا ڏينهن

شهر وڃي او ڳوناٽا
ڪٿ ٿا گذرن تنهنجا ڏينهن

ڏسندي ڏسندي راتين جان
ڪئن اُلهي ويا پنهنجا ڏينهن

ڇڏ ڙي يار امداد ڪٽي
ڪهڙا ڏينهن ۽ ڪنهن جا ڏِينهَن!

## مُرڪ –اِسٽڪر

استري ڪيل چهرو
گُهنج، ڀاءُ ڪو ناهي
مُرڪ – اِسٽڪر چنبڙيل
ٻن چپن مٿان آهي!

مُرڪ –اِسٽڪر جنهن جو
رنگ ئي اُڏامي ويو
پو ٻہ اُو اُتيئي آ
ٻن چپن مٿان چنبڙيل

تو ڪڏهن اِهو سوچيو
مُرڪ –اِسٽڪر جنهن جو
رنگ ئي اُڏامي ويو
هاڻ ڪونہ ٿو موهي

تو ڪڏهن اِهو سمجهيو
مُرڪَ – اِسٽڪر آهي
ڦٽَ جي ڪَڙيءَ وانگي
هندَ هندَ تان اُکڙيل

تو ڪڏهن اِهو چاهيو
مُرڪ – اِسٽڪر هاڻي
ٻن چپن مٿان کُرڙي
ڌَسٽ ٻِن ۾ اُڇلايائين!

# سورج جاڳيو

سورج جاڳيو جيون جاڳيو
نديءَ پرسان مَڏ بن جاڳيو

پاڙي جي هڪ گهر جي ڪُڏ تي
آرس موڙي جوڀن جاڳيو

ڪنهن جهرڪيءَ جي ٽونگن ڪارڻ
ديوارن تي درپن جاڳيو

رزق حلال ڪمائڻ ڪارڻ
او ڏنوانو! نِرڌن جاڳيو

# ڏاڏيءَ جي ياد ۾

مون کي ساڳي اُها آکاڻي ٻُڌائي ڏاڏي!

جنهن ۾ هڪ راجڪُماري هُئي، هڪ راجڪمار
نانءُ سورج مُکي هو راجڪماريءَ جو ڪُمار
جنهن کي سورج تي سڏيئون، شُغل سندس شيل شڪار

ٻنهي جي وِچ ۾ هئي، ڏنڌ جي لمبي ديوار
اِنهيءَ ديوار ۾ در هو نہ دري، ڦوٽ نہ ڏار

هڪڙي ڏينهن هڪڙو هرڻ جيئن ڏٺو راجڪمار
سڳ سونا هئا جنهن جا، ۽ ڳِچيءَ ۾ ڳانو
اُن جي ڪَڍ ڏنڌ جي ديوار ٽپي ويو هن پار

مون کي ساڳي اُها آکاڻي ٻُڌائي ڏاڏِي!

جنهن ۾ هڪ ديو هُو جو سمنڊ بہ پِي ويندو هو
جنهن جي هڪ ڦوڪ سان طوفان اچي ويندو هو
ڇَهہ مَهينا جو اکيون ڦاڙي پيو جاڳندو هو
ڇهہ مهينا جو گگن تاڙي سُمهي پوندو هو
۽ اُهو ديوُ پهاڙن کي ڳِهي ويندو هو

مون کي ساڳي اُها آکاڻي ٻُڌائي ڏاڏِي!

جنهن ۾ سورج جي اڳيان ڏنڌ جي لمبي ديوار
ايئن پگهري هُئي جئن ميڻ رجي باهہ اڳيان

# هيءَ جا چَڙي لارَ

هِيءَ جا چَڙي لارَ وجي پَئي وجود ۾
سپيريان جي سارَ وساريان نہ وسري!

سپيريان جي سارَ وسرِي وسري ڪينڪي
تارُونءَ تي ترارَ ڳچي ڏاڳي ۾ ٻڌل!

## مَنَ موتي

سَر کان گهري آهہ نَدي
نديءَ کان گهرو ساگر
ساگر کان گهرو من
ساگر ۾ سِپ، سِپ ۾ موتِي، من ۾ سچي پيار
نديءَ کي آهي پريون ڪنارو من جو آر نہ پار

سَر کان گهري آهہ نَدي
نديءَ کان گهرو ساگر
ساگر کان گهرو من

موتِي هَٽ بازار وڪامي، ڪونہ وڪامي پيار
نَدي چڙهي ٿي بس ساوڻ ۾، پيار سدائين تار

سَر کان گهري آهہ نَدي
نديءَ کان گهرو ساگر
ساگر کان گهرو من

موتِي جو آ مُلهہ مهانگو اَڻمُلهہ آهي پيار
نَديءَ لُڙاٽيل، ساگر کارو، نِينهُن تہ آهہ نِبار

سَر کان گهري آهہ نَدي
نديءَ کان گهرو ساگر
ساگر کان گهرو من

## هي مان – هُو صليب

سنسان گهٽين ۾ چؤنڪ
اڪيلو آواز
گري ڪُتي – پؤنڪ

اُڻ ٽُڻ، هُرڪُر، لوچَ
پرزا پرزا ٿي پئو
سچ نہ ڄاڻي سوچَ

هي مان – هو صليب
وري ملنداسين
يا نصيب!

## سين الف ب

توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي
آءُ مصروف ٿي ويو آهيان

رات ۾ ڏينهن بس پروف ڏسڻ
سنڌ جي ڳُنڌ ڪڙڇ ڪان آيل
خط پڙهڻ ۾ وري جواب ڏيڻ
مختلف لکڻيون چڪاس ڪرڻ
هيءُ ڄاڻڻ جلڻ، جلڻ ڄاڻڻ
۾ ائين لفظ لفظ لفظ جُڙڻ
۾ وچي پوءِ هڪڙي سٽ سرجڻ
ڪو غزل، نظم يا ڪو گيت رچڻ
يا ڪهاڻي ۾ ڪوئي ليک لکڻ

آءُ مصروف ٿي ويو آهيان
توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي

بند آهي مشين ڏينهن کان
ڪو بہ سُر ڪونہ ٿو ٻُري جانان
تون بہ ناهين نہ تنهنجا ساروڻا
هانءُ ۾ نانءُ ٿو ٻُري جانان
تہ اهو نانءُ آهہ هيڊل برگ
توبہ چاهيو هيو اهوئي متان
تہ رڳو ايترو ٻڌاءِ ڇڏيان

توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي
آءُ مصروف ٿي ويو آهيان

ليٽ ”گل ڦل“ ۾ ليٽ آ ”سرتيون“
آهہ ڪنهن کي بہ ان جي ڳڻتي ڪانہ

ننڍ منهنجي ئي چو ڦتل آهي
ساري جنهن جي جوابداري آ
سو ته آرام سان سُتل آهي
ڦيٿ سان آهه جنهن چڙهي ماپي
آهه تنهن لاءِ زندگي جانان
صرف ۽ صرف پيٽ ۽ کيسو
سو ته هر پل اهوئي چاهي ٿو
جو به آهي اهو کٽي ونجي
وَجهه آهي لپو هٽي ونجي
ڪير چاڻي سُيان رهون نه رهون
هر پني تي ٽپو هٽي ونجي!

۽ انهن حالتن کي منهن ڏيندي
آءُ آفيس ڏي سوير ايندي
پوءِ گهر ڏانهن دير سان ويندي
ڪار ۾ اسڪرپٽ کي پڙهندي
ڳيو ڪائيندي، ريڊيو ٻڌندي
نيوز پيپر سرسري ڏسندي
ٽِڪ ڪري ٿو وٺان خبر ڪائي
يا حوالو ڏسي ڪتابن ۾
پيچ اُن جاءِ تي وجهي ٿو چڙيان

آءُ مصروف ٿي ويو آهيان
توکي چاڻي اهو خوشي ٿيندي

ڪا چمر چانوَ ڪانه آ سِر تي
۽ اکين منجهه لڙڪ بوند آهي
(ساگر پيل ته سکي به وڃن
شل نه سکي اک جو پاڻي!)
لان آهي سکي رهي آهي
۽ سڄي سنڌ ۾ اُتل آهي
وقت سنڌونديءَ جيان آهي

ڪيڏو تڪڙو ٻڪي رهيو آهي
مان انهيءَ وقت سان وڪاريان ٿو
توکي ساريان ٿو توکي ساريان ٿو
تون الائي ٻڌين به ٿي يا ڪين
ڪيترو ڏور کان پڪاريان ٿو

توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي
آءُ مصروف ٿي ويو آهيان

شاهه ميران ۽ طالب المولىٰ
هو گرامي، حسام ۽ سيد
هو رباني، محمد ابراهيم
۽ نبي بخش خان بلوچ اهو
۽ مبارڪ اياز شيخ اهو
ڏيپلائي، سراج، ابن حيات
اُهو شمشير حيدري شمشير
هو الانا ۽ قاسمي صاحب
شيخ، سومار، مولوي مائر
هو علي بخش ۽ هو مولا بخش
اُهو ممتاز، ڊاڪٽر بيخود
اُهو طالب، ولي محمد سو
اُهو يعقوب ماستر ميمڻ

ڪٿي آهن؟ اُهي ڪٿي آهن؟
سڏ واڪو به ڇا ٻڌن ئي نه ٿا
آءُ پو ڪنهن جي ڪنهن جي در دانهيان!

اُهي در جي مٿم کلن ئي نه ٿا
ڪڙڪِيون بند اکڙين وانگي
مان رلان پيو تڏهن به ڪنهن سانگي
آءُ مصروف ٿي ويو آهيان

## توکي ڄاڻي اهو خوشي ٿيندي

کير آ سين الف ب جو سڄڻ؟
کير آ سين الف ب جو ڏڄڻ؟
اِهو ديوار تي لکيل آهي
جي اوهان جو پڙهڻ سکيل آهي
تہ پڙهي ٿا سگهو اوهين سڀ ڪجهہ
هر اکر لفظ لفظ حرف بہ حرف
پر انهي لاءِ شرط آهي صرف
تہ اوهان کي اها نظر بہ هجي
پَسِ ديوار جي خبر بہ هجي
تہ مٿان هن طرد سحر بہ هجي!

## تہ ڪوي...

تو ڪڏهن رات کان پُڇيو آهي
تو ڪوي شام کان سحر تائين
لاٽ جان ڪيترو لُڇيو آهي
تو ڪڏهن رات کان پُڇيو آهي

يا ڪڏهن رات ئي ڪُڇيو آهي
لفظ کو ڏينهن جي خبر تائين
تو ڪڏهن رات کان پُڇيو آهي
تہ ڪوي شام کان سحر تائين

## در دريون کول

حالتن کان فرار چا جي لاءِ
سِج سُورج مکيءَ جي آڏو جهول،
هِي انڌيرن سان پيار چا جي لاءِ؟

جبر تي صبر شُڪر ڇاجي لاءِ
هَتَ هتيارَ هَتَ سَرجٽهار،
هَتَ ناهن رڳو دعا جي لاءِ

ٻُوٿ ٻُوٿاريل ڇلا چا جي لاءِ؟
ڄيَ آهي ڄِيڀِي تہ ڇل جَرڪي
سوچ آهي تہ ٻي صدا چا لاءِ

بند ڪمري ۾ واڙِيل چا لاءِ؟
ٻار ڪيڏن پيا گهٽيءَ ۾ راند،
در دَرِيون کول، ٻهر حياتِي پاءِ

## ستارا

نِما شام جو
پکي پنهنجي آکيري ڏانهن
ڍور پنهنجي وٿاڻن تي
پورهيت پنهنجي گهرن ڏانهن
واپس وريا پئي، تڏهن
ڳوٺ جي هر گهٽيءَ ۾
رڳو ڏوڙ هئي ڏوڙ هئي
جڏهن
ڏوڙ ٿورو جهڪي ٿي
تڏهن
آسمان تي
ستارن کي روشن ڪيو
ڪيترو وقت ٿيو هوا!

## ڪجھہ ڏک

او حال پڇڻ وارا
ڪجھہ ڏک اهڙا هوندا آهن
جيڪي نہ چئي سگھبا آهن
جيڪي لکي نہ سگھبا آهن
اُهي تہ زبان جي چوٽيءَ سان
زهر جي ذائقي وانگر
بس رڳو چکي سگھبا آهن!

## وِهُ وهاڻيل مُرڪ
(حفيظ شيخ جي ياد ۾)

مُرڪيو ٿو مُرڪين، ٽيبل ٽاپ گلاسَ مان،
وَٽيون وهُ گاڏيون، سُرڪيو پيو سُرڪين،
لُوڙ ٻُرڪيو ٻُرڪِين، چِيريل چِچريل چَمَ ۾.

اندر مان احساس، اُڀريو اُلريو وِيرَ جان،
ٽوڙي ٽاپ گلاس، نڪري ايندين اوچتو.

مِٽيءَ منجھ ملي وِيا، مُڪڙا مُڪِڙيءَ جِيئَن،
ڪوماڻا سي ڪِيئَن، ڦوٽهڙي جي مُندَ ۾.

هيءَ جا حفيظ شيخ جي، وِهُ وِهاڻيل مُرڪَ،
سُرڪيام سُرڪَ، سُرڪَ، ڦهليو زهر وجود ۾.

## جاڳيو انگَ اُمنگُ

سارو لوڪ ڪُسَنگُ
نينهن نِپَٽ نِسَنگُ

سُتو سارو لوڪ
جاڳيو اَنگ اُمنگُ

آسمان هو صاف
اڪڙين ۾ آڙنگُ

آءُ هوا آڌارا
ڳَتيل ڄڻ تہ پتنگ

ڪير؟ اُهو امداد!
ارڏو ۽ اڙٻنگُ

ندي ڪنڌين ۾ بند
دل جو ڪونهي دنگُ

اڄ بہ اُهوئي آءُ
روپ نہ رنگ نہ ڍنگ

چورائي ڪو پَل
چوريندا سين چنگُ

پَٽُ پٽيهر آهہ
ساڙيان سيجَ پلنگُ

## دل جي رهجي ويئي دل ۾

ورهن کان پوءِ يار مليا ها
ڪائي پي هُو خوب کِليا ها
رنگين اُنهيءَ محفل ۾
جيڪا سانڍيائون تي دل ۾
سا ڳالهہ چپن تي آندائون
مون وٽ اهڙي ڳالهہ نہ ڳت هئي
منهنجي اهڙي مُوڙهي مَت هئي
ڏنوانن جي اُن محفل ۾
دل جي رهجي ويئي دل ۾!

## اِها باهه

توکي اسان جي جيئڻ تي اعتراض آهي
۽ اسان کي تنهنجي مرڻ تي
ائين پنهنجي باهه ۾ ٻرڻ تي
جنهن کي وڏ ڦڙو ٻه نه ٿو وسائي سگهي
ڇو ته اها ٻيلي جي باهه ناهه
جيڪا تيز هوائن ۾
ڏارن گسڻ سان لڳندي آهه
اِها ته جوالا واري ٻه باهه ناهه
اِها ته چُلهه ٻرندڙ ٻه نآهه باهه
جنهن تي ممتا ماني پچائيندي آهه
۽ ڇوڏاري ويٺل اڌ اُگهاڙن ٻارڙن جا
چهرا تپي لال گلال ٿي ويندا آهن!
اِها ته ڪروڌ جي باهه آهه
جنهن ۾ رڳي ڄَر هوندي آهه
ڄَر، جا ڄيرو ڄراتي ڇڏيندي آهه
جنهن ۾ نه دونهون هوندو آهه
نه ئي روشني
ها روشني
جيڪا ڪنهن پتڪيل، ٿڪل ٽُٽل
اجايل، ٻُڪايل مسافر کي
پري کان ڏيکاري ڏيندي آهه
پاڻ ڏانهن سَڏيندي آهه!

# يارو!

ڪجھ نہ ڪجھ، ڪجھ نہ ڪجھ ڳريو يارو
هڪ ٽڏو ساهہ ٿي ٻَريون يارو

سارجي ڇا؟ وسارجي ڇا ڇا
جام آهي نہ جَل ڀَريون يارو

ڪٿ نہ "امداد" سنڌ جي نالي
ڪوڙيون ٿي وبون ڪريون يارو

سونُ ميڙيو ۽ ڪنهن ڪنئي چاندي
مون ڪنيون برھ جون ٻَريون يارو

پل تہ واڌي هجي منافق ڪي
پاڻ ٿي ڍِير ٿا ڍَريون يارو

هن سنئين لوڪ ڪان سياڻيون سي
ڇاھہ جيڪي ڪيون ڇَريون يارو

# مرڻي ناهي سنڌ

سوچون، اُڌما، اوڻَ،
ڳهريل هي جي ڳوڻڙا
جاڳندا ٻه يا ڪونہ!

مانَ پسانَ پرِيات،
عمر وجي ٿي گذرندي
ڪانہ ڪُٽي ٿي رات!

ڪچيءَ تند جئن جند
مرنداسين تون آءُ ٻئي
مرڻي ناهي سنڌ!

## مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي

مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي!
مون هن کان اڳ بہ توتي توجهڙو سُندر نظم لکيو آهي
هن کان اڳ بہ تنهنجي ڪن ۾ مون سُرباٽ ڪيو آهي
هڪ ئي ڪٽ تان چوٽ چڙهيل چوڏهينءَ جو چنڊ پَسيو آهي
ٻورايل رُت ۾ پَٽ جي پينگهہ لُڏي آهي تو مون
ساوڻ رُت ۾ رُنو ڪليو آهي
هِن کان اڳ بہ لوڪ سڄي ۾ تنهنجو منهنجو نانءُ هُليو آهي
مانسرور کان بہ پريان کان پنهنجو نينهن هَليو آهي
اسان تہ هڪٻئي جي اوگھڙ ڪي ولين وانگر ويڙهيو آهي
اسان تہ هڪٻئي کي سازن وانگر ڇيڙيو آهي
رنگ رُتن کي
دريائن کي نانءُ ڏنو آهي
هن کان اڳ بہ تنهنجي ڳل تي لڙڪ ڏسي
منهنجو هانءُ ڀِنو آهي
هن کان اڳ بہ
لاباري ۾ مون ڏي ڏسندي تنهنجو هَٿُ وڌيو آهي
ڦِر ڦِر تي ڦِري هوندي انگ سان انگ مليو آهي
هن کان اڳ بہ
مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي!
مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي!

## مون ۾ لاٽَ

مون ۾ لاٽَ
ڪاٽي رات سڙي سڙي
اونداهيءَ سان لڙي لڙي!

مون ۾ مورَ
ٽوڙي ماٺ رڙي رڙي
سناٽي سان لڙي لڙي!

## چوٽ کاڌل آهيان

آهيان ها آهيان ها آءُ پاڳل آهيان
چاهه ۾ ڪنهن جي ادا ڙي چوٽ کاڌل آهيان

گُل هيو پٿر هيو گولي هئي، طعنو هيو
ڪجھ نہ ٿو ڄاڻان سوا ان جي تہ گھايل آهيان

ٿر مٿان ۽ بر مٿان ترسان نہ ٿو برسان نہ ٿو
سمنڊ کان وڇڙيل پياسو رول بادل آهيان

رنگ پوپٽ جي پرن جو ٿي ترِين تي رهندس آءُ
دوستو ڇا ٿي پيو جو گذرندڙ پل آهيان

ڪالھ تائين ستَ سڱ جنهن سان هئا "امداد" يار
اڄ اُنهي جي لاءِ بس ڄاتل سڃاتل آهيان

# پنڊي

هيءُ جستي وٽو ڦري توکان
آرزو جا نوان گلاب ڏئي
جي ڪڏهن ڪونہ ٿي سگهن پورا
تنهنجي اکڙين کي اهڙا خواب ڏئي
دل چئي ٿي تہ ماٺ ماٺ ڪري
تنهنجي هٿ ۾ ٿلها ڪتاب ڏئي
توکي ڪاليج موڪلي چڏيان!

# سنگسار

بي ريت
بي رواج
هيءُ سماج
ڪٺور
بي احساس
انسان (حيوان! پر نہ حيوان ڪان بہ ڪِريل)
انهيءَ بي ريت، بي رسم، بي رواج
سماج جو ٺيڪيدار
رات جي انڌيري ۾
پنهنجي پاپ جي ڳنڍڙي
گند جي ڍير تي اُڇلي
پٽڙ ميڙڻ هليو ويو

۽ جڏهن
صبح جو سج اُڀريو
تڏهن
اُن ڏٺو
گندگيءَ جي ڍير تي
تازو ڄاول ٻار
آڱوٺو چوسيندڙ
هونگڙيون ڏيندڙ
جنهن جي ڪن ۾
نہ ڪنهن ٻانگ ڏني
نہ ڳل تي ٻَپي

پوءِ
ماڪوڙن ۽ مکين وانگر
ماڻهو مڙيا

ڪير جي بوتل بدران
هٿن ۾ پٿر ڪڻي

پهريون پٿر
پاپ جي ٺيڪيدار هنيو
پوءِ پٿرن جو مينهن وسڻ لڳو
۽ ڪوبہ نہ هو انهن ڪچندڙ هٿن کي روڪڻ وارو
۽ انهيءَ چوڻ وارو تہ
"پهريون پٿر اهو هڻي
جنهن ڪڏهن ڪو گناهہ نہ ڪيو هجي!"

ها، ڪوبہ نہ هو
هجي بہ ها
تہ ماڻهوءَ پاڻ کي پاڪباز ثابت ڪرڻ لاءِ
پهرين ڪيس ئي سنگسار ڪن ها!

۽ اخبارون
ڪوڙ ڪتائون
ڇپجنديون رهيون
تہ ڪنهن ڪارو حاشيو هنيو
تہ ڪنهن ايڊيٽوريل لکيو!

۽ رستن تي
ٽريفڪ جو سيلاب ائين وهندو رهيو
۽ ڏينهن جي نُور
شهر جي ماڻهن جي
ٻُوٿ تي ڪارنهن ملي ڇڏي هئي!

# هانءُ پڳو چڻ

آهي معنا، جيون ڪي ڪا
تو ساڻ ملڻ ڪان پوءِ لڳو

سيني ۾ ڪو آواز ٿيو
هانءُ پڳو، چڻ ڪو ٿانءُ پڳو

تيسين تائين جُليو سائين
جيسين سوريندو سِڪَ سَڳو

وِڪجي سِڪجي ويندي ڪُسجي
سنڌڙي ناهي ڪو ڍورُ ڍڳو

رُت ۾ اهڙو رنگ رچي ويو
پِريَن پَهريو جهڙو بہ وڳو

# سدوريون اکڙيون

تنهنجون معصوم سياڳيون ۽ سدوريون اکڙيون
مان وسارڻ به جي چاهيان ته وساري نه سگهان
انهن اکڙين ۾ ڏسي پوءِ ٻين اکڙين ڏي
مان نهارڻ به جي چاهيان ته نهاري نه سگهان

ري ڪجل ڪاريون پياريون ۽ سَباجهيون اکڙيون
جنهن کي چاهين حياتي به اُنهن سان ڪري پيار
جنهن کي لوڏِين اُنهن کان ته وڃي موت به وَڙن
زندگي ٻڄي وڃي دوزخي تلوار جي ڌارَ

مست اربيليون الهڙ شوخ ۽ روشن اکڙيون
ڇڻ ته هرڻيون پيون ڪنهن خوف کان ڇِرڪن ۽ ٿهن
ڇڻ ته مندر جي مٿئين طاق تي ڪنهن پُوڄارڻ
عودَ لوبان جي خوشبو جا ڏِيا ٻاريا هجن

تنهنجي اکڙين مان پيئڻ تي ته نه ڪا روڪ نه ٽوڪ
ورنه هت زهر پيئڻ لئه به سِڪن ٿا ماڻهو
منهنجي محبوب! حياتي ته حياتي آهي
هن زماني ۾ مرڻ لئه به سِڪن ٿا ماڻهو

# تون ملڻ چاهين تہ

هونءَ تہ وِک وِک ڇَپ هنيو وينا اٿئي ڪُتڪا سوين
تون ملڻ چاهين تہ آهن رات جا رستا سوين

پيار ئي هڪ لفظ آهي پهريون ۽ آخري
هونءَ سُڻڻ چاهين تہ آهن لفظ بي معنيٰ سوين

سوچ جو سورج تہ هر ديوار اورانگهي چڙهيو
هونءَ تہ هن سنسار ليکي پيار تي پهرا سوين

رات منهنجي ڪيئن ٿي ڪٽجي،اِها ڪنهن کي خبر
آس جا آٿتَ هزارين، درد جا دڙڪا سوين

# پٿر تي شيشو اُڇلايو

وجي پيو سڀ ڪجھ ٽڪرايو
ٽوٽي روح ڏنو جو رايو

چُپ چُپ نہ رهو ڪجھ ڳالهايو
پٿر تي شيشو اُڇلايو

ڳالهائڻ لئہ جي ڪجھ ڪونهي
ورجايل ڳالهيون ورجايو

منهنجو ڪوئي گھر ڪونهي ڪو
مون کي هُن جي گھر پهچايو

جيڪو ٽيڙو هو سو ٽي ويو
هاڻ اوهين ڇا ٽا سمجھايو

چوڏهينءَ جي چانڊوڪي آهي
راڳو ڳايو راڳو ڳايو

پنهنجي حالت تي ڪِل آئي
رئڻ گھريم پر رئڻ نہ آيو

سنڌيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي
لايو ٽيندو آهہ سجايو

ديپ جلايو ديپ جلايو
اوندآهہ منجهان جان ڇڏايو

دل جي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي هئي
ڪير آيو ڇا ڪير نہ آيو

هي رستو ساڳيو رستو آهي
جنهن تان ڪالهہ موڪلايو

امداد بہ ڪو ماڻهو آهي
ڪنهن هي آهي هُلُ هُلايو!

رَتُ سمورو روئي ڇڏيو
هڪڙي هڪڙي بُوند بچايو

روشنين ۾ پنهنجو پاڇو
ڏاڍو ڳوليم هَٿُ نہ آيو

ڪير ملهائي يا نہ ملهائي
ڌرتيءَ پنهنجو پاڻ ملهايو

هونئن بہ واندا ڪونہ هئاسين
اڄ ڪجهہ آهي سُور سوايو

سيڪجهہ سستو ڏئي اسان ٻن
پيارو پيارو پُور پِرايو

ڪوي چئي ويا ڪوتائن ۾
عشق بنان سڀ آهہ اجايو

## پَلِ پَلِ پَنَ ڇَڻِ

لوڪُ سمورو نِٿَهَڻ جهڙو
پَل پَل پن ڇَڻ جهڙو
ماڻُهو ماڻهو هَڻ ڪَڻ جهڙو

من موتي، جَڳ پٿر آهي،
ڏيهُ نہ آهي ڏونگر آهي
جندڙي وِهُ جو ساگر آهي

ڏاهپَ آهي ڏوهُ اُهوئي
لِڳ لِڳ آهي لوهُ اُهوئي
مايا ڇايا موهُ اُهوئِي

# مُڪڙو هُن جو

مُڪڙو هُن جو نيل ڪمل هو
سانگيءَ جو سو چڻ تہ غزل هو
سارو سونو تن هو هُن جو
مکڻ جهڙو من هو هُن جو
هونئن تہ سڄي سَچي هئي
پر ڳنن جي ڳَچي هئي
سونا ڏُر ٿي جن ۾ ڏَمڪيا
هيرا موتي تن ۾ چَمڪيا
ڪِئن ٿي سُونهيا پاپڙين ۾
ڪام اُڏمي ڪاپڙين ۾!

# بغداد – تهران

هڪڙي اک ايران آ، ٻي ٻي اک عراق
ٻئي اُجهائڻ تي گهري، اولهہ جو فراق

هُو جي منهنجو جسم آ، هِي آ منهنجي جان
ٻمُ ڪريو بغداد تي، رتو رت تهران

ارجنٽائن ۽ چِلي، گرنيڊا، لبنان
انسانن جي ئي هٿان، ڪُسجي پيو انسان

گهٽيون لاشن سان سَٿيل، شهر ٿيا شمشان
ٻم گولي بارُود جو، ڪهڙو دين ايمان!

# ترياق

اي صبا!
ديس وارن کي ڏِجئين منهنجا سلام
وڏا پاڪر وجهي ۽ عرض ڪجئين منهنجا نياز
۽ اِهو پيار مان پيغام ڏجئين
تہ متان ٿين ملُور
تہ متان ٿين اُداس
دل نہ لاهين ڪڏهن
نہ ڪي ڳوڙها ڳاڙين
نہ گريبان ئي ڦاڙين
مَ ڪي رُونِ رڙن
اِهو چئجين تہ بس جاڻ تي زنجير ٽُٽي
درِ زندان ٿو کُلي
جاڻ تي هِير گهُلي
جاڻ تي باک ڦٽي
۽ ٿئي سُرهاڻ سجاڳ
جاڻ تي رات کُٽي
رنگ جو مُرڪي ٿو سُهاڳ
مسڪرائيندو سحر جهومندو ۽ ڳائيندو اچي
جنهن جي پيشانيءَ مٿي
سجَ جو جهومر پيو جهرڪاٽ ڪري

اِهو چئجين تہ هِن مقدس جي سواگت خاطر
راج ۽ پاڳ ڏجاٽيون ۽ ڏٽي
هار گلابن جا ڪٽي
شاهي رستن تي اچي جمع ٿين
ڳيت ڳائين، نچن
جو تہ هي صبح درخشان ۽ حسين
پنهنجي دلدار اُميدن جو اثر ئي آهي

پنهنجي محبوب تمنا جي نئين ڪنوار جو سهڻو سپنو
سرفروشن جي شهادت جو ثمر ئي آهي
جان نثاريءَ جو پيارو تحفو
حاصلِ خونِ جگر ئي آهي!

# آئون ڪهڙي پارَ وڃان

چنگ چڙن چونگارَ وو يارَ
پارَ اپارَ
آئون ڪهڙي پارَ وڃان؟

مون ورنائي، مون ورنائي
لهرين جي للڪارَ وو يارَ
پارَ اپارَ
آئون ڪهڙي پارَ وڃان؟

موج پريو مهراڻ اڳيئي،
مٿان ميگهه ملارَ وو يارَ
پارَ اپارَ
آئون ڪهڙي پارَ وڃان؟

وچ سِير ۾ هڪ ٿي ويئڙا،
اوريان پريان پارَ وو يارَ
پارَ اپارَ
آئون ڪهڙي پارَ وڃان؟

# چنڊ آهي جيل ۾

جيلَ جي سِيخن منجهاران چنڊُ مون کي ايئن لڳو
جڻ تہ مان آزاد آهيان، چنڊ آهي جيل ۾
يادگيريون ايئن مخالف ڏِس وڃن ٿيون ڊوڙنديون
جڻ تہ مان ويٺل هجان ڳڙکيءَ پران ڪنهن ريلَ ۾

## هِي فقيرن جا هجوم

هِي فقيرن جا هجوم
هِي نياڳن نامرادن جا هجوم
بي ضميرن جا هجوم
هي ٻُکيا نانگا اُگهاڙا بدفضيلت بي ضمير
پيٽ جي تاريڪ زندان جا اَسير
بخت جهڙي ٺي سيہ ڪشڪول ۾ مانيءَ جا پور
سآهہ ڪان سوگها جهلي
ڪهڙي بيدرديءَ سان گنديون آڱريون
هاءِ ڦيرائن پيا صاحب جي صوفا سيٽ تي
ڪئن نہ پاٿولي وجهي ويهندا وڃن
ڪير جهڙي فرش تي
جڻ پٺهن جو راڄ آ
ڪئن نہ هٽندا ٿا وڃن
هٿ جي ڏڄ سان
چمڪندڙ ايراني قالين تي ٿاڦورن جا زخم

ڪئن نہ چاتيءَ ۾ پئي ڏَنوڙي ڏَنوين
جڻ تہ ڪي گرِيَلَ ڪُتا سهڪن پيا

اشرف المخلوقات جي هستيءَ تي طنز
چنڊ وانگي چمڪندڙ ڌرتيءَ تي داغ
زندگيءَ جي مرمرين ٻانهن تي بار
سائنس جي عهدِ زرين تي مسلسل زهرِ خند
۽ ترقي يافتا
انسان جي تهذيب ۽ تمدن جي جگر تي گهري چوٽ

هِي فقيرن جا هجوم

گدلا گدلا جسم، بي ڊَولا بدن
جن کي ڏسندي ئي اُڀڙڪا ٿا اچن
موت جي گر ههڙي جسمن تي نظر پئجي وڃي
(سچ تہ ميري ٿي وڃي
۽ انهيءَ ميري نظر کي ڪوثر ۽ تسنيم
ڪئن ڌوئي سگهن!)
ٽُڪ هٽي ههڙن جي مُنهن تي
ها وڃي اڳتي وڌي!

# مايا ڇايا ڇل

پٽيان نهارڻ پاپ
پيڙا جي پٽَ تي
هلندو هل چپ چاپ

رڏي نہ آهي ٻوڙَ
مانيءَ بدران
سَڪٽا ماٽا ڪوڙَ

مايا ڇايا ڇَلُ
جو ڪجھ آهي، آهي
هاٺو ڪو هي پَلُ

## ”هريڪانت“ جي نانءُ

ٻيو ته ڪجهه ڪونه اٿم، لڙڪ اٿم، لفظ اٿم
هڪ ترائيل لکي نانءُ سندءِ تو ڪريان
تو ڪريان لڙڪ اُهو لفظ ”هريڪانت“ رقم
ٻيو ته ڪجهه ڪونه اٿم، لڙڪ اٿم، لفظ اٿم

ٻوڙيان ڇو نه ڀلا خونِ جگر منجهه قلم
سِڌَ جي سينڌ ۾ بس رنگ اُهوئي ڀريان
ٻيو ته ڪجهه ڪونه اٿم، لڙڪ اٿم، لفظ اٿم
هڪ ترائيل لکي نانءُ سندءِ تو ڪريان

## هاءِ لکان ڪٿان سِٽَا

تون بہ وِڪَ وڏاءِ رک، مُور مَ تيءَ ملُور
مارڳ ڪان شہ رڳَ ڪان، ماڳ نہ آهي ڏُور

هاءِ الائي ڪهڙي آهي، هوا گُهلي ڙي هيلَ
مون ڪي ٿي ڏاڙيلُ چون ٿا، ڌرتيءَ جا ڏاڙيلَ

ڏسون تہ ڪيئن نٿو لهي، ذهن ذهن تان زنگُ
اَڄُ وري امداد جي، آهہ چپن تي چنگُ

جاڳيل اوجاڳيل اکڙين ۾، هڪڙو رنگين خوابُ
تنهنجي هٿ ۾ ڪتاب منهنجو، اُن ۾ سرخ گلابُ

مري ويا، ڪي جيل ۾، منهنجا مارُو مِٽَ
اکر بہ اُڪلي ڪِينَ ٿو، هاءِ لکان ڪٿان سِٽَ

## سُر سَرجيوم

ڪو جو پُور پيوم
ٽيڙو رات رچيوم

هِي جو آهيان آءُ
اُن جو ڏس ڏيوم

توين او من ميت
هِي جو سُر سَرجيوم

ڇاڇا نہ ڇيو لوڪ
ڪنهن کي ڪجهہ نہ چيوم

پِت ڪي ناهي وات
اُن سببن سُور سليوم

هليو هٿن مان هانءُ
وَسُ نہ ڪو بہ هليوم

## اولاڻيو

اڄ ٻہ تنهنجي اکين جو اولاڻيو
ڪانءُ ڪُڪ ۾ ڪُتو پيو آهي
اَڏُ اونداهہ هيڪلو ڪمرو
(هٿ ٻہ توکي لڳاءِ ڪونہ سگهيس)
سُور من ۾ سُتو پيو آهي

شيلف ۾ جئن هجن ڪتاب سُتل
۽ انهن ۾ هجن گلاب سُتل

جيڪڏهن تون ڪڏهن ڪتاب ڪڍين
۽ اُنهيءَ جو اُهو پَنو کولين
مان جَنهين ۾ گلاب جان آهيان

جو ڪڏهن رنگ هو بهارُن جو
هاڻ خوشبوءِ جو ڪفن پائي
خامشيءَ سان سُتو پيو آهي!

## ايتروئي ڪوڙ آهي– 1

اڄ رڳو ايترو ئي ڪوڙ آهي
ته سندس مُک بغير ميڪ اَپ جي
ڏيان ۾ آڻجي ۽ گيان ڪجي
۽ اِهو ڄاڻجي ته هوءَ آهي
روشنيءَ جيئن روبرو منهنجي
۽ سندس دل ڪان منهنجي دل تائين
نور جي نئن روان دوان آهي!

## هليا ٽي هِڪَ مِڪَ!

سڄڻ سيني ۾ ساماٽي سِڪَ،
هاٽي لوڪان ڪجي ڪهڙي لالڻ لِڪَ!

پُڪي تنهنجي پيس، اَلا جيس جيس،
تنهنجي نانءُ ٽيس، ٽانيڪي ٽيس،
هيڪل هانءُ هُيس، جوڙ سجوڙ ٽيس،
تو ڏي ڏسندي رهيس، ڪٽي نيڻ يَڪ ٽِڪَ

منهنجو تون ئي ڪڪر، ڇپر ڇانءُ ڇمر،
ديوار ۽ در، منهنجو تون ئي گهر،
منهنجو سفر سمر، ماڳ ۽ راهگذر،
پيو پيار پڌر، اهڙي پيارئہ پِڪَ.

توسين روح رلي، من قول ڪِلي،
بن مور نچي، وري ڊيل ٽِلي،
امداد ڪي ڪا، امداد مِلي،
آهيان تنهنجي بِلي، هليا ٽي هِڪَ مِڪَ.

# <u>تون جي آهين</u>

تون جي آهين آنءُ بہ آهيان
تون جي ناهين آنءُ بہ ناهيان

توبن اهڙو جڙ وڻ آهيان
ٻُور بہ ناهيان ڇانءُ بہ ناهيان

تنهنجا ڇَپَ چُمڻ ٿو چاهيان
اهڙو ڪهڙو نانءُ بہ ناهيان

توسان ڪهڙو سينو ساهيان
ذات بہ ناهيان ذانءُ بہ ناهيان

## هوءَ

هُوءَ الائي ڪهڙي هوندي
اُهڙي هوندي
اهڙي هوندي
چانڊوڪي ۾ وهنتل سهنتل نيل ڪمل جهڙي هوندي
”سانگيءَ“ جي تہ غزل جهڙي هوندي
جهڙي ”پٽ ڏٽيءَ“ جي وائي
تهڙي هوندي!
سانجهي هُن جي گهاٽن پنپن ڪارن وارن سان ئي
سَهِڙي هوندي!

هُن جي چهري مان ئي سج طلوع ٿيو هوندو
ڏيهہ سڄي تي ڏينهن شروع ٿيو هوندو
هُن جي ٻُل مان گُلَ ٽِڙيا هوندا
بُلبُل ٻوليو هوندو ڀَونر مڙيا هوندا
رياض ڪندڙ ڪنهن راڳيءَ ويراڳيءَ جا ساز ڇڙيا هوندا

چندن چِڪَ ڪيل
چوٽا تيل چنبيليا هُن جو ويڙهيا هوندا
هيڪارن جا هُلَ ٿيا هوندا
ڏاڍا شونق سغلَ ٿيا هوندا
ٻانگي ٻانگ ڏني هوندي مسجد ۾
مندر ۾ سنکَ وڳا هوندا
گرجا ۾ گهنڊ لڳا هوندا

هوءِ الائي ڪهڙي هوندي!
اُهڙي هوندي
اَهڙي هوندي
هوءَ الائي ڪهڙي هوندي!

# دينُ دنيا نہ ملي

تون ڏسين يا نہ ڏسين آءُ ڏسان يا نہ ڏسان
لوڪ سارو تہ ڏسي ٿو پيو توکي مون کي

دينُ دنيا نہ ملي، ذات نہ ڪو ڏانءُ مليو
عشق ئي عشق وِديعت ٿِيو توکي مون کي

رات آئي تہ ستارا ٿي وياسين ٻيئي
ڏينهن سج وانگي اُجاگر ڪِيو توکي مون کي

گهور گهنگهور گهٽائون ۽ هوائون پاڳل
رات اُماوس جي تِريءَ تي ڏِيو توکي مونکي

ڦريون ڦيرو ملڻ ڦريون ڦيرو نہ لڳو
ڇو الائي تہ ائين ڀاسِيو توکي مون کي

پوءِ سوري هجي يا سيج هجي اي امداد
نينهن جيڏانهن بہ چاهيو نِيو توکي مون کي

## تنهنجي آڏو

تنهنجي آڏو ڪڏهن ڪُڇي سگهندي!
ڇا ڪڏهن دل زبان تي سگهندي!
ڪانہ ٿيندي تہ ڪيئن جي سگهندي!

## ايتروئي ڪوڙ آهي– 2

اڄ رڳو ايترو ئي ڪوڙ آهي
تہ سڄڻ جوڙ ۽ سجوڙ آهي
چوڏهينءَ چنڊ چوٽ تي آهي
۽ سندس ڪنڌ جوٽ تي آهي
پَلَ جي لاءِ ئي سهي ليڪن
اهو منظر مگر سچائي آ
بس اهائي گهڙي سجائي آ
ٻي تہ هر سوچ لوچ اجائي آ

## اُپ تي بادل

اُپ تي بادل
بادل ۾ بُوندون
بُوندن ۾ پاڻي
پاڻي نَديءَ ۾
نَديءَ ۾ ٻيڙي
ٻيڙي ۾ تون مان!

تارِ نَدِيءَ ۾ پيار ئي تاري
پار نَدِيءَ جي پيار ئي اُڪاري
پار نديءَ جي
لَونگن جو ٻُوٽو
لَونگن ۾ خُوشبو
خوشبو هوا ۾
هوا ۾ بادل – بادل ۾ بُوندون.

لهر لهر مان پيار پُڪاري
نيڻن مان ٿو نِينهن نِهاري
پار نديءَ جي
مينديءَ جو ٻُوٽو
ميندي ۾ خوشبو
خوشبو هوا ۾
هوا ۾ بادل – بادل ۾ بُوندون. . .

## دل چيو

تنهنجي اکين تي شعر چوڻ لاءِ دل چيو
روڪيو گهڻو دماغ مگر هاءِ دل چيو

محفل ۾ جي چيم تہ انهن کي غزل چيم
ڪٺ ڍنڍ جي ڏنم تہ انهن کي ڪنول چيم

تنهنجي اکين تي شعر چوڻ لاءِ دل چيو
روڪيو گهڻو دماغ مگر هاءِ دل چيو

محراب منهن تي جڙ تہ بہ ڏيئا ٻرن ٿا
ڪينجهر ۾ جڙ تہ هنجُ ۽ هنجڻي ترن پيا

تنهنجي اکين تي شعر چوڻ لاءِ دل چيو
روڪيو گهڻو دماغ مگر هاءِ دل چيو

# ليڪُ لِڪيم جو

تنهنجي ليڪي ليڪ لڪيم جو، تَنهن ليڪ امرتا پاتي
بُوند بُوند تي لهر جُڙي جا، سا سِٽ سنڌوءَ جي ڌارا
تنهنجا ڳُڻ ڳاتاسين سنڌڙي، تي وئي سَڦل حياتي
تنهنجي ليڪي ليڪ لڪيم جو، تَنهن ليڪ امرتا پاتِي

تنهنجي پاڪ پوتر ڌرتي، مون سُرهي سر ۾ ڳاتي
لفظ لَڙي جڻ لُڙڪ لَڙي هئي، سُر تي ويا سُڌڪا سارا
تنهنجي ليڪي ليڪ لڪيم جو، تَنهن ليڪ اَمرتا پاتِي
بُوند بُوند تي لهرَ جُڙي جا، سا سٽ امرت ڌارا!

## اي وطن!

چنڊ چمڪن پيا تنهنجي پيشانين تي
تنهنجي وارن ۾ جهرمر ستارا ٿا جهرڪن
تنهنجي ڳاڙهن ڳلن تي شفق آهه رقصارن
تنهنجي جهومڻ سان رنگين بهارون ٿيون جهومن

اي وطن اي وطن توتان قربان تن من

تنهنجي ٻانهن ۾ جهومي پئي زندگاني
پيش آهن خلوص ۽ وفا جا ترانا
تنهنجو هر ڪيت چانڊوڪين ۾ ٿو وهنجي
توئي بخشيا اسان کي خوشيءَ جا خزانا

اي وطن اي وطن توتان قربان تن من

تنهنجون پُرنور گهٽيون سِڌيون سينڌ وانگي
تنهنجا ميدان سورهين جا سينا وڇايل
سِجُ سجدا ڪري، چنڊ توکي چُمي ٿو
تنهنجي ساهن جي سُرهاڻ چاتَلَ سُجاتَلَ

اي وطن اي وطن توتان قربان تن من

# پنڌ

جيڪڏهن آهه تہ بس آهه اهوئي پنڌ
سنڌ جي لاءِ مرڻ
سنڌ جي لاءِ جيئڻ
ٻيا تہ سمورا ٻنڌڻ
مون ڪڏهن ڪونہ قبوليا آهن
سَڀُ فرمانَ ٺُڪرائي تي چاڙهي
مون وڏي واڪ سيئي حڪم عدُوليا آهن!

## دوستي ۽ پرديسي

اسان جي لئه نه پڪيڙي ڪو مرمرين ٻانهون
اسان جي لاءِ نه ڪو دل کي بيقرار ڪري
نه فرشِ رآهه ڪري ڪو حسين حسين اکڙيون
اسان کي ڪوبه نه چاهي نه ڪوبه پيار ڪري

خدا جو سُنهن ته ندامت جا چند لڙڪ آهن
اسان جي دامن صد چاڪ ۾ رکيو ڇاهي
وره ڏيا ته هتان ڪوبه ميندڙو نه مَٽيو
اکين جي خاڪ ڏيل ڪاڪ ۾ رکيو ڇاهي

اسين ته پنهنجي حياتيءَ جي ديس ۾ آهيون
اي دوستو! بخدا اجنبي ۽ پرديسي
اکين ۾ ڪنهن کي وِهاريون ۽ ڪنهن جا وار چُمون
نهي سگهن ٿا ڪٿي دوستي ۽ پرديسي

## نديءَ پار

اڄ رات بہ تنها گذري
ايئن لڳو ڄڻ جندڙي
جا گذري رسوا گذري
تارن جي ميڙاڪي ۾
آءُ اڪيلي چنڊَ جيان
مَس جو سمنڊُ جهاڳيان ٿو
اهڙيءَ مَس جو سمنڊ
جنهن سان ڪوئي نظم بہ نٿو لکي سگهجي!

## روشني ڪريون

ها، چوڪِري ڪريون نہ ڪريون، نوڪري ڪريون
دل جي ڪريون، دماغ جي، يا پيٽ جي ڪريون

هِن رآهہ تان تہ سڄُ سياڻي جو گذرندو
اوندآهہ آهہ رآهہ اچو روشني ڪريون

جنهن ڪان سواءِ گهڙي بہ گذاري نہ ٿا سگهون
اُن ڪان سواءِ ڪيئن بسر زندگي ڪريون

هُن سان ملڻ بہ آهہ اسان جو عجيب ٿيو
مُک تي رکون ٿا مُرڪ ۽ اک ۾ نغمي ڪريون

”امداد“ ڪونہ ڪو تہ جيڻ جو جواز ڳولهہ
جي دل نہ ٿي لڳي نہ لڳي دل لڳي ڪريون

# اڄا تاءِ

سڄَ کي ساڻ کڻي
تون به آئي هئينءَ جنهن ڏينهن
اُهو ڏينهن اڄا تاءِ اُلهيو ناهي
سامهون ميز مٿان
بند اسڪرپٽ ائين بند ٿيو پيو آهي
پينَ اُن منجهه ڪُليل پئي آهي
(دل چئي ٿي ته اُها گفت ڪريان مان توکي!)
اُلهندي ڏانهن ڪُليل ڳڙکيءَ مان
ڳِرل مان پار پئي
ترورا تنهنجي پدم پيرن ۾
اُئين ڦان ٿيا پيا آهن سانئڻ!
(دل چئي ٿي ته اُهي ترورا ميڙي سيڙي
سينڌ تنهنجيءَ ۾ سڄائي ڇڏيان!)

تون اڄا تاءِ اُئين ڪرسيءَ تي
ويٺل آهين ۽ پئي ڳالهائين!
۽ ڪَنن منجهه اڄا تاءِ ٻُرن ٿيون پيون چانديءَ جون
سُريليون ٽَليون!

## چنڊ تون آهين

چنڊ تون آهين ۽ تنهنجي پرسان
ڇاڙڪيءَ جيتري ئي فاصلي تي
هڪڙو تارو پيو چم چم چمڪي
اُهو مان آهيان مان!
ڇاڙڪيءَ جيترو هي فاصلو
هڪ پل ئي سهي
آءُ چاڻان ٿو تہ هي فاصلو
صدين تي بہ ٻاڙي آهي
آءُ چاهيان ٿو تہ هي فاصلو اَٽمِٽ ئي رهي!

## ملڻ ، وڇڙڻ، ملڻ

ملياسين، وڇڙياسين
وڇڙياسين ۽ ملي وياسين
ڪِلياسين ۽ رُناسين
رَت رُناسين ۽ گُلن وانگي ڪِلي پياسين
ڪِلياسين ٻار وانگي
۽ رُناسين وڏ ڦُڙي وانگي
ڪنوڻ وانگي ڪلي پياسين
ملڻ، وڇڙڻ، ملڻ پنهنجو لڳو رهندو
رُئڻ پنهنجو لڳو رهندو
کِلڻ پنهنجو لڳو رهندو
ڀلا وڇڙڻ بنان آهي ملڻ ڪهڙو؟
رُئڻ ري آ کِلڻ ڪهڙو!

## جاڙيون قبرون

(علامہ آءِ آءِ قاضي جي ورسيءَ تي)

(1)

آفيس کان اوهان جي
سَڏَ پنڌ تي جو آهي
قاضيءَ ءِ ايلسا جو
سو مقبرو ڏٺو ٿَـ

هيڏا پگهار رُتبا
جي ماڻيو اوهين پيا
جا ليءِ اوهين ڪريو پيا
هي نَتَ هيءُ تانگر
اُن جي ڪري ئي آهن
سو شخص سچ پچو جي
ڏاتار هو اوهان لئہ
جو شخص روشنيءَ جو
مينار هو اسان لئہ
اُن جي مزار تي اڄ
ڪو بلب ناهہ روشن
اُس ۾ سڙي سُڪي وئي
جيڪا ڇپر لڳي هئي
پاڻيءَ جي لاءِ لُڇندي
ڪومائجي ڇڻي ويا
گُلڙا ڪڏهن لڳا جي
ڏانديون ڪتل زمين ۾
تن جون هُيون ائين جڻ
ٻاتن بنا هُجن ڏَرَ
ڪفنائجڻ بنان ئي
دفنائجڻ بنان ئي
اُپ ڏي اُيا رهن ٿا

جھولا لُڪون لڳن ٿيون
ڏانديون پڇن پُرن ٿيون!

(2)

هيڏي عظيم پيءُ جا
روحاني پُٽَ نڪتا
ڪيڏا وڏا . . . حلالي
پر هن عظيم پيءُ جا
روحاني پُٽَ ڪنهن پر
وارث تہ ڪونہ آهن

جي سنڌ جا نہ آهن
جي سنڌ لئہ نہ آهن
بي ڏوھ بي گُنهہ ئي
سنڌي جڏهن ڪُٺا پئي
سنڌي شهيد ٿيا پئي
ڦاهيءَ تي لڙڪيا پئي
سوريءَ تي سيج پاتئي
ٽانڊن تي تِڇڪيا پئي
روحاني پُٽ تڏهن پيِ
چَپ تي چُنو لڳائي
بينا رهيان پٿر جان!

تِن جو نہ تَنَ تڙپيو
تِن جو نہ هانءُ ڦٿڪيو
ڳُوڙها ڪُسي ويا تہ بہ
تِن جو نہ رُوح ڪُسڪيو
ڪنهن ماٺ ۾ مُٺا پئي
پاڻيءَ بنان اکين مان
ڳوڙها پِلا وهن ڪئن!

هي نظرئي ضرورت
جا پوئلڳ منافق
هٿ ٺوڪيا مفڪر
هر دور جا چنيسر
ايجنٽ دشمنن جا
غدار هي وطن جا
هيڏي عظيم پيءُ جا
پُٽ ڪيئن ٿي سگهن ٿا!

اُن جا تہ وارث آهن
سنڌي سپوت سارا
سنڌڙيءَ جي آسمان جا
هي سجَ، چنڊ، تارا
هن درسگاهہ ۾ ئي
آهن پڙهيا ڪڙهيا جي
جي سنڌ جي حقن لئہ
هر سطح تي سدائين
وڙهندا رهيا وطن لئہ
اتهاس کي پني تي
لکندا رهيا قلم سان
۽ علم جي عَلَمَ سان
وڌندا وڃن ٿا اڳتي
اڳتي اجا بہ اڳتي
تن جو نہ پنڌ کُٽڻو
پنتي قدم نہ هٽڻو

دودا دلير جوڌا
هيروز مارچ جا هي
دشمن ائين لتاڙن
ڳاهن تي جيئن ڳوڌا

نوڙهيءَ جا سورما هي

جي لوھ جي لڱن سان
گولين جي لاءِ سينا
تاڻيو وتن اَٽهئي ڪان
سوريءَ جي لاءِ سِر ڪي
ڪڍيو گھمن تِريءَ تي
هٿ هٿڪڙول جن ڪي
پيرن ۾ بيڙين جي
جھنڪار جا اچي ٿي
ڪيڏي نہ آ سُريلي!

ايندا اچا پڙهڻ جي
سڀ نسل تنهنجا منهنجا
جيڪي ڄميا ۽ ڄمندا
اِن رآهہ تي ئي رَمندا
هوشوءَ جي هوڏ وارا
هيمونءَ جي لوڏ وارا
دولهہ جي ڏاڪَ وارا
حيدر جي هاڪَ وارا
بختاوَرُون ۽ ڀاڳيون

اختر، رياض جھڙيون
سي هن عظيم پيءُ جو
اولاد ئي تہ آهن
پرنير اهي ئي آهن
وارث اهي ئي آهن

(3)

ويران مقبري ڏي
آسائتن اکين سان
آئون جڏهن ڏسان ٿو
تنهن مهل سوچيان ٿو
اِن مقبري جي ڇئني

پاسن ۾ سامهون ڪان
اسٽيج اوپن ايئر
آڊيٽوريم هجي ڪو
يا اهڙو ڪو ميوزيم
قاضيءَ ۾ ايلسا جا
سڀ يادگار جنهن ۾
فوٽو گراف، پُستڪ
ايلسا جي چترڪاري
رکجن سيئي سنڀالي
شاگرد توڙي ٽيچر
فنڪار اديب شاعر
جُنبي وڃن، ڪٿي ڪا
محفل مشاعري جي
بحث ۾ مباحثا ڪٿ
ڪٿ راڳ جون رهاڻيون
ڪٿ مختصر ڪهاڻيون
آکاڻيون، ڪٿائون
نڙَ بيت جون صدائون
"دودي جو موت" جهڙا
ناٽڪ ڪٿي نمائش
ڪاشيءَ جنديءَ رلين جي
سگهڙن جو ڪٿ ڪچهريون
"مخدوم"ساڻ مجلس
"شمشير" ساڻ شامون
"تنوير" سان راتيون
ميٽا "سراج" جي ڪٿ
"مشتاق" ساڻ محفل
"جويي" جو ليڪچر ڪٿ
گڏجاڻي ڪٿ "علي"سان
"ماڻڪ" جو ڪٿ جنم – ڏڻ
"مرزا قليچ بيگ" ۾
"سانگي" جون يادگيريون

"ساميءَ" "سچل" جا نعرا
ڪٿ "شاهه" تي مقالا
هر هنڌ روح ريلا
ڪٿ ٻارڙن جا ميلا

(4)

هتراڊو مسئلن مان
فرصت ڪڏهن ملي وڃي
آفيس مان بہ نڪرو
سڌ پنڌ مقبري ڏي
مارننگ واڪ ڄاڻي
ايوننگ واڪ سمجهي
(جو صحت لئہ چڱو ٿوَ!
اي سيءَ منجهان اي صاحب
ڪجهہ دير لاءِ نڪري
تازي هوا بہ کائو!)
ڪجهہ پيرڙا پريو جي
بس ايترو ڪريو جي
جنهن شخص نور جي نئن
هر روح ۾ وهائي
اُن شخص جي قبر تي
نِڪر جو هڪ ڏيو ئي
روشن ڪٽي ڪريو جي
(ڏيئو تہ آ علامت
اوندهہ ۾ روشنيءَ جي
اُن روشنيءَ منجهان ئي
ٻي روشني ڦٽي ٿي
ايئن رات اَڪُٽ ڪُٽي ٿي
استادو! عالمو اي
دانشورو اوهان کي
پڪ سُڌِ ٻُڌِ هوندي
گياني آهيو گياني

هڪ لاٽ مان ٻري ٿي
ٻي لاٽ، ٻاٽ جنهن سان
پاسا ڳُنڍون ٿي تاڙي

فاضل محققو اي
اسڪالرو اوهان کي
پڪ سُڌِ ٻُڌِ هوندي
اوندآهہ جهل آهي
۽ علم روشني آ
ڏيئو تہ صرف آهي
اهڃاڻ هڪ علامت!)

هر سال هڪ پيرو
ورسيءَ جي موقعي تي
(يلجي ۽ سُلجي ڪڏهين
ڪو برٿ ڊي ملهايَوَ!)
چادر گُلن جي چاڙهڻ
جي لاءِ ۽ دعا لاءِ
ٿا هٿ کڄن اوهان جا
اي مهربان سائين
جيڪر مَنو نہ پانيو
پنهنجي انهن هٿن سان
نلڪو ڪٽي جي ڪوليو
تان هٿ اهي اوهان جا
ڏُکندا تہ ڪونہ سائين!

آفيس کان اوهان جي
سڏ پنڌ تي جو آهي
قاضيءَ ۽ ايلسا جو
سو مقبرو ڏٺو ٿَوَ!

## چمڪي پيئي چيڪي مِٽي

چمڪي پيئي چيڪي مِٽي
پاڻي چڙهي لهي ويو آهي

اج جو ماڻهو من ئي من ۾
سارو سُور سهي ويو آهي

منهنجي ميري سيري ڳل تان
رت جو لڙڪ وهي ويو آهي

پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلايم
ڪو چٽ ٺهي ڊهي ويو آهي

هاڻي لهرَ لُڇي ٿي ڇا لئه
چوڏهينءَ چنڊ لهي ويو آهي

## ها مان پٽر تي ويو آهيان

مون کان منهنجا دوست پڇن ٿا
ڇا مان هي ڇا تي ويو آهيان

ماچس جي ڪنهن تيليءَ وانگر
سڙي سڙي رک ٿي ويو آهيان

پنهنجي رتوڇاڻ بدن جو
زهر سمورو پي ويو آهيان

ڪوئي مون کي ياد ڏياري
مان خود کان وسرِي ويو آهيان

ڏُک ۽ سُک ماڻهن لئہ هوندو
ها مان پٽر ٿي ويو آهيان

## اڄا تہ مِٽي آلِي آهي

ٻن جسمن جي هڪ رشتي جي
اڄا تہ مِٽي آلِي آهي

شهر سڄي کي ٻاهہ لڳي وئي
گهر گهر ۾ ديوالي آهي

منهنجي خالي کيسي وانگر
ذهن بہ خالي خالي آهي

هڪڙو صوفي سمجهائي ويو
دنيا خام خيالي آهي

سُورن جهڙي ساري جندڙي
پُورن ۾ مون پالِي آهي

## جيون آهي جنگ او جاني

سيني تي سنگين سهي وچ
جيون آهي جنگ او جاني

پاڻ بچائڻ ڏاڍو ڏکيو
رستو آهي تنگ او جاني

خون بہ دل جو پاڻي آهي
هاريل مُنهن جو رنگ او جاني

سڙي سڙي ڦُلهار تي ويندو
ارمانن جو جهنگ او جاني

ناگاساڪي هيروشِيما
آهي پنهنجو دنگ او جاني

## ميرو آهي من – درپن

سنگتراش جو پاڳل پن
ڳولي پٿر ۾ جيون

آڌيءَ رات ٽپي گهر ۾
چورائي وچ دل جو ڌن

پنهنجو منهن نہ ڏسي سگهندين
ميرو آهي من – درپن

ڪاڪ ڪڪوريءَ چوريءَ جا
ٽڏ ۾ لِڱَ پيا ٽڙڪن

ڪونہ کپي ها ڪونہ کپي
پٿر جهڙو هي جيون

## پنهنجو پنهنجو آهي ڀاڳ

سسئيءَ وانگر نڪري پئو
ويٺن کي ڪٿي ملندو ڀاڳ

ڪنهن لئہ ڏُک تہ ڪنهن لئہ سُک
پنهنجو پنهنجو آهي ڀاڳ

گهايل سُر ۾ گهٽين ۾
ڪنهن تي ڳاتو جيون راڳ

گهر وَرَ سان خوش آهي سا
جنهن لئہ ورتوسين ويراڳ

سِٽ ۾ ڪيئن سمايوسين
سمنڊ اننت اگهور اَجهاڳ

## پٿر تي شيشو اڇلايم

پٿر تي شيشو اڇلايم
پنهنجي من کي ڇا سمجهايم

بند ٿيل ڪمري ۾ تنها
پنهنجي منهن ويٺي ڳالهايم

مون توکي ڪٿي ڏٺو آهي
ياد ڪيم پر ياد نہ آيم

مان پَٽ تي منهن ڀر پيو آهيان
تيز هوا سان ڊوڙ پُڄايم

مون کي ڪوئي ڪم ڪار نہ هو
ويٺي تنهنجا پُورَ پچايم

## اڪڙين سان اوجاڳا پَرتا

چُپ چُپ هر سُور سهي ويا
ٻاهر ٻاڦ نہ نڪتي ڪا

سپ سپنا ساڻ ڪٽي وئين
اڪڙين سان اوجاڳا پَرتا

ڪڙڪيءَ ڪي ڪولي ويئي
پاڳل ۽ منهن زور هوا

جڳ جا سڀ رشتا ڪوڙا
پنهنجا سڀ رشتا سچا

ڪيڏو بہ ڪٽي ڪو چاهي
لٺ سان پاڻي ٿيو نہ جدا

## پَل پَل هڪڙو پُور او سائين

پَل پَل هڪڙو پُور او سائين
ساعت ساعت سُور او سائين

وِڪ وِڪ آهي جان جو جوکو
ٽَڪ ڪان آهيون چُور او سائين

ڪنهن دروازي تي ڪئن ترسان
منزل آهي ڏُور او سائين

موسم ايندي موسم ويندي
نم نہ جهليندا ٻُور او سائين

هر لمحي پنهنجو پاڇولو
وجي پيو وهلُور او سائين

## گُم سُم هو هر ڪو تارو

ڏيانَ دريءَ تي هو ڇارو
گم هو هرڪو نظارو

ڏرتيءَ تي ٻہ ڏرم آهن
هڪڙو ڳورو ٻيو ڪارو

چنڊ نہ چمڪيو تہ اگهڙ تي
گم سم هو هرڪو تارو

هن ونجهہ پڳل ٻيڙيءَ کي
ڪونہ مليو ڪوبہ ڪنارو

پيار بنان جيون سارو
هڙ هارو ۽ منهن ڪارو

## پٿر مٿي ۾ مٿو پٿر ۾

چورن وانگر آيو آهين
آڌيءَ رات اسان جي گهر ۾

پٿر ٻين تي ٿو اڇلائين
پاڻ رهين شيشي جي گهر ۾

آخر توکي هٽڻو پوندو
پٿر مٿي ۾ مٿو پٿر ۾

پاڻ وڃائي ڳوليم ڏاڍو
ڳوٺ ڳوٺ ۾ شهر شهر ۾

جيئرو جاڳندو هڪڙو منظر
بند ڪيم ڪوري ڪاڳر ۾

## ڇوليءَ جهڙو ڇوھ ميان

منهنجو ڪونهي ڏوھُ ميان
مون سان ٽيئڙو ٻوھُ ميان

ساري رات سِڪي تولئہ
ڇوليءَ جهڙو ڇوھ ميان

آ تہ ڏيين، ها آ تہ ڏيين
پريت پريو پاٻوھُ ميان

منهنجي من جو موھُ بہ هو
مايا جهڙو موھُ ميان

”سڪ ونڊين ڪي سيد چَي
ڪوھُ بہ هڪڙو ڪوھُ ميان.“

# اجا ننڊ...!

مسجد ۾ ملي ٻانگ ۽ ديول ۾ وڳا گهنڊ
هن شهر جي ماڻهن کي اجا ننڊ اجا ننڊ!

# "نوروز خان" جي ياد ۾

مون کي منصور جو منصب ڏئي ماريو تہ جيان
مون کي سقراط سڏي زهر پياريو تہ پيان
مون کي هڪ وار ڪنيڊيءَ جو تبسم بخشي
پوءِ سَو وار هڻو سيني ۾ گولي تہ سهان

اڄ جي گوري جا ٽنگي آهي سياسي سُوري
نيگروئن کي لوممبا چئي چاڙهيو اُن تي
زندگي ڇاهي؟ صليب آهہ صليب آهہ صليب
هر سچي شخص کي عيسيٰ چئي چاڙهيو اُن تي

## سگريٽ دُکائي

سگريٽ مان سگريٽ دُکائي
ايئن مون ڪاري رات وِهائي

تون بہ اسان لئہ وقت جيان ئي
توبہ اسان سان ڪا نہ رَهائِي

سُکُ سريو هوندو جنهن تنهن کي
پريت ڪري مون پِيڙَ پرائي

سڏَ- پڙاڏي وانگي آهيون
ڪانهي ڪائي يار جُدائي

عڪس جيان مان تنهنجي آڏو
آئيني جان تون بہ اُهائي

تئن تئن بآهہ چپن جي پڙڪي
جئن جئن اکڙين اُجَ اُجهائِي

## گهڻا ڏينهن ٿي ويا

گهڻا ڏينهن ٿي ويا
اوهان سان ملئي
ڳل ڳرهاٽيون وِڌئي
رُني ۽ کِلئي
گهڻا ڏينهن ٿي ويا
اوهان کان پڇيئي
حال احوال ڪي
خبر چار ڪا
تہ هاڻي بہ چنڊ
اڱڻ تي اُئين ئي ڪڙي ٿو
تہ هاڻي بہ سيني ۾ دل جو گلاب
اُئين ئي ٽِڙي ٿو؟

۽ تارن جڙيل رات جو
ڪڏهن ڪو هوائي جهاز
اڱڻ تان لنگهي ٿو
تہ اکيون انهيءَ پار ڏي
تڪينديون رهن ٿيون
انهيءَ پار، جاڏي بتي ٽمڪندي ٿي وڃي
ائين جڻ تہ ڪو ڪُڙڪيپتو
۽ پوءِ
اُهو ڪُڙڪيپتو بہ گم ٿيو وڃي!

گهڻا ڏينهن ٿي ويا —

## اياز کي پيٽا

("ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" پڙهڻ کان پوءِ)

تو جا اکر اُڪيلَ، ڪوري پني تي ڪئي،
ڪيڏي سهج سُپاءَ سين، چيءِ اڻ چئي،
پڌري پٽ پئي، ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي.

وُٺي ساري رات، ڪوتا سانوڻ مينهن جئن،
اُتي اوهيرا ڪري، ڪِنوٽين سين برسات
ڏاها تنهنجي ذات، سپ ساٽيهه سُڪارِيو.

لنيءِ اوچي ڏار تان، ڪنپ ڪنڌيري لات،
پڙهه ڦُٽي پرڀات، آندي ان اوڏي ڪري.

ڪوتا سانوڻ مينهن جئن، برسي ترسي ڪانه،
اُن ڪان پوءِ ڇاڇا نه، ڏرتيءَ ڦوڳ ڦلارِيا.

ملنديون مجتائون، جي هيءَ رهي سنڌڙي،
ڪيڏيون ڪوتائون، رچيءِ ڊيٺ بيٺ تي.

سدا رهي هيءَ سنڌڙي، ور ور اچين شالَ،
ڪيڏا پليءَ پُونءِ تي، پلا! پلايئه پالَ،
تنهنجي قيل مقالَ، سموري راج ڪاج ۾.

## مارُو منهنجا مِٺَ

ڏرتي منهنجي ميت
اُن جي چآهہ اَٿآهہ ۾
چپن تي پيت گيت

سُجهي نہ ڪائي سِٽَ
ڪوري ڪاگر تي لِکيم
”مارُو منهنجا مِٺَا!“

پهرين سِر سهساءِ
جي تون اينءَ نہ ڪري سگهين
پيرِ مَ پِڙ ۾ پاءِ!

## راهوڪي رتَ راند

(فاضل راهو جي ياد ۾)

راهوڪيءَ ۾ رات، ڪڙيا گل گلاب جا،
چٽاڻو چپ چپات، ٻُري پيا ڪنهن ٻول سين.

راهوڪيءَ ڪي ريجُ، ڏئي ريتيءَ رتَ جو
ڏندڻ هٽي گلاب جا، هينئڙي هيڏو هيجُ،
مُک تي سورج تيجُ، سورج جو نہ اجهامڻو.

راهوڪيءَ تي رنگَ، پلٽيائين پاٻوهہ سين،
ڇُرندا ٻُرندا ٿي ويا، چانڊوڪيءَ ۾ چنگَ،
هير هندورو، ڪيت ۾، جهومن سونا سنگَ،
ارتا انگَ امنگَ، سرتا سُرهي ساهہ سين.

راهوُ – راهوڪي، سُڳنڌ جيئن گلاب سين،
چنڊ ۽ چانڊوڪي، ڪنڊ هجي جئن ڪير ۾.

راهوڪيءَ جي راهَ روشن راهوءَ رَتَ سين،
نعرا هڻندا جهومندا ، وڌندا ويا همراهہ
اٿليا سمنڊ اٿاهَ، ماڙهوئڙن جا ماڳ تي.

راهوڪي رت – راند، آهي اوءِ اڇاترا،
ٻُرين تاءِ پلاند، سنڌين وسري ڪينڪي.

## رات اُهائي

رات اُهائي
ڪوجهي ڪاري
باک اُهائي
نئين نئين

ڏيهن ۾ پرڏيهن ۾
سورج آندي
ساک اُهائي
نئين نئين

## اي ڪراچيءَ جا نگر

(مرتضيٰ ۽ ساٿين جي شهادت تي)

اي ڪراچيءَ جا نگر! اي راڄڌاني سنڌ جي!

لاکَ رَتڙي، باکَ بَکَڙي، سون وَرَڻي، سَوڳُڻي
ڪئن نہ مٽيءَ ۾ ملي وئي نوجواني سنڌ جي

اي ڪراچيءَ جا نگر! اي راڄڌاني سنڌ جي!

ڪير ٿو چَي سچ لڙي ويو! هُو لهُوءَ جو ڏس نشان
آهہ عالم ۾ نشانبر ٿي نشاني سنڌ جي

اي ڪراچيءَ جا نگر! اي راڄڌاني سنڌ جي!

گهوٽ آن گهوري ڇڏي ساٿيہ تان پنهنجي حيات
۽ ملي ويئي حياتِ جاوداني سنڌ جي

اي ڪراچي جا نگر! اي راڄڌاني سنڌ جي!

## آهي ڪو

رات آهي يا ڪو جلاد خبردار آهي
چنڊ آهي يا ڪو منصور سرِ دار آهي
زندگي آهي يا يوسف سرِ بازار آهي
آهہ ڪو آهہ ڪو هِن دل جو خريدار آهي!

# جيون کي ڪا معنيٰ ناهي

هونئن تہ توبن چا چا ناهي
جيون کي ڪا معنا ناهي

پنهنجي پنهنجي گهر جي اندر
ڪير آهي جو تنها ناهي

دل بہ ٻُڏي ويئي سيني ۾
محشر ڪوئي برپا ناهي

پٽر بڻجي لفظ وسن ٿا
شعر گُلن جي ورڪا ناهي

امداد ڪهاڻيڪار ڪوي
ناهي ناهي ها ها ناهي

## جيئڻ

جيئڻ ئي جي مطلب آهي
ان ڏانءُ سان بہ جي وڃجي
تنهنجي اکڙين جو سپنو بنجي وڃجي!

## نئون شعر

رات جي پوئين پهر چنڊ جيان
منهنجي جهوليءَ ۾ جهلي وئي آهين

مون تي ڪنهن بند ٽيل در وانگي
پاڻ ئي پاڻ کُلي وئي آهين

ٽوٽ ڏرتيءَ جي کُليل سيني تي
چوليُن جيئن چُلي وئي آهين

مون تي امرت جا پيالا اوتي
منهنجي سپ زهر کي پي وئي آهين

پنهنجي هٿ سان منهنجي ڪاپيءَ جي مٿان
هڪ نئون شعر لکي وئي آهين!

## تون نہ ڳالهائين تہ

روئي روئي ٻُل ڳرهاتي پائجي
اڄ وري هُن کي هلي پرچائجي

سَٿ سهي سگهندي نہ تارن جي سنگهر
ڪيستائين رات کي ترسائجي

دل تہ هڪڙي داءُ ۾ جيتي وئين
هاڻ تون ئي چئہ تہ ڇا هارائجي

سڀ رُٺل آهن اسان کان سڀ رُٺل
ڪنهن کي پٽڪو لاهجي پرچائجي

دل ۾ آهن ڪيتريون ئي ڳالهيون
تون نہ ڳالهائين تہ ڇا ڳالهائجي

هِن گهٽيءَ ۾ منهنجي گهر جي سامُهون
هڪ نئون فتنو پيو سامائجي

عشق پنهنجو نآهہ هولي آهہ جڻ
رنگ ۽ خوشبو پئي ورڪائجي

منهنجي ٻانهن ۾ اچڻ کان پوءِ ڇو
ايترو گهٻرائجي شرمائجي

سڀ سُتل آهن هتي سيئي سُتل
ڪنهن کي ڪنهن کي ننڊ مان جاڳائجي

ڪنهن تبسم جو ڦُهارو ئي سهي
ڪو غزل جو شعر ئي فرمائجي

پياس جي آهي تہ پيارا لڙڪ پيءُ
ڪانٽو جي آهہ دوڪو ڪائجي

سَتَ سَري ڌُهري ٻِچيءَ ۾ پائجي
اڄ هٿن پيرن تي ميندي لائجي

موت جي پرڇيهہ ۾ اي هم وطن
زندگيءَ جو گيت شايد ڳائجي

## تون تہ پريشان نہ ٿي

مان پريشان سهي، تون تہ پريشان نہ ٿي
مون کي حيران ڪري، پاڻ تہ حيران نہ ٿي

سُهڻي صُورت تنهنجي مُورت سهي من مُهڻي، پر
جان آهين تون اسان جي اِئين بي جان نہ ٿي

منهنجي لئہ تون ڀلي مشڪل سهي دشوار سهي
هر آويءَ لاءِ سَويءَ لاءِ تہ آسان نہ ٿي

هِيروشيما جي حوالي سان سڄاتو نہ وڃين
جانور ٿي کو پڪي ٿي مگر انسان نہ ٿي

ڄاڻي واڻي ۽ سُڄاڻي نظر انداز ڪرڻ
مانُ سنمان نہ ٿي تين، نہ ٿي، اپمان نہ ٿي

## هُو

رت رتيڙو ۽ ست سڳيڙو جو
سو بہ منهنجي خلاف ٿي ويندو
مون تہ اهو سوچيو بہ ڪونہ هيو
ننڊ جنهن کان سوا نہ ايندي هئي
هُو بہ مون کان بنان نہ سمهندو هو
سو اکيون ئي ڪٽي ويو منهنجون
هَٿَ ۾ هَٿُ جنهن ڏنو پنهنجو
سو تہ هٿ ئي ڪپي ويو منهنجو

آڱريون، ٻُلَ ڇا، لڪيرون ڇا!
ها اُهو ها اُهو اُهو پنهنجو
انگَ سان انگُ جنهن ملايو هو
رنگ سان رنگُ جنهن رچايو هو
پانهنجو پاڻ کان جو پنهنجو هو
سَتَ ڏارين کان اُهو ڏاريو
پُر پراين ڪنان پرايو هو
آرسي ئي ڀڳي پئي آهي
آمهون سامهون سجاڻ ڇا
تارَ سِڪ جي ڇِڳي پئي آهي
تَن جو تنهن ڏانهن هاڻ تاڻ جا

پنهنجي نالي ڪيو هُيو جنهن ڪالهہ
اڄ اُنهيءَ ڪيترو هُلايو هو
تہ سندس راهہ مختلف آهي
لڙڪ ۽ مُرڪ آءُ ياءُ سياءُ
تہ سندس آهہ مختلف آهي
ڪنهن عمل طور ردعمل جي طور
مون سان ڪڏهين بہ ڪونہ هو شامل
منهنجي دل جي سُڄي سُڄي گهر ۾
پيار جو جنهن ڏيو جلايو هو
اڄ انهيءَ ئي پريس جي آڏو
منهنجو ڪيڏو مذاق اُڏايو هوا!

## بدنصيب

اج هُن جي جنازي لاءِ
هيترا سارا گُلها آهن
ڏک تہ رڳو اهو آهي
تہ زندگيءَ ۾ جڏهن
رُٺڻ چاهيو هو هُن
تڏهن
ڪو بہ گُلهو هن جي نصيب ۾ نہ هوا!

## اي منهنجا دوست!

اي منهنجا دوست! اي منهنجا مِتا! اي منهنجا يارَ!
جي زندگيءَ ۾ مري ٿا وڃن انهن جو سوچ
مري چڪا جي ڪڏهوڪا اُنهن جي ڪهڙي پچارَ؟
اي منهنجا دوست! اي منهنجا مِتا! اي منهنجا يارَ!

مٽي ۾ ڏوڙ وڃهي، ڪوه تون ڪڍين ٿو پارَ؟
جي دفن ٿي بہ چڪا تن جو ڪيترو سنڪوچ!
اي منهنجا دوست! اي منهنجا مِتا! اي منهنجا يارَ!
جي زندگيءَ ۾ مري ٿا وڃن انهن جو سوچ.

**لڙڪ ستارو**

مڙس هُن جو جيل ۾ هو
خون جي الزام ۾
پُٽُ هو روپوش، ڏيءَ
تي چُڪي ڪاري ڪڌوڪي
بي خطا ۽ بي گناهه
مُڙس پنهنجي جي هٿان

هاڻ هن لئه
ڏينهن ڇا هو؟
ڇڻ ته ڦاهو
هو ٻچيءَ ۾
رات ڇا هئي؟
ظلم جي ديوار هئي هُن لاءِ جنهن کي
ڪانه اورانگهي سگهي
۽ نه ڪا ڊاهي سگهي

سُورَ سير انديءَ ڪري
پُورَ پير انديءَ ڪري
هوءَ تڏي تي جئن سُتي
اک وڃي هُن جي ستاري تي کُتي
سارن ستارن کان هُيو روشن اُهو
پل آپل تارو اهو
ڪيس پنهنجي ڏيءَ جي ڇهري جيان پيارو لڳو
۽ لهي آيو اکين ۾!

## ليڪ لکن ٽا ماڻهو

ايئرڪنڊيشنڊ بيڊ روم ۾ لُڪن پُڇن ٽا ماڻهو
فٽ پاٿن تي ڪيڏي سُک سان، سُمهي پون ٽا ماڻهو

نيڻ نماڻا ڪٽيو نهاريان، جڏهين جاڏي ڪاڏي
منهنجي من ۾ ڪنڊي وانگي، چُڀي وڃن ٽا ماڻهو

نظم چوڻ سان پيٽ نہ ڀرجي، تَن ڍڪي نہ ڪماٽي
حيرت آهي پوءِ بہ هتڙي، ليڪَ لِکن ٽا ماڻهو

اسين تہ تنهنجي چانئُٽ تائين، پهچي ڪونہ سگهياسين
هونئن پهچڻ تي تہ چنڊ تائين، وڃي رَسن ٽا ماڻهو

شهر سمورا خالي ٿي ويا، پڙ ڀانگ ڳوٺ ٿي ويا
راڪاسن جو روپ مٽائي، اِجهو اچن ٽا ماڻهو

# حيدرآباد

جڏهن سنڌي مُئا پئي حيدرآباد!
ڪئين ڪونڌر ڪُٺا پئي حيدرآباد!
دڪان ۽ گهر لُٽيا پئي حيدرآباد!
تڏهن توکي بہ ڪجھ آيو تہ هو ياد!

گهٽين ۾ لاش گهوٽن جا پيا ها حيدرآباد!
اُجهاٽل ها، جي ڏيهن جا ڏِيا ها حيدرآباد!
اُهي تنهنجي مٿان صدقي ٿيا ها حيدرآباد!
تڏهن توکي بہ ڪجھ آيو تہ هو ياد!

مُچن جي مس هئي ساول انهن کي حيدرآباد!
اجا ڪو گيت چنبڙيل هو چپن کي حيدرآباد!
ڏني تو جوتَ هئي جن جي مٽي کي حيدرآباد!
تڏهن توکي بہ ڪجھ آيو تہ هو ياد!

اسان جي مائُرن ۽ ڀينرن جا ٿڻ ڪَپيل ها حيدرآباد!
ڊِرل، چاقن، چڪن جا گهاوَ ڇاتين تي ڇَپيل ها حيدرآباد!
۽ تن جا ٻارڙا معصوم ، نيزن تي جَهپيل ها حيدرآباد!
تڏهن توکي بہ ڪجھ آيو تہ هو ياد!

# اوڙٿو

هن شهر ۾
هڪ گهر هيو
ڪاڏي ويو!

اُن جي اڱڻ
تي ٽهڪڙن
جون روپيون
گهنٽيون هيون

هڪ ٻَڙ هُيو
پڙَ ۾ ٻڌل
پينگهون هيون
ٿاڌارجي !
ڇا ويو اُهو!

هِن ڪان پڇيم
هُن ڪان پڇيم
سڀ چُپ هئا
ٻولي نہ ٿي
سمجهيئون سندم

هي شهر جو
ڪن پل اڳي
منهنجو هُيو
منهنجو صفا
پنهنجو هُيو

هن سان سندم
ست سڳ هئا
جو ماءُ هو
جو پيءُ هو
۽ پريمڪا
۽ ياءُ هو

هن شهر ۾
ماڻهو هُيا
هينئڙي سندن
هڪ هيج هو
مُک تي سندن
هڪ تيج هو
مٺيا هئي
شويا هئي

هِن شهر ۾
ٻالڪ هُيا
جي ٻوڙندا
هڪبئي پٽيان
تي ڪيڏندا
کِلندا وتيا
سي راند کي
اڄ ۾ ڇڏي
ڪاڏي ويا؟
هي شهر جو
مون لئه رڳو
پِتيون نه هو
چؤسول ۽
گهٽيون نه هوا!

هـي شـــهـر جـو
مـون لـئـ رڳـو
ڏرتـــي نـــ هــو
پـــر چـــنـــڊ هــو
تـــارا هُـــيـــو
ســـورج هُـــيــو
اُن شـــهـــر ۾
مـــان ڏارِيـــو
مـــان اجـــنـــبـــي
مـــان اوڦـــٽـــو!

## اهڙي دُعا ڪجي

ڳُل صُورتن ڏسڻ جي ٻہ صُورت تہ ڪا ڪجي
مُدت ٿي ويئي آهہ ڪا محفل بپا ڪجي

جئن شام جو ٻہ پهر اُفق وٽ مليو وڃن
تئن آءٌ تون مِلي وڃون اهڙي دُعا ڪجي

اڪڙيون ڪٽيو جهُڪائين، جهُڪايو وَريو ڪٽين
منظر هي شاعريءَ ۾ يلا ڪئن ادا ڪجي

ڦٽڪان لُڇان ٿو آءٌ اوهان کان سوا ائين
پاڻيءَ کان جيئن دوست مَڇِيءَ کي جدا ڪجي

## تہ نہ گھرجيم...

جنهن جي هر موڙ تي جدائي آ
جنهن جو هر چاهہ بي وفائي آ
جيڪڏهن زندگي اهائي آ
تہ نہ گھرجيم زندگي اهڙي

هيءَ جيڪا اڪين ۾ آئي آ
ڪنهن تتل سيخ ڄڻ چپائي آ
جيڪڏهن روشني اِهائي آ
تہ نہ گھرجيم روشني اهڙي

ڪوڙ ناهي اِها سچائي آ
تو اُها ڳالهہ جا لڪائي آ
جيڪڏهن دوستي اِهائي آ
تہ نہ گھرجيم دوستي اهڙي

ڇَجُ ڏاڙهي ڪٽي ڇڏائي آ
پارسائي بہ خود نمائي آ
جيڪڏهن بندگي اهائي آ
تہ نہ گھرجيم بندگي اهڙي

## اُها تاريخ

دريون ساريون کُليل آهن
مگر ڇهرو نہ آهي ڪو
”حوا“ ناهي
”هوا“ آهي
اُها پڙدا پئي لوڏي
ڪڏهن هيڏي
ڪڏهن هوڏي
ڪلئنبر ڏار ڦنڊاڻي پيو پِٽ تي
ڪلئنبر ۾ اُها تاريخ پڻ آهي
لِپ اِسٽڪ ساڻ جنهن تي گولڙو پائي وئي آهي
هميشہ وانگيان توکان
ملڻ جي ڳالهہ وسري وئي
اُها تاريخ گذري وئي
مگر اُن گولڙي جي قيد ۾ آهي اڃا تائين!

## مون جيان بيقرار

ساعتِ وصلِ يار آئي وئي
ڇڻ چمن ۾ بهار آئي وئي

تون نہ آئين تہ منهنجي هرڪا رات
اشڪبار اشڪبار آئي وئي

ڪنهن جي اڪڙين مان ڪجهہ نہ پيتوسين
موسمِ خوشگوار آئي وئي

رات آئي تہ چنڊ ڪان وچڙي
هر سحر سُوگوار آئي وئي

هڪڙو پيرو بہ تون اچي نہ سگهين
فصل گُل بار بار آئي وئي

تنهنجي ڪُوچي مان بار بار صبا
مون جيان بيقرار آئي وئي

## ”تنهنجي“ لاءِ

نہ اڄ نہ اڄ منهنجي خوابن ۾ ۽ خيالن ۾
نہ آءُ تنهنجو پيارو نہ تون سندم دلدار
اِها بہ ڪهڙي وفا ۽ اِها بہ ڪهڙي ريت
اِها بہ ڪهڙي محبت اِهو بہ ڪهڙو پيار
تہ روئندي روئندي وڃي گذري مُند ساوڻ جي
۽ ڪلندي ڪلندي وڃي ٽِلندي منهنجي پَر مان بهار
۽ تون الاءِ ڪٿي ڪهڙي ديس ۾ چُپ چاپ
ڳُلهن تي وار ڇڏين، ۽ ڪٽين هٿن ۾ سِتار
۽ تنهنجي دل ۾ وَهي آءُ ڳايان ديپڪ راڳ
۽ تنهنجون اکڙيون ڇيڙي ڇَڏين ميگهہ ملهار!

## رشتو

مون بہ تہ توسان لائون لڏيون آهن
جاڳ ۾ نہ سهي
خواب ۾ ئي سهي
مون بہ تہ تنهنجو مينديءَ رتو هٿ چُميو آهي
چپن سان نہ سهي
نظر سان ئي سهي

مون بہ تہ تنهنجي ڏٺي آهي واٽ

رات کان صبح تائين
صبح کان رات تائين
مون بہ تہ جهوليو آهي تنهنجي ٻانهن جو جهولو
حقيقت ۾ نہ سهي
خيالن ۾ ئي سهي
مون بہ تہ توکي ٻڌائڻ لاءِ
راتيون چنڊ وانگي جاڳي جلي
سمنڊ وانگي ڦٽڪي لڇي
لفظن بدران
لڙڪن سان
رچي آهي ڳِوتا
مون بہ تہ توکي پائڻ لاءِ
وڃايو آهي پاڻ
مون بہ تہ توبن
هي جيون
آهي ڄاتو
هڪ پاراتو
مون بہ تہ تولئہ آهي لوچيو
کن کن کن کن
پل پل پل پل
مون بہ تہ آهي سوچيو
تنهنجي باري ۾
مسلسل!

**... ٻيو ڇا هي زِندگي**

(زمان شاهہ جي ڪافيءَ "جنهن کي دلڙي ڏيڻ) کان متاثر ٿي)

هڪڙي لمحي لاءِ اچڻ، اِهو ناهي جيئڻ ٻيو ڇاهي زِندگي
۽ ٻئي لمحي هليو وڃڻ، اهو ناهي مرڻ ٻيو ڇاهي زِندگي

هيءَ انت اَننت اونداهي، ٻڌاتي ۾ آ جڻ سِرڪڻ ڦاهِي،
چوٽ وٽان تي شمع ٻرڻ، اهو ناهي جلڻ ٻيو ڇاهي زِندگي

ڪٿ رات اُماس اُڪاريم، ڪٿ ڏونگر جهڙو ڏينهن گذاريم،
حال ڏيڻ نہ حوال وٺڻ، اهو ناهي رُسڻ ٻيو ڇاهي زِندگي

سِٽ سِٽ جڻ سنگين هجي، ۽ پنو رت سين رنگين هجي،
مُڇيل آڱرين سان بہ لِکڻ، اهو ناهي لکڻ ٻيو ڇاهي زِندگي

## اڪڙيون

اڪِڙيون
جاڙيون
پيئرُون
گڏ سمهن
گڏ اُٿن
گڏ جهُڪن
گڏ رُئن
گڏ کِلن
گڏ ڪڇن
اڪڙيون
نيرِيوُن
گهريُون
بحر جي
باز جان
ڀِرِيوُن
اڪِڙيُون
ري ڪَجَرَ
ڪارِيون
نيارِيون
پيارِيون
پيارِيون
جاڙيون
پيئرُون
اڪِڙيوُن

## پُر شور سناٽو

جيترو گوڙ شور آ ٻاهر
آ انهيءَ کان وڌيڪ اندر ۾
يادگيرين جو هڪ سمونڊ آهي
(وقت جان جو ڪڏهن سمهي ئي نہ ٿو)
لهر در لهر ٿو ٻُڌان اُڀڙان
هِڪَ کان پوءِ ٻين ۾ ٽين، چوٿين . . .

شهر لاهور ۾ بہ ڳوٺ جي ياد
رکي دل جو جهان ٿي آباد
"بانو بازار" يا "انارڪلي"
هجي ڪنهن لاءِ ڪيتري بہ ڀلي
پر اُها ڳوٺ جي ٿتل بازار
نہ ٿي وسري تہ ياد ڇا ايندي!

شهر لاهور، مال روڊ ۾ آءُ
لان ۾ پام جي اُڀي وڻ تان
شام آهي لٿي ستارن سان

"مال" تي موٽرون ۾ اسڪُوٽر
(نظر ڪُتي ٿي وڃي پر ڪتي ڪُتن ئي نہ ٿا
شروع ٿي جي ويا سلسلا ٽٽن ئي نہ ٿا)
ڪيڏي تيزيءَ سان هڪڙو اسڪوٽر
منهنجي پر مان لنگهي ويو آهي
(ذري گهٽ ماريو هئائين ڀيوا)

سانوري شام جهڙي هڪ وينگس
ڪٿن نہ هن سان ٻکي پئي آهي!

جيئن وڻ سان هجي ٻڪيل ڪا ول!
۽ پنيان مڏ پرين هوائن ۾
وار هُن جا اُڏامندا ٿا وڃن

فور استار هوٽلون آهن
رنگ بي فور بوتلون آهن
چنڊ چهرا گلاب تن آهن
آءُ پياسو سراب تن آهن

شهر لاهور مال روڊ ۽ آءُ
ٻار ڳاڙها ٻڪتول اڇا اُجرا
۽ انهن ساڻ مائرون پيئر
ڪل خوشيءَ مان پسار ڪن ٿا پيا
پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهيون ڪن ٿا
جيڪا اسڪول ۾ پڙهن ٻہ نہ ٿا
(ماڌو لال حُسن جي، جيڪا ٻولي آهہ
جنهن ٻوليءَ ۾ هير آ، ڳائي وارث شاهہ)
اُها ٻوليءَ تہ هُو لکن ٻہ نہ ٿا!

ڪئن نہ آزاد پنهنجي ڌُن ۾ مگن
نوجوان ۽ نوجوانڙيون، "امداد"
هڪ ٻئي ڏانهن مُرڪ اڇليندا
۽ سرعام پيار ورچيندا
ٿهڪ ڏيندا روان دوان آهن!

هيءُ شاپنگ سينٽر جيڪي
ڪنهن طوائف جي وسترن وانگي
سيني آڏو ڪليا پيا آهن
جن ۾ هر شيءِ اوبل بل آهي
ڏوڪڙ آهن تہ پوءِ ٻُل آهي!

هوءَ جا ڪار مان لٿي آهي
چال ۾ ڪيتري نزاڪت اٿس
هير وانگر گهلي رهي آهي
سيني فرش راه ديده و دل
ڪيترا تاڪيا کُلي ٿا وڃن
سِلڪ کي ڪيتري نفاست سان
نرم هٿ جو ڇهاءُ بخشي ٿي!

ٺيڪ هن مهل، شام ٿيندي ئي
منهنجو هر ڳوٺ، منهنجو هر ڪو شهر
ڪنهن ستاري بنان گگن هيٺان
ڪيڏو پڙپانگ، ڪيترو ويران
هٿ لڪيرن جيان گهٽيون ان جون
ڪنهن ڏهاڳڻ جي سينڌ جيان سنسان
نہ ڪچهريون نہ هُل نہ هنگاما

نہ ڪٿي راڳ رنگ، راند نہ روند
هوندي سوندي بہ هيتري اٺوند
ڇڻ تہ ماڻهو اُتي رهن ئي نہ ٿا!

آسمان کان وٺي زمين تائين
گهور گهنگهور آهہ سناٽو
ڪيڏو پرشور آ سناٽو!

رات آئي تہ خواب ۾ ٿو ڏسان
ڪيئي ڏاڙيل، ڪيئي دهشتگرد
منهنجي ڳوٺن کي، منهنجي شهرن کي
پنهنجي گهيري ۾ ٿا ڇڏن آڻي
چُوندِ ڳيرو ڪدي بهارن ٿا
پوءِ ڪلاشن جا برسٽ ڇوڙي، ڪين
موت جي ننڊ ۾ سمهارن ٿا!
رتُ ريلا ڪري وهي ٿو پيو

## رتُ جو گرم هو رڳن ۾ ڪڏهن

خواب مان ڇرڪ ٿو پري جاڳان
بُت سمورو پگهر ۾ شُم آهي
ساهہ تڪڙا ڪٽي رهيو آهيان
ايئن لڳي ٿو پروڻ سيني ۾
چڻ تہ ڏنوٽي ڏنوي رهي آهي
پيو تہ ڪجهہ ڪونہ پڄي مون کان
هانوَ تي هٿ ٿو رکي ڇڏيان

## ڇا غم آهي!

آءُ آهيان ۽ سنڌ، غم آهي
۽ مقابل سڄو عالم آهي

ڪو ته قاتل ڪي ڀِـاري ۽ ڇئيس
تنهنجي بسمل ۾ اڃا دم آهي

پنڌ ۾ آءُ ٻه سسئيءَ وانگي
ڪوبه همراهه نه همدم آهي

آءُ خوش آهيان خوش آهيان آءُ
تنهنجو غم آهه ته ڇا غم آهي!

نه ڪو ڦـرڻ نه ڪو ڪائڻ نه ڪِلڻ
تو بنان عيد به ماتم آهي

**پِرم**

اَنيڪ ڀيرا
رُٺڻ گهريو هوم
پر رُنو ڪونہ هوم
شايد
اِنهيءَ ڪري جو
چڙئي ٽيڻ جي
اِها بہ هڪ ڪيفيت چون ٿا!

اِئين تہ ناهي
تہ اِن ڪري ئي
جڏهن جڏهن مون
رٺڻ گهريو هو
تڏهن تڏهن ٿڪ مون ڏنا ها
تہ جيئن خود کي
ڇَريو نہ سمجهان
تہ جيئن خود کي
سنئون ڪري آءُ پيش ڪريان

مگر اِنهيءَ کي
ڪريان ڀلا ڇا
تہ ٿڪ ڏيندي
اکين منجهان من ڇُلي پوي ٿو
ءِ راز هر ڪو کُلي پوي ٿو!

## مُرڪ ۾ لُڙڪ

رات جو هيتري برسات پَئي
ڏينهن جو پَٽ سُڪا پيا آهن

ڦٽَ تي هَٿُ ڌَري چڙِهيو ٽم
مُرڪ ۾ لُڙڪ لِڪا پيا آهن

وَڻَ ٽِڻ، ڍورَ مِروُ ۽ ماڻهو
پنهنجي ئي ساهَ سُڪا پيا آهن

ٻير ڏُوٽي هئي مون ساري رات
هاڻ سڀ انگ ٿَڪا پيا آهن

## رات – راتاهو

وقت تہ حرڪت جو نالو آ
ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ
حرڪت برڪت جو نالو آ

رات انهيءَ لئہ هُوندي آهي
باکَ بکڻ تي لاکَ لڳڻ آهي
ٽَهہ ٽَهہ ڳوڙها رُوئندي آهي

پر تو مون جا گڏجي گهاري
ڏِيئي سان گڏ جلندي جلندي
رات اَجل جِي ڪوجهي ڪارِي

جنهن ۾ اُڀ تي تارو ناهي
ڏکڻ اُتر اولهہ اوڀر
چوڌاري جُهڙ ئي جُهڙ آهي

رات هُئي يا هو راتاهو
لاٽَ جيان جو ڳاٽُ کڄيو تي
اُن جي لاءِ هُيو بس ڦاهو

پنبڻن سان وَٽ کي سوريوسين
لاٽ للاٽ جيان ٽي ياسي
گڏي گوڏو سُورُ اوريوسين

منهنجي من ۾ آس اِهائي
ٽَن ۾ ٽانگهيل تاسَ اِهائي
ڏُر ڪان باسيل باسَ اِهائي

ڪُليل دريءَ مان هيرَ گهُلي جا
لال گُلال ڳِتي کي چُمندي

**تنهنجي وارن منجهه گهُلي سا**

پهريون سونو ڪِرڻو سج جو
تنهنجي مُک جي سورج گُل کي
اِيئن چُمي جئن آءُ چُمان ٿو

واءُ سٽائو نيٺ ته ورَندو
گُم ٿي ويندي سڀ اونداهي
اُڀ تي سورجَ گولو ٻَرندو

پڌرو ٿيندو لِڪڙو ناهي
هڪڙيءَ رات ڪان وڏيڪ ڪٿي
سورج ڪنهن ٻَرِ تڪڙو ناهي!

## جيڪڏهن

جيڪڏهن سچ چوڻ گهري ٿو ڪو
ڪاڪڙي ڪان ڇڪي زبان وٺوس
جيڪڏهن سِر ڪٽڻ گهري ٿو ڪو
ته ڪلهن تان ڪپيوس اڇلايوس!

## هوءَ چپي ٿي

هوءَ چپي ٿي  تہ ٿا چون ماڻهو
”آءُ هُن تي مرڻ لڳو آهيان“
آءُ مُرڪي چوانس ٿو ”پياري:
سچ پڇين ڪُوڙ ٿا بَڪن ماڻهو
آءُ توتي مرڻ لڳو ناهيان
آءُ توتي جيئڻ لڳو آهيان!“

## سِنڌوءَ تي لامارا آهن

پنهنجا دريا وڪٽي هاٽي سنڌوءَ تي لامارا آهن
ڪالاباغ آڏڻ وارن جا اندر ڪيڏا ڪارا آهن

ماريا ڪوهہ اُنهن کي مارين، هي بہ تہ ڪنهن جا پيارا آهن،
ڪنهن جي ڇهري جا چنڊ آهن، ڪنهن جي اک جا تارا آهن.

وسري ويٺڙيون سپ وڃائُون، لهرين ساڻ لهان تي لائون،
وِچَ سِيرَ ۾ آهيان آئون، ڪيڏا ڏور ڪنارا آهن.

سُورَ اٿم سيني ۾ ڪيڏا، ڪوهہ پڇين ٿو سَرتا! جيڏا!،
ايڏا ايڏا ايڏا ايڏا، جيڏا اُپ تي تارا آهن.

پوڳي بہ ڇڪا آهن ڪافي، سنڌين کي ڪا ملندي معافي،
سياستدان اديب صحافي، ڪامورا وس وارا آهن.

سپ رستا شهر اڇڻ وارا، اهڙا جهڙا اُيا ڪاوا،
ڳوٺ وڃڻ وارا سپ رستا، چانڊوڪيءَ جا چارا آهن.

## هيلوڪو وري آ

هيل ٻہ ڏاڍا سيءَ پِيا ڙي
پوهَ ٻہ لاٽا لوهَ ڪِيا ڙي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

ڪپاهن ۾ تار تران ڙي
توريءَ آءُ جيان نہ مران ڙي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

توبن ساجن جاڙ جيان ڙي
چو نہ انهيءَ کان زهر پيان ڙي
هيلوڪو وري آ
هيلوڪو وري آ

## پٽ تي ليڪ

هڪ ايڊيٽر
ڪلهہ رات مليو هو
”سگا“ وارن جي فنڪشن ۾
۽ هن مون کان شعر گهريو هو
۽ مون هائوڪار ڪئي هئي
هاڻي جڏهين
شعر اُتارڻ وينو آهيان
ميڻ بتيءَ سان
پاڻ بہ ڳارڻ وينو آهيان
توکي
تنهنجي ڳالهين کي سارڻ وينو آهيان
جيڪي ڪنڌ ڪُلهي تي لاڙي
سُرياڻن ۾ چيون هئي
پر تنهنجي منهنجي قصي ۾
ٻيا بہ تہ ڪيئي نانوَ هُيا
ڪي مور هيا
ڪي چور هيا
ڪيڏا چيٽا پور هيا
جن تنهنجي من ۾ مير پريو
ان کان پوءِ ڪڏهن بہ تو
ڪنڌ ڪلهي تي ڪونہ ڌريو!
هاڻي جڏهين
شعر اُتارڻ وينو آهيان
تڏهين
هڪ اڌ بند لکي
ڦاڙي ڇڏيان ٿو ڪاڳر کي
اهو سوچي
تہ ڪنهن جو ناءُ گٽيان
چورن جو

مورن جو
يا ڇيٽا ڀورن جو!
مڪارن جو
عيارن جو
غدارن جو
ڪنهن جو ڪنهن جو نانءُ ڳڻيان
۽ جيئري ئي مٽيءَ منجهه لٽيان!
ڀوءِ نئون مان نظم لکڻ چاهيان ٿو
۽ اهڙو نانءُ ڪڍڻ چاهيان ٿو
جيڪو ڪتجي ڪونہ سگهي
جيئري ئي مٽيءَ ۾ لٽجي ڪونہ سگهي
اهڙو نانءُ رڳو هڪڙو ئي آهي
سنڌڙيءَ جو نانءُ
جنڌڙي جو نانءُ
آءُ لکان ٿو ڪاڳر تي
ليڪ ڪڍان ٿو پٿر تي!

# شاعر

هيترن سارن ستارن وِچَ ۾
چنڊ ايئن آهي اڪيلو ءِ اُداس
بيوقوفن جي جهان ۾
جئن اڪيلو عقلمند!
عقلمندن جي جهان ۾
جئن اڪيلو بيوقوف!

## سنڌڙي - جندڙي

لاڙ اُتر ۽ ڪاڇو آهيان
تنهنجو ئي مان پاڇو آهيان
سِنڌڙي جِندڙي
جِندڙي سِنڌڙي

مان ئي اَنچر منچر آهيان
ڪارونجهر ۽ ڪينجهر آهيان
سِنڌڙي جِندڙي
جِندڙي سِنڌڙي

ڏکڻ، اُتر، اولهہ، اوڀر
مان ئي سروور، سنڌو ساگر
سِنڌڙي جِندڙي
جِندڙي سِنڌڙي

ڳوٺ بہ منهنجا شهر بہ منهنجا
ڀِريان پوبان ڀَر بہ منهنجا
سِنڌڙي جِندڙي
جِندڙي سِنڌڙي

## اڇڻ ڳهرين جي

تون مون ڏانهن
جڏهن به
ڪڏهن به
ڪٿي به
جٿي به
ڪيئن به
جيئن به
اڇڻ ڳهرين جي
اِڇي سگهين ٿي!

سهه سياري ته پاري ۾
ٽڙڪڻ جي هجي جڏهن به تاري تاري ۾
تڏهن به
وسنديءَ وِلهَه ۾
مَڄُ مچي جيئن
تيئن
مچڻ ڳهرين جي
مَڇي سگهين جي!
جڏهن به
ڪڏهن به
ڪٿي به
جٿي به
ڪيئن به
جيئن به
اڇڻ ڳهرين جي
اَڇي سگهين ٿي!

سانوڻ ۾ من پانوڻ ۾
ڪِنوٽين جا ڪِلڪارَ ڪري

چوڏارِي چِلڪارَ ڪري
هارَ ڪري
سورنهن ئي سينگارَ ڪري
ٻَجندي ٻَجندي
ٻِجندي ٻِجندي
جهنگ ۾
رنگ رچن جيئن
تيئن
رَچڻ گهرين جي
رَچِي سگهين ٿي!
جڏهن بہ
ڪٿي بہ
جٿي بہ
ڪيئن بہ
جيئن بہ
اچڻ گهرين جي
اَچِي سگهين ٿي!

## مان راڳي – ويراڳي

مان راڳي
مان ويراڳي
ڪرڻا ڪِرڻا سُر سرجيان ٿو
ننڊ ڦٽائي راتيون جاڳي
گلڙن جهڙا گيت رچيان ٿو
پن ڇڻ پوءِ بہ اُهائي ساڳي
پره پکين سان لات لنوان ٿو
پر ٿو اُيري ڏينهن ڏهاڳي

مان راڳي
مان ويراڳي

## عهد

اچو اڄ اِهو عهد ڪريون اي يارو
تہ پنهنجي وفائن جو بي داغ جوين
نگاهن جو مُرڪڻ ۽ سينن جو ڌڙڪڻ
محبت جو اخلاص ڳوڙها ۽ دامن
حياتيءَ جا نوحا حياتيءَ جا نغما
وطن لاءِ آهن وطن لاءِ آهن!

## مَلُوڪان موت – مرُوئان شڪار

لوڏ ڪُتن جي پوئتان، اڳيان سُوئر ڦر
ڪيتيءَ واريءَ ڪانهہ ۾، ملوڪن جو شڪار
گهوڙي تي دونال سين، ويٺل هڪ نيڪارُ
سوليءَ سنڌيءَ ۾ چون، جنهن کي ٽا ٻوتارُ

ٻجندڙ سوئر تي ڪٽي، چوڙيائين هڪ نال
گهوڙي ڪاڏو ٽاهہ ۾، مِروءَ بہ ڪاڏي موٽ
ڦهڪو ڇُڏي ۾ ڪيو ، گهوڙي تان ٻوتار
ٻوءِ ڏٺو منهنجي اکين، منظر هي "امداد"
هڪ سُوئر ڦاڙيو ڇڏي، ٻئي سُوئر کي ڪيئن!

## اُڀ تي تارو ڪونهي

اُڀ تي ڪوئي تارو ڪونهي
بَن ۾ ڪو ٽانڊاڻو ڪونهي
چانڊوڪيءَ جو چارو ڪونهي
اُڀ تي ڪوئي تارو ڪونهي

ڪوئي سنگ سهارو ڪونهي
ڪنهن مومل جو ماڙو ناهي
اُڀ تي ڪوئي تارو ڪونهي
بَن ۾ ڪو ٽانڊاڻو ناهي!

## جنگ

سرد ويران رات جو ماحول
هر گهٽي سيءَ ۾ پئي ٿڙڪي
هر ستاري جي پئي وڃي ڇاڙي
چنڊ ويچارو ڪئن نہ پيو لڙڪي
اڌ اُگهاڙن جوان جسمن ۾
دل اڳي ڪان وڌيڪ ٿي ڌڙڪي

در ۽ ديوار ساهہ ۾ سوڙها
شهر مان جڻ گهُمي ويو راڪاس
هيٺ وِهندي وڃي پئي ڌرتي
مٿي ٽيندو وڃي پيو آڪاس
شهر آهي يا آهہ قبرستان
جنهن جي قبرن تي ڪوبہ ڏوپ نہ واس

سر جهڪائي گناهگار جيان
وڻ اڪيلا پري پري بيٺا
ماٺ ۾ زرد زد پن ڇاڻين
۽ هوائون پڙهن پيون نوحا
آخري ساهہ پيو کڻي ڪوئي
يا پيا نوس نوس ڪن ڪُتا

شهر ۾ آهہ ڪرفيو آرڊر
جي ڪُليل آهہ ڪو دُڪان ڪٿي
تہ انهيءَ تي ڪفن وڪامي ٿو
جيڪو آهي جتي رهي سو اتي
ٿوري چُرپر جي موٽ ۾ گولي

زندگي آهہ اڄ هِتي نہ هُتي

جسم جو مُلهہ ڏبل روٽي
ڪير ٿو پيٽ تي ٻڌي پٿر
ٻار ڦٿڪي مري رهيا آهن
صرف هڪ اونس ڪير جي خاطر
موت رولاڪ آهي گهٽين جو
ڪو بہ اڄ رات پنهنجو ڪولي نہ در

رات جي مُنهن ۾ هڻ نہ رانپوٽا
وقت جئن تئن ڪري گذاري ڇڏ
جيڪي ٿيڻو هو ٿيو پنيان نہ نهار
جيڪي گذري ويو وساري ڇڏ
هڪ نئين نسل جي جيڻ جي خاطر
زهر پي وڃ ۽ پاڻ ماري ڇڏ

## ڏک جي آڏو

ڏکن سان
وڙهندو جهڙندو رهجانءِ
رَتو رَتُ ٿِجانءُ
نراڙتي ءِ ڇاتيءَ تي
نو سو نو ڏک جهلجانءِ
ڳيا ڳيا تي ويجانءِ
پر ڏک جي آڏو
هٿيار ڪڏهن بہ ڦِٽا نہ ڪجانءِ!

## زهر

چئون پيا
عرف عام ۾ جنهن کي پاڻ امرت
اَلا هُو زهر زندگيءَ جو
ڳھي نہ سگهجي
ٿُڪي نہ سگهجي!

## مون کي وقت نہ آهي

هو جو باهڙ چاهي، ڀل پيو باهي
مون کي وقت نہ آهي

تآهہ نڳيءَ جا تاهڙ چاهي ڀل پيو تاهي
مون کي وقت نہ آهي

ايجنسيءَ جو ماڻهو آهي يا ناهي
مون کي وقت نہ آهي

ماڻهو بہ الائي آهي ناهي ڇاهي
مون کي وقت نہ آهي

گار ڏئي يا گل هڻي جيڪي چاهي
مون کي وقت نہ آهي

## غزل نيڻ

رُئڻ سان سجل نيڻ ٿي ويا سندءِ
ڪجل ئي ڪجل نيڻ ٿي ويا سندءِ
ڪلڻ سان ڪنول نيڻ ٿي ويا سندءِ
غزل ئي غزل نيڻ ٿي ويا سندءِ

## ٻن وهاڻن جيان

زهر لڙڪن جو پِي ويا آهيون
تنهنجي خاطر ڪلي پيا آهيون

هِڪَ ئي بستري تي تون ۽ مان
ٻن وِهاڻن جيان پيا آهيون

پوءِ تنها ۽ پهريان رسوا
جو بہ ٽيڙو هُيو ٿيا آهيون

جيستائين بہ سِڪ سَڳو سوري
تيستائين هليا ويا آهيون

حال احوال بس اِهو آهي
تو بنان جاڙ ئي جيان آهيون

صرف هڪ ليڪَ آهيون ليڪن
تنهنجي هٿ تي لِکيا پيا آهيون

پاڻ پنهنجا ڪڏهن ٿياسين ڪونہ
سي بہ تنهنجا ٿيا پيا آهيون

## پاراتو

وطن جو لاش ڪفن ڪان بنان پيو آهي
۽ ڪوبہ ڪونهي جو روئي ۽ هاءِ هاءِ ڪري
تمام مصلحت انديش ماٺ ۾ آهن
خدا ڪري تہ انهن جو بہ ڪو عزيز مريا

## نہ ڪو ڪتبو نہ ڪا تاريخ وفات

نہ ڪو ڪتبو نہ ڪا تاريخ وفات
نہ ڪو خيرات نہ ختمو نہ درُود
نہ ڪو ريشم نہ ڪو اطلس جو غلاف
نہ مجاور نہ ڪو سجاده نشين
نہ زيارت ۽ نہ ڪو نذر نياز
نہ خليفو نہ ڪو چڳ وڏيا مرشد

نہ ڪو ميلو نہ ڪو سائو سومار
نہ ڪو شوڪارو نہ توٽو ڦيٽو
نہ ڪو چوڏو نہ ڪو پڙهيل پاٽي
نہ ڪا سلفي نہ ڪو آبو شابو
نہ ڪو پوتار نہ قبلو ڪعبو
نہ ڪو بابو نہ ڪو ڏاڏا سائين

نہ قوالي نہ ڪو ڏمچر نہ ڌمال
هست ۽ بود نہ ڪو وجد نہ حال
وعظ آهي نہ ڪو آهي مولود
چنگ آهي نہ چڙو وڻ ۾ ٻڏل
نہ ڪو نوحو نہ ڪا سينا ڪوبي
نہ ڪو سجدو نہ ڪا چائنٺ نہ ڪو در
نہ ڪو حُجرو نہ مُصلو نہ عصا
نہ ڪا تسبيح جي داڻن جي ٻَٽَپ
نہ ڪا دستار نہ ڪو عمامو
نہ حويلي نہ ڪا گولي ٻانهي
نہ ڪو ٻانهون نہ ڪو گيسو نہ بدن

ڪير دفن آهہ هتي ڪهڙي خبر
ڪير دفن آهہ هتي ڪهڙي خبر

## روز نيون فتوائون

هيڏيون ساريون دعوائون
تن ۾ بس آئون آئون

روز نوان الزام مٿم
هر روز نيون فتوائون

ڪنهن جي ڪاڻ ڪيون ڇا لئہ
ڪنهن جو بہ ڪونہ ٿا ڪائون

او غدار ٻڌاءِ ڪٿي
منهنجو آ نمبر ڪائون!

پڪي اُڏريا، ڪچي وييون
جمڙائو تڙ جون ڇائون

آءُ ائين ئي پاڻ ملون
لهريون جيئن لهن لائون

# اڪڙيون ڳڙڪين جيان

مون وٽ هڪڙي سٽ لکي پئي آهي صدين کان
تنها آهيان، ملين تہ جيڪر دوهو ٻڻجان ها

ننگي اُپ کي هٿَ نہ آهن، بستر ڍڪي ڇا سان
گهاتا وڻ پاڙان پٽجي ويا، منهنجي رستي مان

ڪارونجهر جي ڪورَ مٿان، آهہ ٿهو ڪيو مور
ساڳي گونج اچي ٿي گجندي، گاج ڪير ٿر تان

ڪيچ وٽڻ ڏي ويندي سسئي، پڇيو مروئن ڪان
وِندر جي هن وات مٿي ڪٿ، آهہ ادا ڪا ڇان

ٻانهن ۾ ٻل ناهي ڇاهي، هيٺو ناهي هان،
جان جان جيءَ جُسي کي جوکو تن تانگهي تان تان

سجُ سڙي تہ اهائي آهي، ڪانون جي ڪان ڪان
چنڊ اولڙو ڏسي کوهہ ۾، ڏيڏر ڪن ٽان ٽان

پيٽرول کي هٿ سان هاري، تيلي ڏيکاري
ٻوٽي بدران گُلشن ٻاري، ڪيچ ڪٽيو هو اُن

جِيَ جيبون ۾ اُماڙ اکيون، دانگيءَ جهڙي دل
ٿوهر – هٿ ۾ امرت بدران، زهر پيريل هو ٿان

ڏرتيءَ ڪنوار مٿان ڦُل چوندي، سُورج لهندو لان
اوير پاسي اُپٽي رکجو، اکڙيون ڳڙڪين جان

## آرسيون

سرد هوائون تيز ٿيون
گُل ٿي وييون روشنيون

پنهنجي شڪل پئي پسجي
چئني پاسي آرسيون

لڙڪ ته ڪارو سمنڊ آهي
ڪنهن جي لئه هي زهر پيون

تون به ته ناهين پاسي ۾
جيون ته ڪنهن جي لاءِ جِيُون؟

## روشني اُداس آهي

هي چنڊ آهه يا پِيلو گلاب آهه چِڳل
اُداس آهين ته دنيا سجي اُداس آهي
ٽڙي ٿو جو به سو پتجي وڃي ٿو ڏانديءَ تان
گُلن جو حشر ڏسي هر ڪلي اُداس آهي
مريض بلب، لتاڙيل گهٽي، ٿڪل "امداد"
گٽر جي اولڙي ۾ روشني اُداس آهي

## هڪ شاعر جو موت

سلپنگ پلز کائڻ کان اڳي مان سوچيان ٿو
تہ پنهنجي وقت جو شيڊول ٺاهيندس سياڻي کان
سويري صبح جو اُٿندس
۽ پهريائين ڏٺيءَ جو ناءُ ڳنهندس
اُنهيءَ کان پوءِ لکڻ ويهندس
ڪويتا ڪائي لکندس
ڪويتا ڪونہ لکندس، بلڪ ڪوئي نظم لکندس
(ڪويتا جئن تہ هندي شبد آهي
جيڪو ڪاٺيءَ اک ۾ ڪنڍي جان چڀي ويندو
ڇُهي ويو آهہ ڪوڙ ۽ مصلحت جو مس – چٽو جنهن اک جو پاڻي!)

نظم ۾
غدار کي غدار هرگز ڪونہ لکندس
ڇو تہ اُن جي پاءَ، چاچي،
سوٽ يا ماسات، مامي يا . . . پُٽيلي
جي هٿن جي رينج ۾ آهي ڳچي منهنجي
۽ هو منهنجو قلم مون کان کسي
منهنجي ئي سيني ۾ تنبي ڏيندو!
نہ ڪو قاتل کي قاتل
نہ ڪو مقتول کي مقتول لکندس
( ڇو تہ قاتل پاڻ ئي مصنف جي چوغي کي سنڀاليندو
عصا بردار جي ڪڍ عدل جي ڪرسيءَ ڏي وک وک ٿو اچي وڏندو!)

جو پنهنجي ئي گهٽيءَ ۾
پنهنجي گهر آڏو
بنان ڪنهن ڏوهہ جي ماريو ويو هو
(اِهو ڇا ڏوهہ گهٽ آهي تہ هو ڌرتيءَ جو پُٽ هو!)

اُهو منهنجي لکڻ سان ڪونہ جِي سگهندو!

سليپنگ پِلز جي لپ ٿو ڦڪيان
۽ سوچيان ٿو
تہ پنهنجي وقت جو
شيڊول
ٿاهيندس – سياٽي – ڪان
س- پ – ا – ڻ ڻ...

## حالَ احوالَ

حالَ احوالَ اُهي ئي آهن
تہ اُها رات اڃا جاري آ
تالَ تِيتالَ اُهي ئي آهن
حالَ احوالَ اُهي ئي آهن

ڪَرَدجالَ اُهي ئي آهن
ڪوڙ جي سچ مٿان ساري آ
حال احوال اُهي ئي آهن
تہ اُها رات اڃا جاري آ

## اِي لکڻ ناھہ تہ...

وڇڙڻو ئي اگر آهي تہ ملڻ ڇاجي لاءِ؟
رَتُ ئي آھہ جي رُٺو تہ کِلڻ ڇاجي لاءِ؟

رَڙ ئي ڪونہ ٻڌي ڪو تہ رڙڻ ڇاجي لاءِ؟
لُڙڪ ئي ڪونہ اُگهي ڪو تہ رُئڻ ڇاجي لاءِ؟

گل ڇڄڻ لاءِ ٽڙن ٿا تہ ٽڙڻ ڇا جي لاءِ؟
جي مرڻ لئہ جيڻ آهي تہ جيڻ ڇاجي لاءِ؟

منهنجي نالي جيان تون ڇو نہ رهين ٿي مون سان؟
هِئن وڃڻ لاءِ اچين ٿي تہ اچڻ ڇاجي لاءِ؟

ڪير سسئيءَ کي اِها ڳالھہ وڃي سمجهائي،
روح ۾ آھہ پنهون، روھہ رُلڻ ڇاجي لاءِ؟

جو ڪُڇين ڪان ئي رڳو پير ڪپڻ ٿو ڄاڻي،
بي وڙي ساڻ پلا پير پرڻ ڇاجي لاءِ؟

جي نہ آهين تہ پلا فرق پوي ٿو ڪهڙو؟
اگر آهين تہ مڃڻ يا نہ مڃڻ ڇاجي لاءِ؟

لڙڪ کي لفظ ڪرڻ، لفظ ستاري جهڙو
اِي لکڻ ناھہ تہ امداد لِکڻ ڇاجي لاءِ؟

## اديب جي لاءِ

اهائي هٿ لڪير آهه هر اديب جي لاءِ
تہ جا بہ سِٽ لکي، پُرسلات تان اُڪري
اهو نصيب نہ آ ڪنهن بہ بي نصيب جي لاءِ
هُجون، هجون نہ هجون پوءِ ابنِ مريم پاڻ
صليب آهہ اسان ليءِ، اسين صليب جي لاءِ!

## باغي

زندگي آهہ يا جيڻ جو جرم
رات آهي يا عمر قيد آهي
ڏينهن آهن پهاڙ جهڙا ڏينهن
جن کي ٽُڪيان ٿو روز تيشي سان
آءُ فرهاد آهيان فرهاد
پنهنجي شيرين جي ياد جو قيدي
خُسروي تاج تخت جو باغي!

## مِلنداسين

ڪڏهن نہ ڪڏهن
ڪٿي نہ ڪٿي
مِلنداسين — مِلنداسين
مُڪڙين وانگي
گُل بڻجڻ لئہ
کِلنداسين — کِلنداسين
رستي تي يا ڪنهن محفل ۾، آمهون سامهون ٿي ويندا سين
هڪڙي لمحي لاءِ سهي پر، مرندي مرندي جي ويندا سين

ڪڏهن نہ ڪڏهن
ڪٿي نہ ڪٿي
مِلنداسين — مِلنداسين
مُڪڙين وانگي
گُل بڻجڻ لئہ
کِلنداسين — کِلنداسين
چانڊوڪيءَ ۾ سِنڌُوءَ تي يا، سمنڊ ڪناري سانجهيءَ ٽاڻي
ڪينجهر تي يا منڇر تي پَڪ، ڪارونجهر تي اڄ نہ سياڻي
ڪڏهن نہ ڪڏهن
ڪٿي نہ ڪٿي
مِلنداسين — مِلنداسين
مُڪڙين وانگي
گُل بڻجڻ لئہ
کِلنداسين — کِلنداسين
مِلڻ کِلڻ جي کِلڻ مِلڻ جي، آس ڪڏهن بہ نہ لاهينداسين
وقت اسان جي وس ۾ هوندو، ٿيندو سو جو چاهينداسين

ڪڏهن نہ ڪڏهن
ڪٿي نہ ڪٿي
مِلنداسين – مِلنداسين
مُڪڙين وانگي
گُل بڻجڻ لئہ
ڪِلنداسين – ڪِلنداسين
اَنڌلٽي اٿاسڪ پنا، هَٿ تي هٿ رکي لڪنداسين
سِڪ ئي سڀ ڪجھہ سيکاري ٿي، سِڪ کان ئي سڀ ڪجھہ سکنداسين

ڪڏهن نہ ڪڏهن
ڪٿي نہ ڪٿي
مِلنداسين – مِلنداسين
مُڪڙين وانگي
گُل بڻجڻ لئہ
ڪِلنداسين – ڪِلنداسين

## دانُ – وردانُ

رات ڪاري سهي
۽ جهڙ به سهي
۽ ڏيو گُلُ سهي
طاق ويران به سهي
ٻاهران در جي گهڙولُڙ به سهي
آءُ حيران پريشان سهي

هوءَ چي ٿي تہ : "ڪڏهن
سڄُ حيران پريشانُ نہ ٿيو – چا بہ ٿيو
سڄُ جڏهن
سونَ جي ٿالهہ مان مُنيون پري اُچلائيندو
ڪرڻن جون ڪنڪ دار اشرفيون ايندو

ڪنهن بہ مت پيد بنان
جنهگ ۽ جَهر
بحر ۽ بَر
ڳوٺ ۽ شهر
سڄي سنڌ مٿان
پوءِ سڄي عالم تان
ڦهريان ڪنوارا ڪرڻا
جيئن وركائيندو مٺيون پري
ڪرڻن جو ڪنڪ دار اشرفيون سانولَ
تيئن ٿي پاڻ ٻئي
جهول جهليندا سين سڄيندا سين اڪيون اوير ڏي
ڦهريان ڦهريان ڪنوارا ڪِرڻا
پوءِ اهو دانُ سهي
پوءِ اِهو وردانُ سهي!"

## ڪِرٽي جهڙو پل

هونئن تہ ساري جِندڙي، مايا ڇايا ڇَلُ
اَجهل اَمُل مهراڻ جو، امرت ڏارا جَلُ

لُڙڪ هجي تہ رکي ڇڏيان، ٽِشو پيپر منجهہ
مُٺ ۾ ڪئن پڪڙي سگهان، ڪِرٽي جهڙو پل

سهڻي جئن وچ سير ئي، سُپيريان جو سَٺُ
موج پرئي مهراڻ ۾، ٿي ويندا سين حَلُ

لِڪي ساري لوڪ کان، ڳرهيندا سين ڳُجهہ
گوڏو گوڏي سي گڏي، ڳل سين لائي ڳلُ

جهوراڻي ڪِي جيءَ سين، جِهرٽي جهڙي ڪارِ
سُور ڪري ويو ساهہ ۾، ري سِيراڻيءَ سَلُ

## ٻيرُين ٻيرَ جهليا

ٻيريُن ٻيرَ جهليا
ڪالونيءَ جي روڊ تي
ٻارَ جهليا نہ ڀَليا!

اوجاڳو ۽ جَڪَ
مان، رات، سگريٽ
ٽي ويندا سين رَڪَ!

ڪمرو ڪوري جيئَن
جهرڪيءَ آنا ڦوڙيا
پڪو هلايان ڪيئَن!

## چار شوري جون هوائو!

چار شوري جون هوائو!
ٽورڙو هوريان گهُلو
تن اڳيئي آ تنور
ٽامڻي ڏرتي
۽ سِجُ
ٺيڪ تارُونءَ جي مٿان
جڻ ٽِڪ ٻڏل
۽ گهر بہ ڏُور

چار شوري جون هوائو!
ٽورڙو هوريان گهُلو
اڄ ۾ هڪڙو لهوءَ جو لڙڪ آهي
جيڪو آئيءَ ويل جي لئہ مون بچائي هو رکيو
سو اُهو هڻدو ٻِٽو ٻاڙهو ڪندو، سورج جيان لڙندو وڃي!

چار شوري جون هوائو!
ٽورڙو هوريان گهُلو
ڪجهہ لکيل، ڪجهہ اڌ لکيل، ڪنهن اڻ لکيل
جيڪي پنا
ميز تي آهن رکيل
سي اُڏارينديون وڃو
ياد پارن جي ڏيارينديون وڃو

يار جيڪي ها هيين جون ٽوڪيون
ڏينهن جو سِر تي ڇمر جي ڇانوَ ها
رات جو مڌ جي پيالي منجهہ تُرڳيا چنڊ جان
پَنَ جي ٻيڙي بہ هڪ هڪ ڦُوڪ هئا جيئندا هئا
هڪ پيالي مان بہ هڪ هڪ سُرڪ سُرڪيندا هئا
پور مانيءَ مان بہ هڪ هڪ ڇَڪُ اُوڪِيندا هئا

سڏ ساڻ سڏ ڏيندا هئا
هڪڙو نہ ڪيئي نانوَ ها
روبرو پَرپُٺ حوالي طور جيڪي فخر سان ڪٽبا هئا
تسبيح جي داڻن جيان ڳڻبا هئا
ننگ مولا تي رکي
ٻول تن جيڪي ٻڌا
جيڪي ڪيائون واعدا
“سنڌ جي لئہ هئن ڪنداسون
سنڌ جي لئہ هونئن ڪنداسون. . . ”
سو نشي ۾ جڻ تہ اُو وِڦليا هئا
ٻول سي ۽ قول سي
سگريٽ جي دُونهين جيان وِکري ويا!

يار جيڪي جڻ تہ ها ڪي زرد پن
درد جي رُت ۾ ڇڻيا هھڙين هوائن منجهہ
سائي شاخ تان!
جت هجن
خوش رهن اُو شال پنهنجي خرچ تي!

ڇام شوري جون هوائو!
ٽورڙو هوريان گهُلو
رَکَ ۾ آ ڇڻنگ
سا ڏکندي پيڙ ٽيندي وجي
لوڊشيڊنگ ۾ ڏيي جي لاٽ تي پڙڪا ڪري
۽ مٿان ڪان
آسمان ڪان
وچ تي ڪڙڪا ڪري!

ڇام شوري جون هوائو!
ٽورڙو هوريان گهُلو

## پَسيون سون پرياتيون

خون ڪٿوريءَ جي خوشبو
واسي وئي وِلايتون

ڳوٺ ڳوٺ ۾ مون تنهنجون
ڳيرو ڳالهيون ڳاتيون

پيهي آيا پاڻ پرين
پسيون سون پِرياتيون

جيئي سنڌ چئي ڪوئي
جيءَ وجهي ويو جهاتيون

## شعر لکڻ جي لاءِ

مون وٽ سِٽ لِکڻ جي لاءِ
تو وٽ سِٽَ سِٽڻ جي لاءِ

سانول بادل بڻجي آءُ
ڪرڪي ويس وسڻ جي لاءِ

صورت مورت ۽ سينگار
ماندو لوڪ ڏسڻ جي لاءِ

ڪائڻ لئہ بس مانيءَ پور
۽ فٽ پاٿ سمهڻ جي لاءِ

سِرشتيءَ جي تہ سرجڻهار
سَر جي سُونهن سڄڻ جي لاءِ

هڪڙي تنهنجي سارَ سواءِ
ڪونهي ڪجهہ بہ ڪرڻ جي لاءِ

ڪائڻ جي لئہ دوڪا
آهن لڙڪ پيڻ جي لاءِ

ڪيڏيون ڳالهيون ڳالهايونم
هڪڙيءَ ڳالهہ چوڻ جي لاءِ

ڪيڏا پنا ڦاڙيم رات
هڪڙي شعر لکڻ جي لاءِ

ڪاش ملي ها ويساند
ٿڏو ساهہ پِرڻ جي لاءِ

## سانولڙي سانجهي

سانولڙي سانجهي آئي
آءُ اُهائي تنهائي

تارو تارو گهاءُ لڳي ٿو
وٽ جو ويري واءُ لڳي ٿو
گهٻرائي دل گهٻرائي
آءُ اُهائي تنهائي
سانولڙي سانجهي آئي

هر ڪو موٽيو پنهنجي گهر ڏي
منهنجا نيڻ اهي ئي در ڏي
دور وڄي ٿي شهنائي
آءُ اُهائي تنهائي
سانولڙي سانجهي آئي

ميڙيون منٿون مڃ وو سائين
انگ لڳائي وڃ وو سائين
سيني ۾ سِڪ سامائي
آءُ اُهائي تنهائي
سانولڙي سانجهي آئي

## ڪجھ ڪونہ سُجهي ٿو

هو ڳالھ جڏهن منهنجي ٻُڌي ٿو نہ ٻُجهي ٿو
سگريٽ پيڻ کان سوا ڪجھ ڪونہ سُجهي ٿو
هو ڳالھ جڏهن منهنجي ٻڌي ٿو ۽ ٻُجهي ٿو
سگريٽ پيئڻ پيڻ کان سوا ڪجھ ڪونہ سُجهي ٿو!

## ڪيتري پياري لڳين ٿي...!

ري ڪجل ڪارين اکين ۾ تون ڪجل پائين جڏهن
ڪيتري پياري لڳين ٿي هانءُ هِرڪائين جڏهن

جئن نديءَ ۾ لهر اهڙي لهر لهرائين جڏهن
اکڙين، بي شرم اکڙين ساڻ شرمائين جڏهن
ڏيانَ جي ٻُڙڪيءَ منجهان هر هر لِيو پائين جڏهن
مِڏر ۽ مڏم سُرن ۾ ڳيت ٿي ڳائين جڏهن
مُندَ کي پهراڻ پنهنجو پاڻ پهرائين جڏهن

ڪيتري پياري لڳين ٿي هانءُ هِرڪائين جڏهن
ري ڪجل ڪارين اکين ۾ تون ڪجل پائين جڏهن

ٿڪڙن جا فُل ٿي قول ورڪائين جڏهن
ذات کي جو ڏانءُ ڏي سو ٻول فرمائين جڏهن
گل گلابي گل ڏيڻ ٿي خارَ ٿي کائين جڏهن
ڪوڙ مان يا سچَ مان تون گهنڊ ٿي پائين جڏهن
نُور جو سُنهن گهور گهري گهورَ سان گهائين جڏهن

ڪيتري پياري لڳين ٿي هانءُ هِرڪائين جڏهن
ري ڪجل ڪارين اکين ۾ تون ڪجل پائين جڏهن

مُرڪَ جي هڪ سُرڪَ سان ئي سُورَ سرچائين جڏهن
پيار جهڙا ئي پيارا پُورَ پرچائين جڏهن
باز جان جهڙپي جهٽي دلڙي چنبي چائين جڏهن
ڪجھ نہ چوندي صرف اکين سان ڳُجهُ ڳالهائين جڏهن
منهنجو من اُلجهائي اُلجهيل وارَ سُلجهائين جڏهن

ڪيتري پياري لڳين ٿي هانءُ هِرڪائين جڏهن
ري ڪجل ڪارين اکين ۾ تون ڪجل پائين جڏهن

## مانَ اچي سانول!

جهومي برسيو بادل
مانَ اچي سانول!

مورُ ٺهوڪيو، ڪُوڪي ڪويل
لڙڪ ڦڙا پنبڻن ۾ پوئل
مانَ اچي سانول!

پَل پَل اهڙو جهڙو پايَل
هانءُ بہ گهايل پيرَ بہ گهايل
مانَ اچي سانول!

اندر ساڙو ٻاهر جَل ٿَل
تاڙي تاڙيو، جهوميو جهنگل
مانَ اچي سانول!

## آکيري کان ڏُور...

آکيري کان ڏُور پکي مان
بي ڏس ۾ مجبور پکي مان
رات بہ آهي پڃري وانگي
پهر پهر آ جڙ ڪا تيلي
مان تيلي تيلي ٽوڙيان ٿو
جاڳيل اوجاڳيل نيڻن جو
ٽُٽل سپنو جوڙيان ٿو
اوپر ڏانهن سَچي اکڙيون
ڪڏان نہ ٿو کوڙيان ٿو

## گهر هليا گهوٽ پرين!

مُندَ ڪاڏي موٽَ پِرين
گهر هليا گهوٽَ پِرين
ڇنن ڇنن ڇُلي ڇُلي ڇولي وئي
آلا ڇولي وئي
تاڙي جي تاڙ ڪندي ٻولي وئي
آلا ٻولي وئي
گهوريان توتان نوٽَ پرين
گهر هليا گهوٽَ پِرين
مُند ڪاڏي موٽ. . . !

جُهڙ ٿيو لُڙُ لٿو جهوري وئي
آلا جهوري وئي
لُڙ ٿيو لوڙهه لٿي لوري وئي
آلا لوري وئي
پَلَرَ جي پالوٽ پِرين
گهر هليا گهوٽ پِرين
مند ڪاڏي موٽ. . .!
هانءُ ويو هانءُ ويو هٿن منجهان ڙي
آلا هٿن منجهان ڙي
واس پيو ڇلڪي سڄڻ گُلن منجهان ڙي
آلا گُلن منجهان ڙي
جوڙي ڏئين جوٽَ پِرينَ
گهر هليا گهوٽَ پِرين
مند ڪاڏي موٽ. . .!

## رات جي سانت

رات جي سانت پئي گيت ڪوئي آلاپي
روح جي ڪوهه ۾ پيو چنڊ لِياڪا پائي
هر ستاري جي تتل تند پيو ڪو تاڻي
هير پنبڻين تي رکي جڙ تہ ڪپهہ جون پوڻيون
هوريان هوريان پئي ننڊ هندرو واڻي

## اِهائي هڪڙي دعا اٿم

ٻيو مان گهري بہ تہ ڇا گهران، بس اِهائي هڪڙي دُعا اٿم
منهنجي زندگي بہ خدا ڪري، تہ ملي اوهان کي وڃي صنم

تنهنجي هر جفا کي وفا چيم، تنهنجي درد کي بہ دوا چيم
تنهنجي بددعا کي دعا چيم، تنهنجي هر ستم کي چيم ڪرم

جي هلين تہ آءُ ڪڪر ٿيان، جي ٽِلين تہ مورَ جيان نچان
۽ اُتي اُتي رکان اکڙيون، تون جتي جتي بہ رکين قدم

پوي فرق شل نہ ڪو پيارَ ۾، ڪوئي وڇڙي شل نہ بهارَ ۾
رهي نينهن شال نهارَ ۾، نہ پُري ڪڏهن بہ سندم ڀرم

## رت سين ريٽا ڳيت

لِک نہ اهڙو ليکُ، لِک نہ جنهن ۾ لوءِ جي
تِکَ نہ جنهن ۾ تيکُ، سِچُ سياٽي جو ڪري
ليک نہ اهڙو لکُ، ساک نہ جنهن ۾ باک جي
سِٿَ اُهائي سِکُ، سُک آٽي جا سنڌ تي
ليکي ساڻ لکيوءِ، ليکڪڙا جو ليکڙو
سڄي ڄمار سِکيوءِ، ڪاڳر کي ڪارو ڪرڻ
ليکڪ ايئن نہ هوءِ، لفظ لکي جو لُڙ ڪري
اِي ڪانيرو ڪوءِ، چُلڙ چُٽي جو چُهنچ سين
رَت سين ريٽا ڳيتَ، هيڏي رُتِ رچيام جي
من سي اي من ميتَ، چپَ چُمن تنهنجا ڪڏهن

ڪيڏا وادَ وِوادَ، ڪَڄُ ڪري ٿو سَچَ تي
اَڄُ تہ اي امداد، هِڪ هِڪاٽي ٿي وڃي
گروي ذهن ضميرُ، لوئي جو نيلام گر
خنزيري تہ خميرُ، تو ۾ ڄائي ڄَمَ ڪان
خائن ۽ خنزيرُ، ڄڻُ ڪُڄڻ هڪ ماءُ جو
نيڻ – نياڻ نہ نيرُ، رَمق نہ ڪائي روح ۾
ڪڏهن ڇپبي ڪانہ، ڇاهيءَ منهنجي ڊائري،
ان ۾ ڇا ڇا ڇا نہ، لکيم لال لهوءَ سان
ڪوبہ نہ آس نہ پاس، ساڃن سين سڄڻيءَ سوا،
سرها سُواسَ سنداس، ويڙهيل وجود واس ۾

## باڪَ جي ساکَ

ساکَ سان ٿو چوان باکُ ڦُٽندي ضرور
رات کُٽندي ضرور
ٿورڙي دير لئہ آ انڌيرو تہ ڇا
ميل اڌ ميل تي آ سويرو ادا
بس رڳو ٿورڙو وِکَ کي تيز ڪر
جاڳندو رک اکين کي نہ ٿي بي خبر
ختم ٿيندو اَوس ڏکُ ۽ ڏوجهرو
سنڌ جي سينڌ مان صبح جو سوجهرو
ڇا بہ ٿي پئي ڪٽي آهہ ڦٽڻو ضرور
آ پٿُون پير جو پنڌ کُٽڻو ضرور
رات کُٽندي ضرور
ساکَ سان ٿو چوان باکَ ڦُٽندي ضرور

روشنيءَ جي اُجهايو متان پياسَ کي
اکڙين جي وِسايو متان آسَ کي
مسجدن ۾ اِجها ٻانگ آئي اِجها
گهنڊ گرجا منجهان بس اِجهو گُونجندا
سنک مندر ۾ وڄندا اِجهو ڪي اِجهو
دوستو
ساٿيو
پائرو پينرو
پَکِ پِرهہ جا پَکي لات لَنويندا ضرور
سوجهري کي پليڪارَ چوندا ضرور
رات کُٽندي ضرور
ساکَ سان ٿو چوان باکَ ڦُٽندي ضرور

## عشق اسلام

ٻيو سڀ خام آهي ئي آهي
عشق اسلام آهي ئي آهي

پنهنجي حصي ۾ ڪا تهمت
ڪو الزام آهي ئي آهي

ناهيون سقراط مگر هٿ ۾
وِهه جو جام آهي ئي آهي

ڪجهه نه هجي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾
اياز شيام آهي ئي آهي

پنهنجي سر تي ڪائي قيمت
ڪو انعام آهي ئي آهي

## چاهه

دل ۾ به گهر ۾ به رکندي ساڻ
ماڪيءَ ڪان به مٺو آهين
چاهه منجهاران چکندي ساڻ

## لُڙڪ ڪي لفظ ڪرڻ

لُڙڪ ڪي لفظ ڪرڻ ايترو سولو ناهي
باهہ جو سمنڊ ترڻ ايترو سولو ناهي

سنڌ جي لاءِ جيئڻ ايترو سولو بہ هجي
سنڌ جي لاءِ مرڻ ايترو سولو ناهي

نيڻ اوپر تي سڄي رات ڪُپائي رکيم
ايترو ڏِير ڏرڻ ايترو سولو ناهي

چوٽ ڪان شمع جيان روز سڄي رات ٻرڻ
۽ لڳاتار ڳرڻ ايترو سولو ناهي

صرف غدار جو رت آهہ گٽر جو پاڻي
ماءُ جو کيرُ ڪرڻ ايترو سولو ناهي

ڪوءِ سُک، ٻَنُ سُمهڻ، جانِ ۾ جَنڊي پائي
ڏيهَہ جا ڏُک ڏَرڻ ايترو سولو ناهي

جيستائين نہ لڳي آهہ لَهُوءَ جي لالي
رُتِ ۾ رنگ پرڻ ايترو سولو ناهي

سحر امداد سڄڻ ٻيو تہ سڄو لوڪ ڏُجڻ
۽ سڄڻ رِيءَ سَرڻ ايترو سولو ناهي

ها جڏهن پيار ڪبو آهہ تڏهن پيار بنان
پوءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪرڻ ايترو سولو ناهي

# هُن بن

هوءَ سياٽي وڄي رهي آهي
خوفِ تنهائي هاڻ ڪان آهي
۽ سُيان رات ٺيڪ هن ئي مهل
آءُ ڇا ڪجھ ڪري رهيو هوندس.
شعر شايد لکي رهيو هوندس
ساڻ سگريٽ پي رهيو هوندس!

## جيڏل شال جُڙي رهين

جيڏل شالَ جُڙي رهين
هو جيڏُل شالَ جُڙي رهين
هو جيڏل شال

جوڙ سجوڙ تين شل
تنهنجي اڱڻ تي گل گلابي
موتئي لال بهار

سُونهين پئي ساري سَٿ ۾
کهڙو لال جَڙيو تئي نَٿ ۾
ڪندُون ڪيرَ پيين شل
جيڏُلَ شال جُڙي رهين

ڏينهن ڪان پوءِ ڏڪڻ گُهليو آ
تنهنجي جهوليءَ چنڊُ جهليو آ
وَرَ سان تون ٻـ جيين شل
جيڏُلَ شال جُڙي رهين

هٿن پيرن تي ميندي لائي
ڪونج ڳچيءَ ۾ ڌُهري پائي
ڌُهرا دانَ ڏيين شل
جيڏُلَ شال جُڙي رهين

## ڄيڻ جيڏيون

ڏکيو آهـ ڄيڻ جيڏيون
وَتو آهـ وِهُـ جو پيڻ جيڏيون

## مون وانگي ئي

سنسار سڄو ئي سناٽيل مون وانگي ئي
ڪا رڙ آهي گهوگهاٽيل مون وانگي ئي

مٿو ڦريل پڪ سان منهنجو آهي ليڪن
اُڀ پڻ آهي گهوماٽيل مون وانگي ئي

رات ڪلاڄي ديوي سرسوتي آئي
جنب ٽيپ هڄي ڪاٽيل مون وانگي ئي

سورن ساڻي سنڌ الا ڪُورن ڪاٽي
چيٿاڙيل ۽ چيپاٽيل مون وانگي ئي

پيتل قاتل زهر اوٻاڇيان شبدن ۾
واٽي آهه وِهَه وهاٽيل مون وانگي ئي

ٽوٽ ٽڪر جان ڏرتي ٽونگي ساڻ وڄي
انت تري تاءِ اُساٽيل مون وانگي ئي

ڏينهن ٽيڻ تي روزانو هرڪو ڏيئو
ڪاراٽيل ۽ دونهاٽيل مون وانگي ئي

# هير گھلي

هِيرَ گُهلي
وڻ جهوليا
سُرَ ڇِڙيا
قول ٽِڙيا
پَئنر پنپوليا
هِيرَ گُهلي
وڻ جهوليا!

دل ڏڙڪي
من مُرڪيو
سِڪ سُرڪيون
هِيرَ گُهلي
وڻ جهوليا!

لاک رتي
ڪاک ڦُٽي
پنڌ پُنو
رات ڪُٽي
هِيرَ گُهلي
وڻ جهوليا!

# ڪير ڄاڻي

ڪير ڄاڻي تہ مون لکيا ڪنهن لاءِ
نظمَ، جن ۾ نهار آ ڪائي
انت پاتال جا ڇڏي گهوري
هر اکر ڄڻ تہ هڪ نگر آهي
رنگ سهسين هزار معنائون
هٿ ۾ ڄڻ تہ مورَ – پَر آهي

ڪير ڄاڻي تہ مون رچيا آهن
گيت ڪهڙا الاءِ ڪنهن جي لاءِ
هڪڙي اهڙي پرائي پنهنجي لاءِ
ٿو رهان بيقرار جنهن جي لاءِ!

# لکندس پيو ليک

کو چيچي يا نہ چيچي، آءُ تہ لکندس پيو ليک
گيت ۽ بيت، ترائيلَ، غزلَ ۽ ٽيڙُو
هر لکيل سِٽَ ٿي تہ هجي ڄڻ هٿ – ريکَ
کو چيچي يا نہ چيچي، آءُ تہ لکندس پيو ليکَ!

سنڌ جا آءُ تہ لفظن ۾ چٽيندس پيو ڏيکَ
ميتَ کي گيتَ ڪري آءُ مُنجيندس ميڙُو
کو چيچي يا نہ چيچي، آءُ تہ لکندس پيو ليکَ
گيت ۽ بيت، ترائيلَ ، غزلَ ۽ ٽيڙُو!

## جوالا

اسين پيٽ ٻُکيا اُگهاڙا ۽ نانگا
ارُوڪا اَرُوڪا اَٻالا اَٻالا
وِساريل وِساريل ڏِڪاريل ڏِڪاريل
نماڻا نماڻا نرالا نِرالا
اڪيلا اڪيلا تواڻِي تواڻِي
سدا چاڪَ چِڪندا سدا نيڻ آلا
اوهان وٽ اُجالا گهڻيرا گهڻيرا
اسان وٽ انڌيرا سُنوالا سُنوالا

مگر بنده پرور دٻائي نہ سگهندا
اهي زنگ آلود نيزا ۽ ڀالا
اسين پنهنجي دنيا جا سقراط آهيون
اسان جو مَرڪ زهر قاتل جا پيالا
اي آقائو! هر دور ۾ زنده آهن
اسان کا ئي منصور سرمد جا نالا

اوهين ڪيترائي لڳايو اي سائين
خيالن تي پهرا زبانن تي تالا
مگر ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ڦاٽي ئي پوندا
ازل کان هي سينن ۾ دُکندڙ جُوالا!

## جيڻ نہ مرڻ

سڄي سڄي رات جاڳڻ
سگريٽ تي سگريٽ ڇڪڻ
دونهين اکين ۾ اڇي وڃڻ
پاٺي جاٽي ٻنچر ٻچڻ
هيٺيون چپُ ڏندن ۾ اچڻ
سيني ۾ سُور – سَٽَ اُپرڻ
پر هڪڙي سِٽ بہ لکي نہ سگهڻ
ڪاڳر جو ڪورو رهجي وڃڻ
توبن اهڙو آهہ جيڻ
(هي تہ جيڻ نہ ڪو آهہ مرڻ!)

تنهائيءَ جو زهر پيڻ
پيٽ چپن تي رکي چڏڻ
تنهنجي سوچن ۾ گم ٿي وڃڻ
اُها تنهنجي ڪُئيڪ سروس ڪرڻ
سلائيس وِد هَنِي ۽ مکڻ
۽ مِلڪ ڪافي ناهي اچڻ
وار ڳُلهن تي کولي ڇڏڻ
اچي پاسي منجهہ وِهڻ
گوڏو گوڏي ساڻ گڏڻ
اڄ ناهي، ڪلهہ تہ هو سڄڻ
تنهنجو منهنجو اهڙو ملڻ!
مُرڪي سُرڪ سُرڪ سُرڪڻ
سُرڪي مُرڪ مُرڪ مُرڪڻ
مَکڻ مُرڪڻ، مُرڪڻ مَرڪڻ
۽ پوءِ ڪنڌ ڪلهي تي لاڙڻ
۽ ڪَن ۾ اهڙي ڳالهہ چوڻ
جهڙي ماکيءَ لارَ ڳڙڻ

اڄ ناهي، ڪلهہ تہ هو سڄڻ
تنهنجو منهنجو اهڙو ملڻ!

سڄي سڄي رات جاڳڻ
پر هڪڙي سِٽ بہ لکي نہ سگهڻ
من ۾ سور سوين سانڍڻ
پوءِ بہ ڪجهہ بہ لُڇڻ نہ ڪُڇڻ
اهڙو پنهنجو آهہ جيئڻ
(هي تہ جيئڻ نہ ڪو آهہ مرڻ!)

نہ ڪو ڪِلڻ، نہ کِيڻ ، نہ پِيڻ
تو بن ڪجهہ بہ ڪونہ اُجهڻ
جڏهن ڪجهہ بہ ڪونہ سُجهڻ
جڏهن ٻيو ڪجهہ ڪونہ پُڄڻ
تڏهن گهر مان نڪري وڃڻ
بي مقصد رستن تي رُلڻ
پٿر ٽڏي ساڻ ٽڏڻ
وٽن سان بہ نہ سُور سَلڻ
ڄڻ ٻن آڱرين جي وچ ۾ هئڻ
سگريٽ وانگي دُکندو رهڻ
لُڙڪ لُڙڪ لُڙڪ لُڙڪ لَڙڻ
۽ پوءِ ان جو لَڙي ٽيڻ
تڏهن وڃي ڪا سِٽ سرجڻ
گهر اچي سا سِٽَ لکڻ
۽ اُن سِٽَ جو ڪٽي نہ ڇيڇڻ
اِن تي اندر منجهہ جلڻ
رڳو ڪامڻ پڇڻ پڇرڻ
سِٽ کي اکين آڏو جهلڻ
پوءِ پني کي ڦاڙي ڇڏڻ
ڦاڙي هوا ۾ اُڏاري ڇڏڻ!

## ڏسڻي

**مختلف نظمن ۾ آيل ڪي خاص جايون، نالا ۽ ٻيون سمجهاڻيون**

*** نما شام (نظم)**
جون: ٽڪر جي پاسي ڪان وهندڙ واهه

* سين الف ب (نظم)
(سنڌي ادبي بورڊ)

**هيڊل برگ:** آفيسٽ ڇپائي جي آٽوميٽڪ مشين
**گل ڦل:** ٻارن جو ماهوار رسالو
**سرتيون:** عورتن جو رسالو

**سنڌي ادبي بورڊ سان وابستا اديبن / پراڻن ڪارڪنن جا نالا**
سائين ميران محمد شاهه
حسام الدين راشدي
سائين جي ايم سيد
غلام رباني آگرو
محمد ابراهيم جويو
محمد عثمان ڏيپلائي
سراج ميمڻ
ابن حيات پنهور
غلام علي الانا
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي
شيخ اسماعيل
سومار علي سومرو
مولوي مائر
ميان علي بخش
ممتاز مرزا
ڊاڪٽر اسدالله بيخود

طالب لوهار
ولي محمد طاهر زادوءِ ٻيا ورڪر

*** ندي پار (نظم)**
مَس: رات

*** جاڙيون قبرون (نظم)**
مارچ: 4 مارچ 1967ع
هوشو: هوش محمد شهيد
دولهہ: دولهہ دريا خان
حيدر: حيدر علي
بختاور: هارياڻي بختاور
ٻاگهي: دودي جي پيڻ ٻاگهل ٻائي
اختر: اختر بلوچ
رياض: رياض ميمڻ
دودي جو موت: شيخ اياز جو ناٽڪ
مخدوم: مخدوم طالب المولي
شمشير: شمشير الحيدري
تنوير: تنوير عباسي
سراج: سراج ميمڻ
مشتاق: مشتاق شورو
جويي: محمد ابراهيم جويو
عليءَ: علي بابا
سانگي: مير عبدالحسين سانگي

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

